ديوانِ قادري

فقير علي محمد قادري

منهنجو گهر علم و ادب، فقر ۽ فقيريءَ، نياز ۽ نئڙت، صبر ۽ شڪر، شعر و شاعري ۽ خدمت خلق جي جذبي سان پريو پيو آهي. هن گهر ۾ فارسي، عربي، اردو ۽ سنڌي شاعري جا عالم، صاحب ديوان شاعر ۽ تصوف جي فيض جو درياهه وهائيندڙ شخص ٿي گذريا آهن. جن جون علمي، ادبي ۽ مذهبي خدمتون اڻ ڳڻيون آهن. هڪ نه پر ڪيئي بزرگ هستيون، ابو، ڏاڏو، پڙڏاڏو، سنتن جون ست پيڙهيون هڪ لڙيءَ ۾ جڙيل آهن. ست نسل هڪئي راه تي ڪرڪشيو بيٺا آهن.

هڪ خاص ڳالهه جيڪا هند سنڌ ۾ ڪٿي به اڃان تائين نه آهي وڃي ڳوليو، ڪٿي به هڪ جاءِ تي ٽي صاحب ديوان شخصيتون توهان کي نه ملنديون. ديوان گدا (1918ع)، ديوان فقير (1932ع) ۽ ديوان قادري (1940ع) هن خاندان جي فردن جا تخليقي شاهڪار آهن.

ميان علي محمد قادريءَ جيڪو هن ڪتاب جو صاحب ديوان آهي، سندس قلمي خدمتن جو ڪجهه وچورپوئين ليف تي ڏجي ٿو.

- ذوالفقار علي قادري

قادري قلم قبيلو
49 پنجين ڪمرشل اسٽريٽ
ڊفينس فيز IV، ڪراچي
021-5887643

درگاهه فقير محمد صالح قادري
ميان جي ڳڙهي، لاڙڪاڻو
فون 074-4042196

maablib.org

MAAB 1431
maablib.org

دیوانِ قادری

میان علي محمد قادري

مرکز احیاء آثار برِ صغیر
maablib.org

MAAB 1431
مرکز احیاء آثار برصغیر
maablib.org

الشعراءِ تلاميذ الرحمٰن

بہ توفيق ايزد ذوالجلال بي مثل بي مثال خالق خيابان خيال جي هي گلستان اشعار باڪمال جو هرهڪ ياسمين شعر سندس محبت ۽ معرفت جي خوشبوءِ سان مالامال آهي جنهنجي گلهاءِ الفاظ فرهنگ جي چمنستان ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ جو سنتر صاف سنڌي زبان ۾ سينگاريل آهي ۽ جنهن ۾ علم عروض جي پيچيده پيچرن وزنن ۽ بحرن کي سمجهائڻ جي سوجهري سان روشن ڪيل آهي.

مسمىٰ بہ

ديوان قادري

تصنيف ٿيل شاعر اڪمل اديب بي بدل جناب حڪيم حاجي زوار چهارده معصومين (عليهم السلام)

ميان علي محمد صاحب قادري

ولد مرحوم مغفور ميان بهاؤالدين چاماٽي ساڪن لاڙڪاڻي جو آهي.

maablib.org

حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 1940ع
ٻيو ڇاپو: 2005ع
ڪتاب جو نالو: ديوان قادري
صاحب ڪتاب: ميان علي محمد قادري
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي فون2737290
ڇپائيندڙ: قادري قلم قبيلو

مُلهه: =/200 رپيا

MAAB 1431

رابطي لاءِ
ذوالفقار علي قادري
021-5882643
021-5895284

maablib.org

ملڻ جو هنڌ
رابيل ڪتاب گهر، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو

فقير علي محمد قادري

maablib.org

فقير ميان علي محمد قادري

1885-1940

فهرست

پنهنجي پاران — ذوالفقار علي قادري	7
تقريظ – محمد پريل عفي عنه	10
ديوان ءِ صاحبِ ديوان – فقير ميان غلام عباس قادري جوش	11
حڪيم زوار حاجي علي محمد صاحب قادري	22
پروفيسر رامچند پرتا براءِ پنچواٽي	
☆ رديف الف	31
☆ رديف بايءَ	51
☆ رديف تايءَ	53
☆ رديف ثايءَ	57
☆ رديف جيم	58
☆ رديف حايءَ	60
☆ رديف خايءَ	63
☆ رديف دال	65
☆ رديف ذال	72
☆ رديف رايءَ	74
☆ رديف زايءَ	88
☆ رديف سين	90
☆ رديف شين	93
☆ رديف صاد	95
☆ رديف ضاد	98
☆ رديف طايءَ	99
☆ رديف ظايءَ	100

maablib.org

☆ رديف عين 101
☆ رديف غين 103
☆ رديف فاءِ 105
☆ رديف قاف 107
☆ رديف ڪاف 110
☆ رديف لام 112
☆ رديف ميم 115
☆ رديف نون 130
☆ رديف واءُ 148
☆ رديف هاءِ 174
☆ رديف ياءِ 185
☆ مستزاد 225
☆ مثلث 226
☆ مخمس 228
☆ مسدس 235
☆ قصيدو 237
☆ سلام بحضور امام حسين عليہ السلام 240
☆ سي حرفي 243
☆ قطعات 255
☆ رباعيات 259
☆ نموني لاءِ ٻه ٽي فارسي غزل 261
فرهنگ ديوان قادري 266
صوفين ۽ عارفن لاءِ ديوان قادري جي لفظن جي حقيقي معنيٰ 283
فصل علم عروض جي سمجهاڻي ۾ 286
تاريخات طبع 306
مفردات 312
maablib.org

پنهنجي پاران

ٻن صدين کان منهنجي خاندان سنڌي علم ادب جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، تنهن ثابت ڪيو آهي ته هي سنڌي ادب جون اداره ساز شخصيتون ۽ فقير منش درويش اهڙو بنياد وجهي ويا آهن، جنهن کي ڪوبه لوڏي نٿو سگهي. منهنجيءَ سرشت ۾ علم ادب، فقر ۽ فقيري، نياز ۽ نوڙت سرگردان آهي. ان ورثي تي ناز آهي. هڪ نه پر ڪيئي بزرگ هستيون- ابو، ڏاڏو، پڙڏاڏو، سٽن جون سٽ پيڙهيون هڪ لڙيءَ ۾ جڙيل آهن. سٽ نسل هڪ ئي راه تي ڪرڪٽيو بيٺا آهن. جيڪي ڪنهن سودي ۾ نه آيا. مون کي حيرت آهي ته انهن مان ڪو هڪ به نه وڪامي سگهيو، نه ئي سوديبازي ڪيائين. دولت جاهل جي امانت آهي، علم عاقل جي ارتقا آهي. نهايت ئي غريبيءَ جي عالم ۾ وقت گذرين، پر ڪنهن جي در تي نه ويا. بلڪ هنن جي در تي چڱا ڀلا جهڪيا ۽ اچا تائين پيا اچن. جنهن جي شاهدي درگاهه فقير ميان محمد صالح قادري آهي.

ننڍي هوندي کان ئي ڳالهيون ٻڌندو هوس. سامهون ڀرتي، شعور آيو ته اچي اڻ تڻ لڳي ۽ هڪ ڳڻتي لاحق ٿي ته هھڙن درويشن سان اسا نجي تاريخدانن، اديبن انصاف نه ڪيو آهي. سخت ڪنجوسيءَ کان ڪم ورتو اٿن. منهنجن وڏن جو هڪ نادر ڪارنامو اهو به آهي ته هنن علم ادب کي دربار مان ڪڍي عام ماڻهن تائين پهچايو. انهن کي وندرايو ۽ وقت ۽ حالتن آڏار

سڌاريو، بزم مشاعره (1915ع) ”الحقيقت“ اخبار (1922ـ1970ع) جو اجراءُ ۽ اشاعت، شفاخانہ قادريہ جي ڊاڪ، جمعيت الشعراءَ سنڌ جو قيام، سنڌي ادبي سنگت، الهلال ڊراماٽڪ سوسائٽي، اربن بئنڪ جو قيام، علم ادب لاءِ جاري ڪيل ساري ديني مدرسو، سچل سرمست سنگت، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ ۽ لطيف چيئر هن خاندان جا اهم ڪارناما آهن.

ٻي خاص ڳالهہ جيڪا هند سنڌ ۾ ڪٿي بہ اجان تائين نہ آهي، وچي ڳوليو، ڪٿي بہ هڪ جاءِ تي ٽي صاحب ديوان شخصيتون توهان کي نہ ملنديون. ديوان گدا (1918ع)، ديوان فقير (1932ع) ۽ ديوان قادري (1940ع) هن خاندان جي فردن جا تخليقي شاهڪار آهن.

”ديوان قادري“ اهو شاهڪار آهي، جنهن پنهنجي وقت ۾ ڊاڪ جمائيءَ هڪ استاد جي حيثيت ۾ ڪيترائي شاعر پيدا ڪيا ۽ شاعريءَ تي هڪ سند آهي.

اهي ذات ڏٽي ٿي هوندا آهن، جيڪي علم ۽ شعور جي روشني ڦهلائيندا آهن. ڪنهن داناءَ جو چوڻ آهي تہ، دنيا ۾ ٽي ڪم ڪندڙ ماڻهو ڪڏهن بہ فنا ناهن ٿيندا: هڪ کوه کوٽائيندڙ، ٻيو وڻ پوکيندڙ ۽ ٽيون ڪتاب لکندڙ.

اڄ هي بہ اکر لکڻ جو مطلب اهو ناهي تہ، مان رت مکي شهيدن ۾ شامل ٿيان. آئون تہ ان مهڪ جو هڪ پونئرو آهيان، جنهن جي خمار ۾ اچي اڌ صدي اڳ ديوان قادري مٿان پيل دز کي هٽايو اٿم. منهنجي محسوسات جڏهن کان بيدار ٿي آهي، تڏهن کان ان مهڪار کي آسپاس پئي پانيو اٿم، هر گهڙيءَ ائين پيو سمجهندو آهيان، چڻ تہ ساهن ۾ سمايل آهي. سوچيم تہ جيڪا صدا منهنجا وڏا هٽي ويا آهن، چونہ آئون بہ ان جو پڙلاءُ ٿيان ۽ هيءُ گونج هر ڪنهن ۽ هر زبان تائين رسايان. علم جا اڪابر چئي ويا آهن تہ جنهن پنهنجي اسلاف ۽ ورثي کان

لاتعلقي ڪئي، اها قوم اونداهين غارن ۾ هلي ويندي. زنده قومون پنهنجن جو ورثو سنڀالينديون آهن. اسان جون ڪنيل ڪاوشون ان ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿيون. اسان جون ڪنيل ڪي وکون شل صاب ٿين.

انهيءَ سلسلي ۾ قادري قلم قبيلو جو ظهور ٿيو آهي، جنهن جا ٻه ڪتاب "مجموعه درد" ۽ "لالہ رخ" سائين الطاف حسين قادريءَ جا جوڙيل پڌرا ڪري چڪا آهيون. وڏن جي قرض جو ڪجهه حصو چڪايو اٿم. هاڻ پنهنجي درويش پڙڏاڏي فقير ميان علي محمد قادريءَ جي هيءَ تصنيف اوهان جي هٿن ۾ آهي. ايندڙ گهڙين ۾ اها ٿي آس رهندي ته قادري فئملي جا جيڪي به ادبي شهپارا آهن، اوهان تائين آڻي پنهنجو فرض پورو ڪريان، جديد دور کي ڪلاسڪ ادب کان روشناس ڪرايان. دعا اٿم ته هن عمل ۾ شال ثابت قدم رهان.

ذوالفقار علي قادري

49۔ پنجين ڪمرشل اسٽريٽ
ڊفينس فيز۔ چار، ڪراچي
5882643۔5895284

تقريظ

ازجناب ماستر محمد پريل صاحب
ميونسپل ڪائونسلر لاڙڪاڻو

"ديوان قادري" تصنيف ٿيل معنيٰ القاب، شاعر شيرين زبان، عمده الشعراءِ جناب حاجي زوار حڪيم ميان علي محمد صاحب قادريءَ جو خيال سان پڙهيم. هن ديوان ۾ نعتيه، عشقيه ۽ تصوفانه غزل عجيب ۽ ذو معنيٰ سان چيل آهن.

وري فرهنگ به ڏنل آهي يعني جيڪي عربي، فارسي ۽ لغوي ڏکيا لفظ ڪم آندل آهن تن جي معنيٰ به سنڌيءَ ۾ ڏيکاريل آهي. تنهن ڪان سواءِ تصوف جي معنيٰ به ڏنل آهي جنهن مان ظاهري، باطني معنيٰ سنهجائيءَ سان سمجهڻ ۾ پيئي اچي.

خوشيءَ جي ڳالهه هيءَ آهي ته عروض جي علم جي سمجهاڻي به ڏنل آهي جنهن مان بحرن ۽ وزنن جي چڱي طرح خبرپئجي ٿي سگهي.

هي ديوان خاص مصنف صاحب جي دماغي محنت جو نتيجو آهي گويا ڪوزي ۾ سمند سمايل آهي.

اهڙو ديوان فارسي، اردو ۽ سنڌي زبانن ۾ هن ڪان اڳ نظر ڪونه آيو آهي. مطلب ته هي ديوان هر هڪ شاعر لاءِ خاص ڪري سنڌي شاعرن لاءِ نهايت مفيد آهي بلڪ هڪ استاد آهي. عيان راچه بيان

فقط

محمد پريل عفي عنه لاڙڪاڻه
تاريخ 23 جولاءِ 1940

بسم الله الرحمان الرحيم

ديوان ۽ صاحب ديوان

فقير ميان غلام عباس قادري "جوش"

حمد بيحد ۽ سپاس بيعدد انهيءَ الله الصمد لم يلد ولم يولد جو جنهن پنهنجي قدرت ڪاملہ سان زمين آسمان، جن انسان ۽ پکي حيوان پيدا ڪري خاص انسان کي عقل علم يعني علم معاني، علم تصوف، علم حڪمت، علم منطق، علم عروض يعني علم شعر گوئي وغيره جو عطا ڪري اشرف المخلوقات ڪيو. نعت بلانهايات و ثنا بي غايات سرور ڪائنات مفخر موجودات محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ جي جنهن جي طفيل هر دوجهان نيست مان هست يعني نہ هئڻ مان هئڻ ۾ آيا. جنهن پنهنجي قوت ڪاملہ سان بت پرستي جو بنياد ڪڍي حق پرستي کي قائم ڪيو. والسلام عليٰ آله الطيبين الطاهرين و عليٰ اصحابه الاڪرمين اما بعد واضح هجي تہ شعر ڇا آهي يعني موتي ۽ گوهر سخن جا بي بها جو شاعرن سخن دانن درياءَ دل ۽ دماغ جي معدن مان ٻاهر ڪڍي نظم جي سلڪ ۾ آڻي صرافن، سخن دانن ۽ دانشمندن جي اڳيان رکن ٿا. هن جو قدر انهن وٽ آهي جيڪي صاحب فصاحت ۽ بلاغت جا علم ۽ عقل وارا ماهر فن شعر گوئي جا آهن. (قادري صاحب ٿو فرمائي) بيت:

سخن دان کي سخن جو قدر آهي قادري بيشڪ

سوا صراف جي ڄاڻي نہ ڪو ٻيو قدر گوهر جو

هزارين شاعر اڳي ٿي گذريا آهن جن جا شعر عربي، فارسي، اردو هر ملڪ ۾ مشهور آهن. جو اڄ ڏينهن تائين مثنويون، ديوان قصيدا، مسدس، غزل- هن زماني ۾ ڪيترن آدمين، قابلن ۽ شعر جي شائقن ڪي وڻندڙ ۽ دل پسند آهن. جن جي شعر مان روح ڪي راحت ۽ دل ڪي فرحت ٿي اچي جي صاحب لائق تحسين ۽ آفرين جي آهن مگر سنڌي زبان ۾ شعر ۽ ديوان جيڪي فصاحت ۽ بلاغت تشبيهات سان ڀريل عروض جي قاعدي موجب اڳين فارسي اردو ديوانن جي هم پهلو گهٽ ڏسڻ ۾ ٿا اچن. هاڻي جڏهن هي ديوان قادري منهنجي پريس قادريه ۾ ڇپجڻ لاءِ آيو- ۽ مان انصاف جي نظر سان ڏٺو ته بيشڪ عروض جي علم سان ڀرپور وزن جي ترازو ۾ توريل هم پهلو اڳين فارسي اردو ديوانن جي آهي- ڇا ته شاعر صاحب شعر جي ڪنوار کي رديف قافيه ۽ تشبيهات محسنات جي زيورن سان سينگاري حقيقي پردي ۾ مجازي پوشاڪ پهرائي ظاهر ڪيو آهي جو جنهن جي ڏسڻ سان محبوب حقيقي ۽ معشوق تحقيقي جو مشاهدو نظر ٿو اچي. جيڪو به دانشمند حقيقي نظر سان ڏسندو ته ڪيس حق نظر ايندو ۽ جيڪو مجازي لباس ۾ ڏسندو ته انکي مجازي مزو ايندو. مطلب ته هن ديوان ۾ هر قسم جا شعر موجود آهن الله تعالیٰ جي توحيد، رسول مقبول ۽ امامن پاڪن جي ثنا ۽ صفت، معشوق جي تعريف، دعا ۽ مناجات، نصيحت آميز شعر، زماني جي بيوفائي دنيا جي بقائي- مئي ۽ مينا بهار ۽ خزان، ڪنهن جاءِ تي جدائي. ڪنهن هنڌ وصال- ڪٿي نياز- ڪٿي ناز- ڪٿي حق ته ڪٿي مجاز وغيره- مثال لاءِ به ٽي شعر ديوان قادري جا دانائن جي دلچسپي لاءِ لکجن ٿا:

سبحان الله- ڇا ته قادري صاحب فرمايو آهي- "بيت"

سبق پڙهه عشق جو عاشق ڪري هٿ حسن جي فرحي

پڇائج مشق مجنون جان محبت جي دبستان ۾

چوي ٿو تہ مجنون مکتب ۾ سبق پڙهندي ليليٰ جي حسن تي عاشق ٿيو ۽ ان جي منهن جي مشق اهڙي پچايائين جو جاڏي ڏسندو هو تہ ان کي ليليٰ ڏسڻ ۾ ايندي هئي. هي مجازي معنيٰ آهي ۽ حقيقي معنيٰ تہ اي عاشق تون بہ ائين مجنني وانگي انهن ظاهري حسن وارن جي فرحي تي ان معشوق حقيقي جي حسن جي مشق پچاءِ محبت جي مکتب ۾ يعني گهٽي محبت سان تہ توکي بہ معشوق حقيقي جاڏي تاڏي ڏسڻ ۾ ايندو (اينما تولوفثم وجہ الله) يعني جاڏي ڏسو تاڏي توکي هر طرف الله نظر ايندو۔ عجب تشبيهات سبق پڙهڻ، فرحي هٿ ڪرڻ، ان تي مشق پچائڻ وري مکتب ۾ هڪ بيت ۾ گڏ آڻڻ نهايت ڪماليت شاعر صاحب جي آهي۔ وري چا ٿو چوي۔ بيت

ايها فطرتي ٿي رهي ڪشش حسن بتان ۾ نهان عيان
جو انهن جي حسن جمال جو آهي جلوو مخفي مجاز ۾

يعني ظاهري حسن ۾ اهڙي تہ ڪشش آهي جو عاشق جي دل يڪدم ڇڪجي ٿي وڃي۔ اها ڪشش ڇو آهي؟ انهيءَ ڪري آهي، جو اهو حسن ظاهر، فطرتي يعني اصل کان انهيءَ ۾ حسن محبوب حقيقي جو جلوو آهي ۽ عاشق جي دل بہ انهيءَ جلوي مان پيدا ٿيل آهي. حسن پنهنجي اصول کي ڪشش ٿو ڪري اها رمز مخفي مجاز ۾ رکيل آهي۔ وري ٻئي هنڌ ٿو چوي تہ، "بيت"

هن عشق حسن جو آهي اصل و اصول هڪ
آهي فقط فرق جئين ناز و نياز ۾

يعني عشق ۽ حسن جو اصل هڪ آهي. فرق اهو آهي جو عشق ۾ نياز آهي ۽ حسن ۾ ناز آهي جو ٻئي هڪڙي نور مان ۽ هڪڙي لفظ "ڪن" جي سان پيدا ٿيل آهن (تصوف بابت) "بيت"

maahlib.org

ڏسين جي شاهدي معنيٰ تہ ڏس آئينہء دل ۾

مگران کي تون اول "صيقل" لاسان مصفاکر

جيڪڏهن تون شاهد معنيٰ يعني محبوب حقيقي الله تعاليٰ کي ڏسڻ گهرين ٿو تہ پنهنجي دل جي آئيني ۾ ڏس. جو فرمايو اٿس (وفي انفسكم افلا تبصرون) يعني مان توهان جي نفسن ۾ آهيان پر توهان نہ ٿا ڏسي سگهو. ڇو نہ ٿا ڏسو جو توهان جي دل جو آئينو صاف نہ آهي. جو انتي دنيا جي تعلقات جي ڪٽ چڙهيل آهي: اول ان کي "لا" جي صيقل سان صاف ڪر تہ پوءِ ان ۾ محبوب حقيقي ڏسي سگهندين. صيقل هڪ اوزار آهي جنهن سان آئينا ۽ هٿيار صاف ڪندا آهن ۽ لاجو اوزار لااله الاالله آهي انهيءَ مراقبي ڪرڻ سان دل صاف ٿيندي ۽ مشاهدو تجلو محبوب حقيقي جو ڏسڻ ۾ ايندو.

(وري هيءَ هنڌ ٿو فرمائي)

اهو محبوب مخفي ٿو رهي دنيا جي گلشن ۾

تجلو آهي ان جي حسن جو ظاهر حسينن ۾

يعني محبوب حقيقي دنيا جي باغ ۾ آهي مگر مخفي ٿو رهي (ان الله عليٰ كل شيءِ محيط) تحقيق الله تعاليٰ سڀ ڪنهن شيءِ تي محيط آهي ۽ ان جي جمال ۽ حسن جو تجلو جهان جي سهڻن ۾ آهي. آهي تہ هر شيءِ ۾ مگر ظاهر سهڻن ۾ آهي جو انهن کي ڏسي محبوب حقيقي جي سونهن ياد ٿي اچي، جو چيو اٿن (ان الله جميل يحب الجمال) يعني الله تعاليٰ سهڻو آهي دوست ٿو رکي سهڻن کي (هيءَ هنڌ ٿو چوي تہ ڪيئن محيط آهي هر شيءِ ۾)

اهو بي مثل قادر سڀ ڪنهن شيءِ ۾ محيط آهي

جئين جو روح تن ۾، بوءِ آهي مشڪ عنبر ۾

يعني اهو محبوب حقيقي الله تعاليٰ هر شيءِ ۾ محيط آهي جيئن روح بدن ۾ ۽ بوءِ مشڪ ۽ عنبر ۾ سڀ ڪنهن کي پڪ

آهي تہ برابر تن ۾ روح آهي، مشڪ ۽ عنبر ۾ بہ بوءِ آهي پر ڏسي ڪونہ ٿو سگهي تہ روح جي شڪل ڪهڙي آهي ۽ بوءِ جي شڪل ڪهڙي آهي. اهڙي طرح الله تعاليٰ هر شيءِ ۾ محيط آهي- (شراب بہ نسبت ڇا ٿو چوي)

ساقيا ڏي جام مئي خوش گوار
دور ٿي نشي ۾ غم هجر يار

ساقيءَ مان مراد مرشد ڪامل، (شراب وٺندڙ) شراب: معرفت ۽ بي خوديءَ جو پيار. جوان جي نشي ۾ يار جي جدائي جو غم ڇڏي وڃي جو الست جي وقت يار يعني محبوب حقيقي سان گڏ هوس، هاڻي جدا ٿي دنيا ۾ آيو آهيان. اهڙو معرفت جو شراب يعني فيض ڏي جو ان سان وڃي ملان تہ هي جدائيءَ جو غم لهي وڃي (وري ٿو چوي)

هجوم آهي خيالن واهمن جو دل تي اي ساقي
ڏي جام بادئہ وحدت جو موٽي نو بهار آيو

يعني اي مرشد ڪامل دل تي اجاين خيالن جو غلبو آهي جو ڪيترا اجايا دنيا جا ۽ عشق مجازي جا خيال دل تي ٿا اچن- جو هاڻي خوشيءَ ۽ جواني جي موسم اچي وئي آهي. هڪ جام شراب هيڪڙائي جو ڏي. يعني اهڙو فيض ڏي جو سوا هڪ محبوب حقيقي جي ٻيا خيال دل تان لهي وڃن.

(هاڻوڪي زماني جي حالت ٿو بيان ڪري)

نہ ڪي دور جام جو ٿو هلي نہ ڪي بزم ۾ ڪو مزو رهيو
نہ ڪي خم رهيو نہ سبو رهيو نہ ڪي جام مئي ۾ ضيا رهي

دور جام جو.يعني اڳيان فياض مرشد ڪامل جو فيض ڏيندا هئا هاڻي نٿا ڏين. نہ وري انهن جي مجلس ۾ ڪو توحيد ۽ معرفت جي گفتگوءَ جو مزو آهي. خم ۽ سبو مان مراد فياض ڪامل يعني نہ وري ڪو فياض ڪامل آهي- ۽ نہ وري انهن جي فيض ۾ ڪو اثر ۽ دل جي روشنائي رهي- (وري ڇا ٿو چوي)



فقير ميان غلام عباس قادري جوش

1904-1962

ڏسان مٺ ۾ دلا خالي ٿو ميخاني ۾ مئي ڪان اڄ
رهي آهي. فقط افسوس ميخاني ۾ بو باقي
مطلب ته فيض جي شراب جي فياضن وٽ فقط هن زماني
۾ بوءِ وڃي رهي آهي. (وري انهيءَ مطلب کي صاف ٿو ڪري)
"بيت"

نه ڪي فياض عالم ۾ نه ڪي ڪي طالب مولا
رهيو آهي زماني ۾ تنين جو گفتگو باقي
دل بابت ٿو چوي:
الائي دل وئي ڪاڏي پڇو ٿا جي خبر دل جي
جا آهي سيني ۾ دل سا ته آهي آب ۽ گل جي
مطلب ته چوڻ ۾ ايندو آهي ته منهنجي دل ته محبوب وٽ
آهي ۽ محبوب دل کسي ويو آهي. اها دل ته ڪا ٻي شيءِ آهي،
هي دل جيڪا پاڻيءَ ۽ مٽي جي ٺهيل آهي سا ته سيني ۾ پئي
آهي. ٻئي هنڌ ٿو فرمائي
جنهن دل ۾ درد ناهي حسينن جو قادري
آهي سا دل و ليڪن پر اسختوان دل
مطلب ته جنهن دل ۾ سهڻن جو عشق ۽ درد نه آهي اها دل
ته ڪونبي پر هڏن سان ڀريل آهي.
زماني به نسبت نصيحت
عجب نيرنگئي دنيا ۽ ان جي دلفريبي ڇا
نه ٿي قيدي عروس دهر جي زلفِ تسلسل ۾
يعني دنيا جا عجب رنگ آهن ۽ ڇا ته ان جي دل فريبڻ آهي جو
ڪي ڪهڙي ڪم ۾ ڦاٿا پيا آهن ۽ ڪي ڪهڙي ڪم ۾ ۽
ڪي حسن تي عاشق آهن.
زمانو هڪڙي ڪنوار آهي ان جي وارن پيچدارن ۾ پاڻ نه
ڦاساءِ. يعني دنيا جي حرص ۾ نه ڦاس پنهنجي محبوب حقيقي
ڏي خيال ڪر. (وري ٿو چوي)
ڪري سينگار موهي ٿي هزارين لعبت دنيا

مٿان ڦاسين انهيءَ جي عشق ۾ سهڻي ڏسي
پيڪر

يعني دنيا هزار سينگار ڪري دل کي موهي ٿي. گڏيءَ جي مثال دنيا جي سهڻي شڪل ڏسي انهيءَ تي عاشق نہ ٿيءَ- مطلب تہ دنيا جي ڪمن ۾ دل کي نہ ڦاساءِ. (شاعر هاڻي پاڻ ڏي خطاب ڪري ٿو چوي)

رهين جي بحر دنيا ۾ نہ مرغابي جان رهہ آزاد
اڏامي قادري جي تون تہ آلو ٿئي نہ تنهنجو پر

چوي ٿو، تہ دنيا درياءَ جي مثال آهي- جي تون دنيا جي درياءَ ۾ رهين تہ آڙيءَ پکي جيان آزاد رهہ جيئن آڙي درياءَ ۾ گهمندي ڦرندي وتي، جنهن وقت اڏامي تہ ان جا پرَ ۽ کنڀ آلا نہ ٿيندا آهن. تون بہ اي قادري جڏهن دنيا جي بحر مان اڏامي يعني مري وڃين تہ تنهنجو دنيا جي گناهن کان پري يعني جسم آلوده نہ هجي يعني گناهن کان پاڪ صاف هجي.
(پنهنجي مذهب ۽ اعتقاد بابت چوي ٿو)

نڪي مان مالڪي حنفي نہ شافعي حنبلي آهيان
انهن جو عشق مذهب منهنجو آهي ۽ اهو رهبر

چوي ٿو تہ مان چئني مذهبن کان پري آهيان انهيءَ محبوب حقيقي جو عشق منهنجو مذهب آهي ۽ انهيءَ جيڪا وات ڏيکاري آهي انهيءَ تي هلان ٿو. (وري ٿو چوي)

نہ مان پيرن فقيرن ۾ نہ ڪي رندن ۽ مفتن ۾
فقط هڪ عاشق جانان مان داخل درد مندن ۾

يعني مان پيرن فقيرن ۾ نہ آهيان جيتوڻيڪ مريد سندس گهڻا آهن ۽ رندن ۾ بہ نہ آهيان ۽ نہ عالمن مفتن ۾ جيتوڻيڪ سندس خيال ۽ شعر رندي ۽ شرعي گهڻا آهن. چوي ٿو تہ مان پاڻ کي نہ پير، نہ فقير، نہ رند ۽ نہ مفتي سڏايان ٿو ۽ نہ آهيان فقط مان عاشق محبوب حقيقي جو آهيان ۽ دردمندن ۾

داخل آهيان. (وري ٿو چوي) "قطعه"

ڪي سڏن سني ڪي شيعو تا سڏن سڀ خاص عام
ڪي صفا صوفي سڏن منهنجو پڙهي خوش هي ڪلام
جو ٿي آهيان سوئي آهيان جئين چون مر پيا چون
ٻارهن، پنجن، چئن جو قادري آهي غلام

مطلب ته هر هڪ بيت هر هڪ غزل ديوان قادري جو حقيقي معنيٰ ڪان سوا خالي نه آهي. معرفت جي معنيٰ سان ڀريل آهي يعني ڪوزي ۾ درياءَ بند ٿيل آهي. سندس تخلص "قادري" آهي ۽ طريقو به قادري، جو حضرت غوث الثقلين، پير دستگير محي الدين سيد عبدالقادر جيلانيؒ سان لڳي ٿو. سندس ظاهري ۽ باطني علم جو استاد. شهاب شريعت، رهبر راه طريقت شهه سوار ميدان معرفت غواص بحر حقيقت، ڪاشف سر صمد مسمي غلام محمد متخلص گدا فرزند ارجمند حضرت محمد صالح ممدوح جو جنهن پنهنجي والد بزرگوار جان درگاه قادريه لاڙڪاڻه جو سجاده نشين ٿي هزارين مريد ڪيا ۽ ڪيئي سندس فيض جي درياءَ مان فيضياب ٿيا.

شاعر صاحب ممدوح جو تعارف

شاعر صاحب جو تعارف جيتوڻيڪ محتاج بيان نه آهي جو مشهور قديمي خاندان ۽ گهراڻي جو ماٺهو آهي تنهن هوندي به قدري تعارف ضرور جاڻي ڪرايو ٿو وڃي. فقير صاحب عمدته الحڪماءَ، زبدته الشعراءَ، فصاحت بلاغت نشان عموي صاحب حڪيم حاجي ميان علي محمد صاحب قادري زوار چهاره معصومين عليهم السلام ولد مرحوم مغفور ميان بهائوالدين جاماڻي نور الله مرقده و غفرالله ذنوبه جو سندس سڪونت گاه لاڙڪاڻو آهي. عمدته العارفين، زبدته السالڪين حضرت محمد صالح رحمته الله عليه جي ياءَ جو پوٽو ۽ سندس ڏوهٽو

آهي. هن وقت درگاه قادريه جو سجاده نشين آهي ۽ سندس سلسلو حضرت فيض درجت، ڪاشف راز حقيقت، واقف رموز معرفت، درياءِ رحمت ابر عنايت حضرت عبدالحق عليه رحمت سان لڳي ٿو جو حضرت ممدوح درازن جي ڳوٺ ۾ سڪونت پذير هو جو اڄ ڏينهن تائين درازن ۾ 14 رمضان شريف جو وڏو ميلو لڳندو آهي جنهن ۾ هزارين فقير مريد خادم، راڳيندڙ ۽ قوال ڪچريون ايندا آهن ۽ ملاڪڙو به لڳندو آهي. اهو ميلو سچل سرمست جي نالي تي مشهور آهي جو صاحب ممدوح جو پائٽيو آهي، جو وڏو ولي، ستي جتي ۽ صاحب ڪشف ڪرامت جو ٿي گذريو آهي. ميان محمد صالح ۽ ميان رضا محمد ان بزرگ ڪامل جا دست بيعت مريد ٿيل هئا. هن وقت درازن ۾ ميان جان محمد عرف سخي قبول محمد ثالث سجاده نشين آهي. ۽ سندن شجرو ڄامن سان ٿو لڳي، جي سنڌ جا حاڪم هئا. جڏهن انهن جي حڪومت زواليت ڪي پهتي ته فقير صاحب ممدوح پنهنجي والد بزرگوار محمد ڪبير صاحب ۽ پائرن هرهڪ: رضا محمد ۽ الله اوباهي سان گڏجي ڪنڊياري ۽ راڻي پور جي گره نواحي ۾ جتي ڪين جاگيران مليل هيون اتي اچي ويٺا. زماني جي گردش ڪري اهي جاگيرون ويندڙيون رهيون. آخر ٿورن ڏينهن بعد ميان محمد صالح حضرت عبدالحق عليه رحمت کان فيض حاصل ڪري صاحب ولايت ۽ ڪرامت جو ٿي "الفقر فخري والفقر مني" جو نغارو وڄائي لاڙڪاڻي ۾ اچي ساڪن ٿيا. ۽ چشمو فيض ۽ هدايت جو جاري ڪري هزارن جي تعداد ۾ ملڪ به مريد ڪياٿون. سندن مريد سنڌ ۽ بلوچستان ۾ گهڻا آهن. اڄ ڏينهن تائين سندن پيري مريدي جو سلسلو جاري ۽ قائم آهي. جو بفضل خداوند ڪريم الرحيم هميشه قائم رهندو. ان وقت حڪومت ميرن صاحبن جي هئي. جو مير نور محمد خان ۽ مير شهداد خان ۽ مير نصير خان

زمينون ۽ جاگيرون ڏنيون ۽ ننگر ۽ بني جي خرچ لاءِ ٻيا امداد ۽ پروانا بہ عطا ڪيا ھئائون جڏھن انگريزن صاحبن ملڪ ورتو تہ ساڳيا پروانا ۽ جاگيرون بحال ڪري ڏنائون جو اڄان تائين وقت جي حاڪمن وٽان ڪين عزتون حاصل آھن. اڄ ڏينھن تائين فقير صاحب ممدوح جي وفات جي تاريخ تي 12 شوال کان 15 شوال تائين لاڙڪاڻي شھر ۾ ميلو ھميشه ھر سال ۾ ٿيندو آھي جنھن ۾ مريد خادم دوست- پير ۽ فقير ۽ ٻين ملڪن جا ماڻھو سون ھزارن جي تعداد ۾ ايندا آھن- مڪاني حاڪم شھر جا بہ اچي شامل ٿيندا آھن.

شاعر صاحب جو سفر

جيئن تہ سنڌ ۾- لاڙڪاڻو- سکر- شڪارپور - روھڙي- سيوھڻ- حيدرآباد- ڪراچي- جيڪب آباد ۽ انھن جي گرد نواحي ۾ سفر ڪندا آھن مريدن ۽ دوستن جي ملاقات لاءِ- عراق. ايران- ۽ حجاز ۾ خاص زيارتن، چوڏھن معصومن عليھم السلام جي لاءِ خان بھادر حاجي امير علي خان لاھوري- او- بي- اي- جي رفاقت ۽ قافلا سالاري ھيٺ پھريون ڀيرو جنوري 1924ع- ٻيو ڀيرو آڪٽومبر 1924ع، ٽيون ڀيرو مارچ 1925ع ۾ بصرو- بغداد- ڪربلا- نجف اشرف- ڪاظمين- سامرو مسيب- ڪوفہ- ملائن تخت گاه نوشيروان عراق ۾ ۽ ايران جي گرد نواحي ۾- حضرت امام موسيٰ رضا جي زيارت لاءِ مشھد مقدس پھريون ڀيرو مئي 1924ع، ٻيو ڀيرو 1926ع ۾ برجند سرو، تربت حيدري- مشھد مقدس- مڪو معظم- ۽ مدينو شريف- مارچ ۽ اپريل 1932ع مطابق ذوالقعد ۽ ذوالحج 1350 ھجري ۾ سندس شعر جيڪو سفر ۾ چيل آھي ۽ ملڪن ۽ روضن شريفن جي ملاحظات سندس سفرنامي ۾ تفصيل وار لکيل آھي جو سفر نامو ڏسڻ وٽان آھي.

غزل تاريخي

آهي عجيب خوشتر ديوان قادري
حڪمت سان پر سراسر ديوان قادري

ديوان ڪيئي آهن سنڌي زبان ۾
سڀني کان آهي بهتر ديوان قادري

هر علم هن ۾ آهي ٿورو ڪري نہ ڏس
ڪوزي ۾ آ سمندر ديوان قادري

هر لفظ مثل گوهر هر شعر سلڪ در
آهي هي درج گوهر ديوان قادري

چاهين جي دور غم تي دل کي خوشي اچي
پڙھہ شوق سان تون هر هر ديوان قادري

ٿيندين تون عاشق حق مخمور با خبر
پڙھہ زاهدا تون هيڪر ديوان قادري

چو تا ٿين پڙھڻ سان مخمور آدمي
گويا آ مئي جو ساغر ديوان قادري

فرقت فراق ان ۾ سوزو گداز پيي
1358 ذڪر درد جو آ دفتر ديوان قادري

پنجاه اٺ ۽ تيرنھہ سو سال هجري آ
تنهن ۾ ٿيو هي ظاهر ديوان قادري

اڻويھہ سئو نون ۽ ٽيهن ۾ ڇپيو آ
1939 سن عيسوي ۾ آخر ديوان قادري

هي معرفت حقيقت ۽ حسن عشق جو
اي جوش آه دفتر ديوان قادري۔

maablib.org

حڪيم زوار

حاجي علي محمد صاحب "قادري"

از قلم گوهر رقم پروفيسر مسٽر رامچند پرتا براءِ پنچواٽي (بي- اي)
(ڊي. جي. ڪاليج سنڌ)

هن ليک ۾ مان سنڌ جي هڪ شاعر شيرين زبان قادريہ خاندان فقير صاحب حاجي ميان علي محمد متخلص بہ قادري جو ڪجھ بيان ڪندس. ميا ن صاحب جو جنم سن 1886ع ڌاري لاڙڪاڻي جي شهر ۾ مرحوم ميان بهاؤ الدين صاحب قوم ڄاماڻي جي گهر ۾ ٿيو. ميان صاحب جي شناسائي جيتوڻيڪ ادبي ۽ علمي مجموعن ۾ گهٽ نہ آهي پر هن ليک جي پڙهندڙن سان سندن ڏيٺ ويٺ ڪرائڻ ضروري سمجهي روشني وڌي ٿي وڃي تہ فقير صاحب علم تصوف، علم حڪمت ۽ علم ديني ۽ دنوي کان گهڻو واقف آهي ۽ لاڙڪاڻي جي مرحوم حضرت ميان محمد صالح جي خاندان منجهان هن وقت سجاده نشين آهي. هن خاندان جي نسبت سنڌ جي حڪمران ڄامن سان آهي. ڄامن جي زوال کانپوءِ فقير صاحب حضرت ميان محمد صالح لاڙڪاڻي ۾ اچي جلوه افروز ٿي فيض هدايت جو چشمو جاري ڪيو. جتان سنڌ، بلوچستان ۽ هندستان جي ڪيترن حصن ۾ سندن فيض جو ناماچار پکڙجي ويو ۽ سندن مريدن جو سلسلو ڊگهو ٿي ويو. وقت جي حاڪمن ڪلهوڙن، ميرن ۽ پوءِ انگريز سرڪار منجهان درگاه جي خرچ لاءِ جاگيرون ۽ ٻيا پروانا جاري رهيا. هينئر ميان محمد صالح جي وفات جي تاريخ 15

شوال تي ساليانو ميلو سندن درگاه تي لاڙڪاڻي ۾ لڳندو آهي جنهن ۾ هزارين ماڻهو پري پري کان اچي گڏ ٿيندا آهن اڄ تائين بہ سندن پيري مريديءَ جو سلسلو قائم آهي جو شال هميشه قائم رهندو. ميان محمد صالح جي ياءَ ميان رضا محمد جو پٽ ميان بهاؤالدين ان جو ميان علي محمد قادري اڄ پنهنجي ڪنهن خاندان جو سجاده نشين آهي. ميان صاحب تي خاص اثر ميان غلام محمد ميان محمد صالح جي فرزند جي صحبت جو ٿيو. ميان غلام محمد جڏهن سجاده نشين هو ۽ جڏهن هن جي ڪچهريءَ ۾ ستر سالن کان جاري ٿيل سلسلو صوفي خيالات جي اظهار ڪرڻ جو چالو هو تڏهن ميان علي محمد صاحب ننڍڙو ٻار هو. ميان غلام محمد هڪ تمام قابل شاعر ۽ عارف ڪامل هو جنهن جا سنڌي ۽ پارسي شعر جا قلمي ديوان ۽ تصوف جا ڪتاب اڄ بہ ميان صاحب جي ڪتب خاني ۾ موجود آهن. ميان غلام محمد جيڪو شعر چوندو هو سو ميان علي محمد ياد ڪندو هو. هڪ صوفياڻي سنگت، ٻيو ميان غلام محمد جي شعر گوئي، ٽيون سندس تعليم مقرر ٿيل مولويءَ وٽ ۽ چوٿون سندس ياءَ حافظ مير محمد تہ سيني گڏجي ميان علي محمد قادري تي گهڻو اثر ڪيو. نيٺ اٽڪل ويهن ورهين جي ڄمار ۾ جڏهن ميان علي محمد قادري پنهنجي استاد ميان غلام محمد سان لاڙڪاڻي تعلقي جي هڪ سعيد خان فقير پنهنجي مريد وٽ ويا ۽ جڏهن ڪين اتي ارشاد ٿيو تہ طبع آزمائي ڪيو. تڏهن ميان صاحب پهريون پهريون شعر چيو ۽ اهو پارسي شعر هو:

"نشستہ برد رت اين داد خواهت
زمد تها بہ اميد نگاهت"

شعر تہ وڏو هو پر آخر ۾ چيائين:

”بيا اي قادري بي خود زخود شو
بجز مستي در اينجا نيست راحت“

مِيان صاحب جڏهن اهو شعر چيو تڏهن چئو طرف واڌايون ورڻ ويون. شهر ۾ پتاشا ورهايا ويا ۽ ميان غلام محمد فخر سان چيو ”شڪر ٿيو جو اسانجي اولاد ۾ وري به هڪ چڱو شاعر پيدا ٿيو“.

پهرين شعر جي ايتري جو ساراه ٿي تنهن ميان صاحب جي حوصلا افزائي ڪئي جنهن ڪان پوءِ ميان صاحب ڪجهه وقت لاءِ پارسي شعر چيو. جنهن ڪان پوءِ سنڌي شعر چوڻ شروع ڪيائين. سنڌي شعر ميان صاحب جيڪي چيو آهي سو ڪو پڙهي ته خبر پويس باقي منهنجي لکڻ مان ڇا اندازو لڳائي سگهندو. هزارين شعر چيا اٿس جن مان ڪجهه اندازهينئر هن ديوان ۾ ڇپجي تيار ٿيو آهي. ميان صاحب جيڪو به شعر چيو آهي تنهن ۾ گهاٽي معنيٰ آهي ۽ سليس سادا سودا راڳ جيڪي عام ماڻهن به ٻڌا هوندا تن ۾ به حقيقي راز رکيل آهي. مجاز ۾ به حقيقت ظاهر آهي. عام طرح جڏهن.

”چنڊ جهڙي اڄ چنبي سان ميٺ دلبر ٿي مليو
۽ لڳن لائڻ ليءِ لالڻ تيل تنهن ۾ ٿي رليو“

ڪڏهن تڪڙ ۾ ماڻهو ڪي جو ڪي چئي ويهندا آهن پر جي دل ڪي ٿم ڪارائي اڳتي وڌن ته جيڪر ڏسن ته متن ڪهڙو گهرو اثر ٿو ٿئي ۽ ميان صاحب جو مقصد ڪهڙو آهي. اڳتي وڌي ميان صاحب ٿو چوي:

”تيل تڏهين تو ٿئي جڏهن پاڻ سارو پيڙجي
غير گهاڻي ۾ گنوائي وصل لائق ٿي هليو.
هي مرتبو مونکي ملي ها جي هجان ها ميٺ تيل.
درد واري دل تي ٿي مون داغ حسرت جو جهليو.
عشق جي پوڙي اٽانگي اٿ چڙهڻ ڪي سر لٿل.
آه هڪ ٽڪ جو ڏاڪو پاڻ پنهنجي ڪي پليو“

کھڙو نہ عجيب، معنيٰ سان ڀرپور درد جو نصيحت آميز داستان! پنهنجي شعر کي مجازي مان حقيقي جامي پهرائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس ۽ انهن کي سولي بنائڻ جي ويچار سان، عربي ۽ پارسي لفظن کان آزاد تي ڪافيون گهٽيئي چيون اٿس جي عام طرح ڳوٺاڻا بہ ڳوٺن ۾ ڳائيندا آهن.

"ڏينهن لنگهي ويا ڪيترا وڃي وينين وساري" يا وري ٻي ڪافي چئي اٿس.

"دوست دلبر جا پون تا پل ۾ پور نوان نوان
سوزجا سيني ۾ سنيرن سهسين سور نوان نوان"

اهي ڪافيون اوائلي چيون اٿائين پر اج بہ اهي نت نيون پيون لڳن. ڪافيون تہ بجاءِ خود پر هن صاحب کي ڪو مشاعري ۾ اچي ٻڌي. لاڙڪاڻي ۾ بزم مشاعرو ميان علي محمد قادري صاحب ۽ ميان حاجي محمود خادم جي سرجوشيءَ سان تڏهن پيدا ٿيو. جڏهن سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن کي بہ مشاعري برپا ڪرڻ جو خيال بہ ڪونہ هو. ميان صاحب انڪري سنڌ ۾ بزم مشاعري پيدا ڪرڻ جي لحاظ کان شعر جي ترقي واسطي پاڻ پتوڙڻ جي ڪري "مشاعري جو ابو" ڪري ڪوٺجي تہ وڏائي نہ ٿيندو 1915ع ڌاري لاڙڪاڻہ ۾ مشاعرو ٿيڻ لڳو ۽ اج تائين ميان صاحب بزم مشاعري جو اڳرو ميمبر ٿي رهيو آهي. اج ميان صاحب جي عمر اٽڪل اسي (80) ورهيہ کان بہ مٿي آهي پر تہ بہ مڙس پنهنجي پل تي پيو هلي. شعر جوڙي، حڪمت ڪري ۽ ان سان گڏوگڏ شهر جي سياست ۾ ڀرو وٺي شهر ۽ پنهنجي قوم لاءِ پيو ڪجھ نہ ڪجھ وقت صرف ڪري. ميان صاحب لاڙڪاڻي ميونسپل جو ميمبر ۽ سينٽري ڪاميٽي جو چيئرمين ڪن سالن کان ٿيندو آيو آهي ۽ هميشه ڪيس انهيءَ شهر جي بهبوديءَ جو اونو هوندو آهي. هن ديوان کانسواءِ ميان صاحب جي ٻي تصنيف بہ ڪجھ ڇپجي چڪي آهي جيئن

”حسن عشق“ جو پوکرداس وارن ڇپايو آهي تنهن مان اندازو لڳائي ٿو سگهجي ته ميان صاحب ڪيتري قدر پنهنجي خيال کان ڪم وٺي ٿو سگهي. حسن ۽ عشق جو بيان هونئن جيڪر شايد ماڻهن کي اهڙو وڻندڙ نه لڳي پر جڏهن هن صاحب پنهنجي علحدي ۽ وڻندڙ نموني ۾ حسن کي معشوق، عشق کي عاشق، ناز غمزه کي حسن جون ساهيڙيون ۽ ڏک درد ۽ غم کي عشق جو ساٿي ٻڌائي سڄي حقيقت افسانې جي نموني ۾ گهڙي ٺاهي ٿو پيش ڪري تڏهن بي ساخته واه واه نڪري ٿي وڃي. انهيءَ ڪانسواءِ سندس ليليٰ مجنون ڪو شعر ۾ پڙهي ڏسي. ٻولي سادي، ڳالهه سلاست ۽ خيال جي بلندي، حسن عشق يا ليليٰ مجنون ڇيل جوانيءَ جي وقت جا اٽس پر ڇپيا هيئنر آهن. پنهنجي خيال جي نڪتل ڇٽنگن کي ميان صاحب جسماني صورت ڏيڻ جو استاد آهي سو نه فقط انهن مٿي ٻن ذڪر ڪيل ڪتابن ۾ آهي پر ٻين ڪتابن ۾ به جن مان وا سوختہ. ڪهاڻي مجازي عشق جي ڇپايل هريسنگهه جي به آهي. ان ڪهاڻي ۾ گويا هن پنهنجي زندگيءَ جو نقشو چٽيو آهي جتي نهايت نازڪ خياليءَ سان، پردي پوشيءَ ۾ هن پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو آهي پڙهڻ سان تعلق رکي ٿو. سندس ڪجھ شعر 1925ع ۾ نڪرندڙ رسالي ”گلدستہ“ لاڙڪاڻہ بزم مشاعري جي سايي هيٺ نڪرندڙ ماهنامي مخزن ۾ به شايع ٿي چڪا آهن. ان رسالي جو ايڊيٽر ميان علي محمد قادري خود هو. هڪ ٻيو به ننڍڙو ڪتاب ”گلدستہ نعت قادري“ ميان غلام عباس ”جوش“ ڇپايو آهي جنهن جي پڙهڻ سان خبر پوندي ته شعر سان گڏ ميان مدحي شعر به ججهو چيو آهي جنهن جي ديباچي ۾ ”خادم“ ڏيکاريو آهي ته سنڌي زبان ۾ سنڌي شاعرن جَي ڪلام جي گهٽي قلت آهي ۽ خصوصا نعتيہ ڪلامن جي ته از حد اڻاٺ آهي ۽ تنهن ڪري ”گلدستہ نعت قادري“ ان ڪري خاص جلد

۾ ڇپايو ٿو وڃي تہ سنڌي حضرات جي دلچسپيءَ جو ذريعو موجود ڪجي ۽ ميان صاحب جي نازڪ خيالي ۽ اعليٰ حوصلي جو نتيجو ڏيکارجي. ميان صاحب علم عروض جي پابندين جو نهايت ئي گهڻو خيال رکندو آهي. هن صاحب جي انهيءَ ڏس تي ويچارن جو اندازو سندس هڪ ليک مان پئجي سگهي ٿو جو هن 1936 ۾ پنهنجي رسالي ۾ لکيو جنهن ۾ هن گلدستہ ۽ بزم مشاعره کولڻ جو مقصد ٻڌايو آهي. اڄ بہ ميان صاحب جا خيال ساڳيا آهن. هو صاحب لکي ٿو "اڄ ڪلهہ هن زماني ۾ شعر گوئي جو چرچو گهڻو ڪري گهٽجي ويو آهي. مگر سنڌي زبان ۾ تہ اجايا، واهيات، غلط ۽ بي موزون شعر ۽ غزل اهڙا تہ مشهور ٿي رهيا آهن جن ۾ نہ قافيو، نہ رديف ۽ نہ وري ڪا محسنات عروض جي علم موجب، وزن جو تہ خدا حافظ. نہ سڏارو سنڌي زبان جو. اهڙي شعر گوئيءَ کان تنگ شاعري ۽ توهين شاعرن جي آهي. انهيءَ سڌاري لاءِ بزم مشاعره لاڙڪاڻہ پنهنجو فرض ادا ڪري رهي آهي جنهن ۾ رديف، قافيہ، فصاحت بلاغت تائين زبان، محاوره، تنقيد لفظي و معنوي، بندش، محسنات وغيره تي ڌيان ڏنو وڃي. جنهنجو نتيجو هي گلدستہ سنڌي آهي." ميان صاحب جي هنن خيالن سان ڀيا نقط چين شامل راءِ ٿيندا يا نہ پر منهنجو بہ اهو ويچار آهي تہ جيئن ڪا ڪنوار پوري انداز ۾ زيورن ۽ گهڻن سان وڌيڪ سوڀياوان ٿي لڳي. جيئن ڪو جهنگلي اگهاڙي گهمڻ بدران ڪپڙا پائي وڌيڪ زيبائتو ٿو لڳي. تيئن شعر بہ ڪن وزنن ۾ اچي اجاين ڪوڙن ۽ ڪچن ٽپن کان وڌيڪ وڻندڙ ٿو لڳي جنهن جي ٻڌڻ ۾ وڌيڪ سواد ٿو اچي ۽ انهن راڳن ڳائڻ ۾ وڌيڪ لطف ٿو اچي. مان ائين نہ چوندو آهيان تہ هروڀرو لفظن جي اڙ ۾ اٽڪيو پيو هجي. پوءِ شعر جو دل جو جذبو ٿئين جو ٿيو پلو. پر نازڪ خيالي ۽ بلند پروازيءَ سان گڏ جيڪڏهن

علم عروض جا قائدا بہ هجن تہ بهتر آهي. بزم مشاعري جي معنيٰ آهي شاعرن جي مجلس. هندستاني مشاعرن وانگر جن جو بنياد ايران جي لشڪر مان اڙد ٻوليءَ مان پيو. سنڌ ۾ هڪ سٽ ڏني ويندي آهي جنهن ڪي طرح جو مصرعو ڪري ڪوٺيندا آهن. ان جي آڌارتي قافيوءِ رديف خيال ۾ رکي شعر چئبو آهي. هينئر ڦيرو ايندو ٿو ويجي جو جدا جدا شيون ڏنيون ٿيون وڃن مثلاً قدرت، حب الوطني بهار- جن تي جنهن بہ نمونن ۾ شعر وٽي تيئن شعر پنهنجي خيال سان چوي. ميان صاحب مسدس، مخمس بہ چيا آهن پر مشاعره ۾ گهڻو ڪري ڏنل سٽن تي شعر جوڙيا اٿس. جي بہ ٻڌڻ وٽان ءِ قابل داد آهن. ٻيا شاعر بہ گهڻائي پنهنجو پنهنجو شعر پڙهي ويندا آهن پر ميان صاحب جو شعر گهڻو ڪري حقيقت جو نسخو هوندو آهي:

"اندر مان آهون جي منهنجي نڪتيون ٻٽيو انهيءَ مان نئين ابر رحمت
ڪريو جو قطرو گناه تي ٿيو گناه منهنجو ثواب خالص
فراق جانان ۾ رت سڪي ويو اچي اکين مان ٿو آب خالص
جگر جي حالت ڏسي ٿو روئي بره ۾ بريان ڪباب خالص
چڏي زماني کي "قادري" ڏي، فقط محبت ۾ يار جي رهہ
ٻري ٿو هاٿي زماني هن ۾ بجاءِ روغن جي آب خالص

پنهنجي دل ءِ دنيا جو بيان ڪندو انهيءَ نموني ۾ پر جڏهن پنهنجي مستيءَ لاءِ مئي گهرندو تڏهن چوندو.

"افسوس اي ساقي جو تون ڏين نٿو پئمانو
خالي ٿي ويو مئي کان تنهنجو ڇا هي خمخانو!
توحيد جي مئي جو ڏي هڪ پر ڪري پئمانو
آباد سدا ساقي تنهنجو رهي مئخانو."

حسن مجازيءَ جي ڪا اهڙي تکي نوڪ ڪانہ لڳي اٿس، جيتوڻيڪ پنهنجي فڪر رسا کان ڪم وٺي گهڻا ڪي مجاز جا

رازسليا اٿس پر سندس دل جي حالت سچ پچ اها آهي تہ:۔

جمال خوبان شباب کان پوءِ گھٽجي ٿو سو جمال ڪھڙو
ڪمال جنهن کي زوال آهي زماني ۾ سوڪمال ڪھڙو
جمال جو لايزال آهي انهيءَ کي حسن ڪمال چئبو
جو بدرمان ٿي هلال گھٽجي سو آهي روشن جمال ڪھڙو؟

هو هميشه چوندو آهي تہ دنيا جي حسينن جي حسن تي ڪھڙو اعتبار آهي بابا

”نقش را از دل رها ڪن عاشق نقاش باش“

ميان علي محمد قادري جو هينئر حڪيم بہ آهي تنهن کي حڪمت جو ورثو سندس وڏن کان مليل آهي سو جنهن جي ڪلامن سان ۽ ان سان گڏ حڪمت سان گھڻن کي فيض پيو رسائي. ايشور شال ڪيس وڏي عمر ڏئي جو هي بلند پرواز بزرگ درويش شاعر پنهنجي ڪلامن ۽ چوٽين سان ڪشمڪش ۾ آيل دلين کي معرفت جو شراب پيئاري سرجيت ڪندو رهي، سرسبز ۽ آباد ڪندو رهي.

فقط

رام پرتا براءِ پنجواڻي

(بي. اي)

maablib.org

مرکز احیاء آثار برّصغیر
MAAB 1431
maablib.org

بسم الله الرحمان الرحيم

رديف الف

بحر: رمل مسدس محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

لم يلد بي مثل ذاتِ ڪبريا
ڇا ڪري سگهندو بشر ان جي ثنا

گلشن حمدِ خدا بي انتها
فهم جي پهچي نٿي انڪي صبا

ماهيت ان جي نه ڪنهن گل جي لڌي
عقل جا ڪئين فنا ٿيا بلبلا

خالقِ اڪبر جي بي چون ذات ۾
ٿي ويا حيرت ۾ حيران انبيا

ٿو رهي غائب سو مثلِ بوءِ گل
ليڪ ظاهر باغ عالم ۾ سدا

جابجا الله اڪبر جلوه گر
چشمِ دل کولي پوءِ ڏس انجو لقا

ساه ڪان ويجهو ۽ هر سو منهن سندس
هر دو عالم ۾ آهي انجي ضيا

ماکي ڇا طاقت، ڪيان تعريف جو
مصطفيٰ فرمايو لا احصيٰ ثنا

آهي هر شيءِ تي سو قادر قادري
نا هي خالي ان سوا ارض و سما

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

اڪثر ڏسو ڪمال کي ايندو زوال آ
جو لا زوال آ سو خدا ذوالجلال آ

موجود سيڪنھن جو زماني ۾ آ مثال
الله ذوالجلال فقط بي مثال آ

معشوق بي مثال جو جلوؤ ڏسڻ محال
عنقا صفت جو وصل تہ وهم و خيال آ

ليڪن جهان ۾ آهي اهو جلوه گرمدام
انسان گل شجر ۾ انهيءَ جو جمال آ

جي معرفت جي ميڪده ۾ مست ٿا رهن
تن کي هميشه باده ڪشي جا خيال آ

هن مئي جو جام جي پئي زاهد تہ هيئن چوي
توبہ جو خون باده ڪشن کي حلال آ

اي مرغ دل نہ ڦتڪ جي ڦاٿين تہ صبر ڪر
دلبر جي دل ۾ زلف مان نڪرڻ محال آ

دنيا ۾ پئي نہ ڪنهن جو ٿي محتاج قادري
بخشل ٿي آخرت ۾ اهوئي سوال آ

maablib.org

بحر: رمل مثمن مخزوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

باغ عالم ۾ هلي هرجا ٿي دلبر جي ثنا
سرو، قمري، گل ۽ بلبل ڪن سمن برجي ثنا
ٿي ڪري هرگل سان دم دم ناز سان بادِ صبا
نازنين نازڪ بدن ۽ ناز پرور جي ثنا
خوب روين جي ثنا عاشق نتا پوري ڪرن
ڇا ڪري سگهندو بشر الله اڪبر جي ثنا
داغ دل يا شمع محفل يا منهنجي گهر جو چراغ
ياڪي، گل مان ڇا ڪيان داغ منور جي ثنا
جام گلگون مئي الستي جو ملي جن کي مدام
ڇونہ ڪن مستي ۾ سي تنهن جام احمر جي ثنا
بلبلا گل سان صراحي جام سان اي قادري
تا ڪرن باغ جهان ۾ ان جي ساغر جي ثنا

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

مصوّر بي مثال انجي ڪيڍي چا خوب صورت آ
بتِ دل خواه جي صورت عجب سانع جي صنعت آ

گلن کي رشڪ گلشن ۾ فلڪ تي ماه کي حسرت
سمن برماه طلعت کان سين سهڻن کي خجلت آ

ڪنهين ٻي سهڻي ۾ سهڻا نہ آهي وصف تو جهڙي
نہ ناز انداز غمزو آ نہ خوبي حسن سيرت آ

نزاڪت کان دل دلبر تي ٿي ٿو بار بوئي گل
نگهہ جو داغ ٿئي ٿو ان جي رخ تي چا لطافت آ

تمنا جو سچو طومار رکہ دلبر اڳيان ساري
پڌو آمون تہ اظهارِ تمنا جي اجازت آ

رهي جو غم اندر ۾ ٿو سو دلبر جي امانت آ
خوشيءَ سان ڪيئن متايان غم امانت ۾ خيانت آ

نہ گهرجي قادري جنت نہ ڪا درڪار دولت آ
فقط دارين ۾ ديدار دلبر جو غنيمت آ

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

نہ تنهنجو اي شمي خوبان هي گلزارِ جواني آ
اهو ظاهر ٿيڻ تقدير جو نقش نمائي آ

ڪيا تيرنگہ تنهنجي جو گل جان داغ سيني ۾
انهيءَ گلزار جي ما ڪي ملي اڄ پاسباني آ

اڇي رشڪ قمر گهر ڪر دل سرطان ۾ پنهنجو
ستارو منهنجي قسمت جو اوهان جي مهرباني آ

جواني جو مزو ڏي دخترِ رز ڪهہ سالي ۾
شرابِ شوق جي نشي ۾ پيري ۾ جواني آ

نہ ٿي عاشق گلن گلزار جي تي عندليبِ دل
جو دنيا بي بقا آهي گل و گلزار فاني آ

فنا جي ڦوڪ سان فاني ٿي ويندو عالم امڪان
نہ ويندو عشق انجو دل مان جوهي جاوداني آ

رهي ٿو قادري عاشق گل گلشن حقيقي تي
۽ حيران حسن ان تي آ جو حسن جاوداني آ

بحر: هزج مسدس محذوف
وزن: مفاعيلن مفاعيلن فعولن

زماني کي پلا آهي بقا ڇا
جو پيدا ٿيو نہ ٿيندو سو فنا ڇا

خدا آهي ۽ هو هوندو هميشه
نہ آهي جلوه گر هرجا بجا ڇا

جهان ۾ آهي هر صنعت جو صانع
زمين افلاڪ جو صانع نہ آ ڇا

خدا کي جي نہ هو عشق محمد
تہ خلقت خلق جي هوئي مدعا ڇا

محمدؐ واسطي پيدا ٿيو عالم
نہ آهي باعث هر دوسرا ڇا

علي حيدر بموجب قل تعالو
نہ نفس آهي حبيب ڪبريا ڇا

محمد فاطمہ حسنين حيدر
نہ پيدا نور هڪ مان سي ٿيا ڇا

ڪيا پنجتن خدا هي پاڪ پيدا
پڙهي ناهين تو آيت انما ڇا

سوا پنجن تنن جي قادري ٻيو
ڪندو محشر ۾ عاصن جي شفا ڇا

maablib.org

بحر: هزج مسدس محذوف
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفعولن

کيان مان يار جي تعريف ڇا ڇا
لطافت حسن ڇا نازو ادا ڇا

عجب گلدستہ نورِ الهي
ڪري سگهندو بشر ان جي ثنا ڇا

نہ ويندو عشق هرگز منهنجي دل مان
وجودِ گل مان بو ٿيندي جدا ڇا

نہ ٿي عاشق دلاحسن بتان تي
انهن جي حسن کي آهي بقا ڇا

نہ ڪرناصح نصيحت مئي خوري کان
شرابِ عشق آهي ناروا ڇا

وجهي گهنڊ چوڏسين ماڏي تو گلرو
ڏنم گل ڏي اها آهي خطا ڇا

سلاسل زلف ۾ دل قيد ڪئي تو
ڪسيل دل جي اها آهي سزا ڇا

صفا دل مثل آئيني جي ٿي وئي
لڳي دل تنهنجي دل سان دلربا ڇا

نہ ڇڏ خالي خدا لڳ قادري کي
تنهنجي در جو نہ آهي سو گدا ڇا

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ٻہ هر جا جلوه گرباغ جهان ۾ يار جاني آ
گل و گلزار حسنِ مهو شان انجي نشاني آ

نہ ان جي مٿ نکو ثاني اهو بي مثل لاثاني
رهي ٿو عالم امکان ۾ ليکن لامکاني آ

ڏسي انکي اها ک ڪجل مازاغ البصر جنهن ۾
نہ ڏسندو ٻيو جو موسيٰ کي جوابِ لنتراني آ

انهيءَ درياءَ معنيٰ جي صدف تطهير جو موتي
آهي لولاڪ جو مالڪ ۽ رحمت دوجهاني آ

محمد مصطفيٰ ممڪن ولي واجب نما آهي
ملي دنيا ۽ عقبيٰ جي انهن کي ڪامراني آ

نہ ڪيٖ موتي سخن جا قادري درياءَ دل جي مان
نہ صراف سخن آهي نہ ڪي اڄ قدرداني آ

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ڇڏي جنت وٺي غم هن جهان ۾ آيو آدم آ
فقط هڪ دائڻ گندم اسان لئي باعث غم آ

رهي ڪيئن آدمي بي غم جوان لئي فطرتي غم آ
تونگر چا گداگر مير توڙي شاه اعظم آ

نه خودمختيار آهي ڪو نه ڪي تقدير کان سڀ ڪجھ
هي عالم چشم بينا واسطي عبرت جو عالم آ

ڪنهن جي دل جو پيمانو ڀريل آ مئي مسرت سان
ڪهن دنيا جي ميخاني مان پيتو باده غم آ

ڇڏي حرص و هوا دنيا جو ڪر دل دوست سان هر دم
نه ڪنهن سان بخت دولت ۽ نه عزت جاه دائم آ

ڪٿي آ جام جمشيدي ڪٿي تختِ سليماني
هميشه حيُ ۽ قيوم هڪ خلاق عالم آ

حياتيءَ جو مدار آهي فقط هڪ دم تي آدم جو
نه ڇڏ خالي سوا! الله جي جو قيمتي دم آ

نه وينديِ غنچه وگل مان نه ڪي مشڪِ ختن مان بو
وڃي ڪيئن قادري غم عشق جو دل مان جو هر دم آ

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

اج مبارڪ ڇا منور رات آهي پر ضيا
جو ويو معراج تي اج رات محبوبِ خدا

خلعت اسرا ڏڪي ۽ تاج طاها سر رکي
جلوه گر ٿيو عرش تي شمع جلالت ڪبريا

سير سيني آسمانن عرش ڪرسيءَ جو ڪري
هٿ ڪيائين سڀ اثاث البيت اسرار خدا

منزل قوسين ۾ پهچي وڌيو ان کان اڳي
محرم رازِ فاوحيٰ واقف سر دنا

ڪجل مازاغ البصر چشمن ۾ پائي ناز سان
عاشقِ مشتاق جي نئين دل کسي ان دلربا

راز ڇا معراج ۾ هو رمز مخفي هوئي رکيل
نياز بي انداز هو ۽ ناز هو بي انتها

هڪ طرف هو حسن انجو جلوه گر ۽ ٻئي طرف
شعله زن هو جذبهٔ شوقِ وصالِ دلربا

خلوتِ وحدت ۾ جاتي جاءِ ڪثرت جي نہ هئي
عاشق و معشوق ٻئي ها پاڻ ۾ محو لقا

گفتگو جيڪو هو سو اِدراڪ انساني کان دور
عقل آهي قادري هن راز ۾ نا آشنا

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

يارسول الله تون محبوب حق نور الهديٰ
شان شوڪت ۾ تنهنجي قرآن نازل ڪيو خدا
تا پڙهن صلوات فلڪن تي ملڪ ۽ خود خدا
چون مان توتي پڙهان صلوات صدقا سيدا
سو سچو صديق جنهن سرتي ڪيو تو تان فدا
سخت تر فاروق اعظم ڪافرن تي هو صدا
رحم دل، صابر ۽ شاڪر صاحب حلم و حيا
۽ تراهم رڪعا ۽ سجدا سو مرتضيٰ،
پڙهه پچاڻي شوق سان انافتحنا جي ادا
تان ٿئي معلوم توکي شان عزت اتقيا
اهلبيتن واسطي نازل تي آيت انمان
مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ حسنين زهرا پاڪ تيا
پاڪ حق پنهنجا پيارا پنجتن هي پاڪ ڪيا
قل تعالو ندع موجب پڙ اهي گڏجي مليا
ملڪ عقبا هٿ ڪيائون خاص منجهه الفت خدا
ڪر مطالع منجهه ڪلام الله صورت هل اتا
امتن جي ڇوٽڪاري لئي چيو مرسل مها
مثل ٻيڙي نوح جي ٻيڙي تهين لئي ڪئي خدا
اهلبيتن جي اٿو اي قادري ٻيڙي اها
جي چڙهيا ٻيڙي تي سي محشر جي غرقي کان بچا

بحر: رجز مثمن سالم
وزن: مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

يا مير مرسل مصطفيٰ صلوات توتي سيدا
فرمايو حق صلو عليٰ صلوات توتي سيدا

اي باعثِ كون و مكان اي مالڪ هر دو جهان
اي صاحبِ تاج و لو اصلوات توتي سيدا

حجت تون خلاقِ جهان آهين نشان بينشان
اي ممڪن واجب نما صلوات توتي سيدا

تنهنجي تولد سان كليو در ڪنت ڪنزا گنج جو
اي مظهرِ ذات خدا صلوات توتي سيدا

والليل ظِل موءِ تو والفجر عڪسِ روءِ تو
والشمس عارض جي ضيا صلوات توتي سيدا

طاحا مزمل شان ۾ تنهنجي ثنا قرآن ۾
اوصاف تنهنجو خود خدا صلوات توتي سيدا

تون رحمت للعالمين ۽ تون شفيع المذنبين
هن قادري تي ڪر شفا صلوات توتي سيدا

maablib.org

بحر: رجز مثمن سالم

وزن: مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

اي سرورِ هر دوسرا صلوات توتي سيدا
اي شافعِ روزِ جزا صلوات توتي سيدا

معراج تو مرسل ڪيو ملڪن نبين ٿي چيو
ڇا شان آ شان خدا صلوات توتي سيدا

ڪل انبياها ڪنجڪي پس پيش تنهنجي يا نبي
سردار تون هر انبيا صلوات توتي سيدا

اک تنهنجي ۾ خير البشر هو ڪحل مازاغ البصر
پوءِ ڇو نہ عاشق ٿئي خدا صلوات توتي سيدا

تنهنجا پيارا اقربا جن ٿي ڪيو وعدو وفا
نازل ٿي تن لئي هل عطا صلوات توتي سيدا

اي سيدا بهري خدا عاصي جي ٻڌ هي التجا
ڪر معاف منهنجي هر خطا صلوات توتي سيدا

سگ تنهنجي درجو قادري ان جي ڪيو ڪا خاطري
محشر ۾ اي خير الوريٰ صلوات توتي سيدا

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

دائما دل کي وڻي ٿي دوست دلبر جي ثنا
خوش لڳي بلبل کي هردم ٿي گلِ تر جي ثنا

سرورِ عالم جڏهن فرمايو لااحصيٰ ثنا
ڇا ڪري سگهندو ڪو ان الله اڪبر جي ثنا

دل جو لاڙو جنهن ڏي آهي ٿو وڻي تنهنجي ثنا
تنهن ڪري الله ڪئي هر هر پيغمبر جي ثنا

تخت طاها تاج ياسين چٽ مٿس لولاڪ جو
ڪن ملڪ انسان ٿا ان شاه سرور جي ثنا

مالڪ ملڪ خدا ۽ پيشوا دينِ هديٰ
سو علي المرتضيٰ من ڪنت رهبر جي ثنا

آهه ذات پاڪ ڪان ظاهر ڪلامِ پاڪ ۾
آيتِ تطهير سان خاتون اطهر جي ثنا

سر ڏئي امت جي لئي ٿيا سبز پوش ۽ سرخرو
تاقيامت تم نه ٿي شبير شبر جي ثنا

شوق تن جي ۾ جو گوهر اڪ جي سپ مان ٿو ڪري
ٿو وٺي رب ۽ ڪري احمد ٿو گوهر جي ثنا

سو سچو صديق هو فاروق ۽ صاحب حيا
صدق دل سان قادري ڪر شاه حيدر جي ثنا

بحر: رجز مثمن سالم
وزن: مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

اي سرورِ هر دوسرا صلوات توتي سيدا
اي شافعِ روزِ جزا صلوات توتي سيدا

معراج تو مرسل ڪيو ملڪن نبين ٿي چيو
ڇا شان آ شان خدا صلوات توتي سيدا

ڪل انبياها ڪنجڪي پس پيش تنهنجي يا نبي
سردار تون هر انبيا صلوات توتي سيدا

اک تنهنجي ۾ خير البشر هو ڪحل مازاغ البصر
پوءِ چو نہ عاشق ٿئي خدا صلوات توتي سيدا

تنهنجا پيارا اقربا جن تي ڪيو وعدو وفا
نازل ٿي تن لئي هل عطا صلوات توتي سيدا

اي سيدا بهري خدا عاصي جي ٻڌ هي التجا
ڪر معاف منهنجي هر خطا صلوات توتي سيدا

سگ تنهنجي در جو قادري ان جي ڪيو ڪا خاطري
محشر ۾ اي خير الوريٰ صلوات توتي سيدا

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

مُسرت سان پريل ڏسجي ٿو هي اج گلشن دنيا
گلن ٻوٽن ۾ چا ليڪن خوشي ظاهر آهي هر جا

ڪري ٿو غمزه بازي ناز سان اج نرگسِ مخمور
تبسم سان ٿو موهي بلبلن ڪي چو گلِ رعنا

بنفشي جعد مشڪين ڪي ڏنو چو پينچ تاب آهي
شرابِ ماڪ سان آهي پريل چو ساغرِ لالا

نسيم صبح سنبل جا سنواري زلف مشڪين تي
معطران جي خوشبوڪان ٿيو جهنگل چمن صحرا

خوشي ۾ اج نتا ماپن چو ماڻهو ۽ پکي حيوان
ملڪ آهن فلڪ تي چو خوشيءَ ڪان انجمن آرا

خوشي جبريل ڪئي جبروت ۾ ملڪوت ۾ ملڪن
خوشي حورن ۽ غلمانن ڪئي منجهن جنت الما وا

فلڪ تي چو هي اج طائوس زرين رقص ۾ آهي
جوانن جان قربي چو ٿو هي اج پيرِ ڪنهن شيدا

تعجب ۾ آهي حيران پريشان عقل جو طائر
ته اج اهڙي خوشي چو ٿي زماني ۾ آهي پيدا

اچانڪ هي ندا آئي خبر توکي نه آهي چا
تولد ٿيو امامِ حق حسين ابن علي آقا

تولد سان انهيءَ جي ٿيو زمين و آسمان روشن
منور نور سان ٿي وئي زمينِ يثرب و بطحا

زمين تي آسمانن تان مبارڪ لاءِ حضرت جي
ملڪ آيا هزارين ٿي به شڪل طائر خضرا

جو هو خورشيد برج انما ۽ يوسفِ ثاني
مٿس يعقوب جان هو مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ شيدا

نه ٿي محتاج دنيا ۾ هجي مغفور عقبيٰ ۾
بحرمت سبط احمد قادري مداح يا مولا

MAAB 1431
مرکز احیاء آثار بر صغیر
maablib.org

بحر: مجتث مثمن مخبون محذوف
وزن: مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

ڏني خوشي مان اچي خوش خبر نسيم صبا
ٿيو زماني ۾ اڄ حجتِ خدا پيدا

بهار آيو ڪليا گل هزار گلشن ۾
خوشي ڪان رشڪ گلستان ٿيو ڪوه ۽ صحرا

اچي ٿي شاخ ۽ هر برگ گل ۽ غنچہ مان
عجب لذيذ صدا دل پسند صل عليٰ

خوشي نہ آهي فقط هن جهان ۾ ليڪن
خوشي وڏيڪ ڪئي آهي عالم بالا

ملڪ مقرب ڪر و بي حوران ۽ غلمان
فلڪ بهشت ۾ آهن خوشيءَ مان نغمہ سرا

ٿيو زماني ۾ پيدا محمدِ مهدي
انهيءَ جي نور سان روشن ٿيو زمين و سما

ويو ٿي باطل نابود حق ٿيو ظاهر
وجود ۾ جو جڏهن آيو حجتِ ڪبرا

اهوئي نور محمدَ اهو ئي نور خدا
اهو ئي عالم علم نبي شہ دوسرا

رسول پاڪ جو نائب مفسرِ قرآن
خدا جي ذات جو مظهر آهي جلي اخفا

غلام آهي انهيءَ جو هي قادري زوار
جهين جي در تي گسائن مٿا ٿا شاه گدا

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

چشم مئي گون ماه رويان بي خودي جو جام آ
جونگه ان جي سان دل مخمور صبح و شام آ

چو ٿو چوڙين زلف پنهنجا منهن منور جي مٿان
بس نگاه نازؔ تنهنجي مرغ دل لئي دام آ

تنهنجي ڪعبہ منهن جو هردم ٿو ڪيان طواف مان
عشق جو مون کي ٻڌايو صدق جو احرام آ

ڏي پيالا ڪن باده نوشن عيب دارن کي مدام
مغفرت جي مئي سان ساقي تو پريو جو جام آ

زاهدا ڇڏ زهد وٺ ڪجھ باده نوشي جو مزو
فصل گل ساقي سمن بر بادۀ گل فام آ

دلربا محبوب ساقي شاه خوبان نازنين
خاص محبوب خدا بيشڪ محمد چام آ

بادۀ عشق محمد جي ڪئي مخمور دل
قادري عشق بتان ۾ مفت ٿيو بدنام آ

MAAB 1431
maablib.org

بحر: هزج مسدس محذوف
وزن: مفاعيلن فاعيلن فعولن

لڪائين مون کان ٿو رخسار هي ڇا
رهين ٿو دل ۾ عنقا وار هي ڇا

تنهنجي آئينءَ رو تي مان حيران
تون منهنجي عڪس کان بيزار هي ڇا

رهين مخفي ٿو تون نفسن ۾ ليڪن
ڏسان جاڏي تہ تون نر وار هي ڇا

مڙهي مسجد ۽ ديول بتڪده ۾
ڏٺم جلوو رخ دلدار هي ڇا

ڇري هڪ پن نہ ٿو حڪم خدا کان
چون آهي بشر مختار هي ڇا

مروت ۽ وفا جو هن جهان ۾
نہ ڏسجي ٿو ڪو هڪ آثار هي ڇا

اتي خلوت ۾ بي غم قادري هو
ڪنيائين هت غمن جو بار هي ڇا

mlaabhib.org

رديف باءِ

بحر: رمل مثمن مقصور

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

اي شهي خوبانِ عالم رشڪ روئي آفتاب
خجل ڪر خورشيد منهن پنهنجي تان اڄ لاهي نقاب
جي اچين تون رات چانڊوڪيءَ ۾ مون وٽ بي نقاب
حسن تنهنجي جو بلاشڪ ذره ٿيندي ماهتاب
يار سان گڏ باغ ۾ گل ڏي ڏنو مون اوچتو
منهنجي هوندي تو ڏسين گل ڏي ڏنو دلبر عتاب
حسن ۽ عشق مجازي عيش دنيا جو مزو
بي بقا پاڻيءَ تي ڦوٽو يا ڪي آهي مثل خواب
ڏس پٽي دل جون اکيون ۽ لاهه غفلت جو حجاب
جلوه گر معشوق معنيٰ آهي مثلِ آفتاب
دل ۾ ديرو دوست جو منهن انجو آهي هر طرف
نحن اقرب اينما ڪنتم پڙهي ڏس منجهه ڪتاب
ساقيا ڏي بادئه گل گون جو آيو آ بهار
موسمِ گل گل شگفته مست نرگس نيم خواب
عشق ماڪي ڪر عطا پنهنجو ۽ پنهنجي دوست جو
يا الاهي قادري جي ڪر دعا هي مستجاب

MAAB 1431
maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف مقهور
وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

توسان وصال منهنجو ڪري شل خدا نصيب
اهڙو سدورو ڏينهن ٿئي شل دلربا نصيب

تشنہ لبي ڪي سال ويا گذري هجر ۾
جامِ وصال ٿيندو ڪڏهن ساقيا نصيب

تنهنجي تہ هجر ۾ ٿيو اي رشڪ گل ستان
لالاجان داغ دل ۾ ۽ رنج و بلا نصيب

سيماب وار يا رسوا تنهنجي آهي دل
آرام ۾ اچي جي ٿي تنهنجو لقا نصيب

بختِ سڪندري ٿي ڪلي بخت منهنجو جي
چاهِ ذقن مان تنهنجي ٿي آب بقا نصيب

دل دام زلف يار جي ۾ اوچتي اڙي
والله ان ڪي ٿيو آهي بالِ هما نصيب

گلزار حسن تي هو فدا عندليب دل
بسمل ٿيو جو ان ڪي هو تيرِ جفا نصيب

پيتو جنين جو عشق جي ميخانہ مان شراب
آهي تنين ڪي دنيا ۾ جامِ بلا نصيب

گذريو فراق ۾ تہ زمانو شباب جو
اي قادري وصال صنم هاڻي يا نصيب

maablib.org

رديف تاءِ

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

تنهنجو منهن مثل مصحف زلف بسم الله جي صورت
قدِ رعنا سراپا آ الف الله جي صورت

اکين تنهنجن ۾ آهي گهه ربا کان ٻه ڪشش وڌ جو
فقط ديدار هڪ سان دل کسين ٿو گاهه جي صورت

عرق آلوده ابرو يار جي تلوار جو هر دار
نگاهِ ناز ان جي خنجر جان گاهه جي صورت

نه انجي حڪم کان ٻاهر مونکي ڪم ڪار ڪرڻو آ
رهي ٿو دائما دلدار دل ۾ ساه جي صورت

ڪڏهن دل ۾ خوشي آهي ڪڏهن غم ٿو ڪري منزل
منهنجي دل عشق جانان ۾ ٿي منزل گاهه جي صورت

مرڻ کان پوءِ اکين ۾ نقش صورت يار جو هوندو
ڏسي حيران ملڪ ٿيندا بت دل خواه جي صورت

ڪندو ڇا تاب خورشيدِ قيامت قادري ماکي
جو ٿيندو دود داهن درد جو خرگاه جي صورت

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

خدا خلقي عجب سهڻي ڇا تنهنجي دلربا صورت
منور منهن گلابي ڳل اکيون ڪجليون سهي قامت

عجائب حسن دلڪش تنهنجو خلاق جهان خلقيو
جبين پرنور تنهنجي کان مه و خورشيد کي خجلت

اڳيان مهتاب منهن تنهنجي ستارن جان سيئي سهڻا
ملائڪ جن انسان ڇا پري حورن کي آ حسرت

نه آهي شير شڪر ۾ نه کي کا قند مصري ۾
خدا خلقي جو تنهنجي شربتِ ديدار ۾ لذت

حروفي مشق جي تحرير تنهنجي مصحفِ منهن ۾
قلم قدرت جي سان سهڻي لکي ڇا ڪاتبِ قدرت

غضب تنهنجي جي نيشاني آهي بس چين پيشاني
نگه لطف وڪرم تنهنجي بلاشڪ آيتِ رحمت

پري هرگز نه ڇڏ ما کي خدا لڳ ڪوئي پنهنجي کان
نه گهرجي دولت دنيا نه حوران ۽ نکي جنت

محبت سان نگه ڪر قادري تي اي شهِ خوبان
ڏسي مرقرب ماسان تنهنجو عالم کي اچي عبرت

maablib.org

بحر: خفيف مسدس مخبون مقصور
وزن: فاعلاتن مفاعلن فعلان

ٿو پڙهان توتي سيدا صلوات
منهنجي دل جي آ مدعا صلوات

ٿو چوان دافع بلا صلوات
ليڪن هر درد جي دوا صلوات

فرض جنهن لئي اسان تي ٿي صلوات
تنهنجو نالو نہ وٺ سوا صلوات

آل ان جي تي پڻ پڙهو صلوات
جو پڙهي تن تي مصطفيٰ صلوات

ٿو پڙهي روز عندليبِ دل
تنهنجي گل رخ تي سيدا صلوات

صبح دم منهنجي سرور قامت تي
دل جي قمري پڙهي سدا صلوات

هر دو عالم ۾ تون آهين حامي
توتي صدبار سرورا صلوات

قبر جو خوف نانهن جو آهي
ظلمت قبر لئي ضيا صلوات

يا الاهي زبان کان وقتِ مرگ
ڪلمۂ پاڪ نڪري با صلوات

گر مٺي حشر ڇا ڪندي تنهن کي
جو پڙهي قادري سدا صلوات

maablib.org

رديف ثائ

بحر: مضارع مثمن اخرب مڪفوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

دل بيقرار توکان سوا يار الغياث
ڏيکار جلد دلبر ديدار الغياث

دنيا ۾ داد منهنجي پڪارن تي جي نہ ٿيو
محشر ۾ لهج بهر خدا سار الغياث

درياءِ غم جي موج ۾ آ ڪشتيءَ خيال
ٻيڙي مثال نوح جي سا تار الغياث

دورِ فلڪ کان دائم پر درد آهي دل
ڪر دور درد دل جو اي دلدار الغياث

اُيري شبِ فراق مان جي صبح وصل جو
خوابيده بخت منهنجو ٿئي بيدار الغياث

توکان سوا ڏسان تو جي گل ڏي اي رشڪ گل
دل ۾ لڳن ٿا خارکان سئو خار الغياث

دل ۾ اي گلبدن ٿا چڀن خار خارکان
گڏ توسان خارجان ڏسي اغيار الغياث

ديدارلئي رهان ٿو سدا ڪويءَ تنهنجي ۾
هيڪر نهار ناز سان اي يار الغياث

تنهنجي اکين ۾ آهي عجب ساقيا خمار
ڏي قادري کي بادئہ ديدار الغياث

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف مسکن

وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

ناصحا ڪرڻ نصيحت صبح و شام عبث
ناهين هر گز بخدا عشق جو انجام عبث

بادهٔ عشق جي نشي ۾ رهان ٿو مخمور
ڇو جهان ۾ ٿو ڪري زاهد بدنام عبث

يار جي مئي گون چپن دست حنائي کان سوا
باده نوشي بوسہ بازي بلبِ جام عبث

بوءِ گل جان هو لطيف آهي گل اندام صبا
ٿو رهي دل ۾ انهيءَ ڏي آهي پيغام عبث

قادري ٿو رهي آزاد گلن جي وچ ۾
ڦاسندو ڪين ٿو صياد اڏي دام عبث

maablib.org

رديف جيم

بحر: مضارع مثمن اخرب مكفوف مقصور
وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

لاطمع مرد کي نہ رهي زر جو احتياج
غربت زدي کي کهڙو آ بستر جو احتياج

جنهن هٿ ڪئي جو آه فقيري جي سلطنت
ان کي نہ آهي دولت لشکر جو احتياج

ساقي ڏنو جو جام مئي عشق جو يکبار
والله ناهين ٻئي ڪنهن ساغر جو احتياج

تيرنگہ سان تو ڪري قاتل هميشه جنگ
ان کي نہ آهي تيغ ۽ خنجر جو احتياج

هر ورق گل تي ٿي لکي منقار عندليب
گلرو جي وصف ناهي ٻئي دفتر جو احتياج

وادي ۾ معرفت جي ۽ صحرا ۾ عشق جي
آهي ضرور قادري رهبر جو احتياج

بحر: رمل مثمن مخذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

دل کسڻ دل کي ڏتارڻ آهي دلبر جو رواج
ناز نيڻن جي سان مارڻ ناز پرور جو رواج

عشق جو آڙاه آهي مرغ دل جي لاءِ باغ
خوش گذارڻ باه ۾ آهي سمندر جو رواج

واعظا هرگز نہ ٿيندو وعظ تنهنجي ساڻ بند
محفلِ رندان ۾ جو آ دوار ساغر جو رواج

شيشۀ دل عاشقن جي تي هئي سنگِ فراق
دائما چرخ ستمگر جو آهي ان جو رواج

منهنجو مہ رو مثل خورشيد آهي هر دم لازوال
گم ٿيڻ گهٽجي وڃڻ ماه منور جو رواج

قادري جو قلب روشن ڪر اي خورشيد امم
ماهہ روشن ڪرڻ جيئن خورشيد انور جو رواج

maablib.org

رديف حاءِ

بحر: رمل مسدس محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

تو وٽي بلبل کي بستان هر طرح
منهنجي دل کي ڪويءِ جانان هر طرح

زلف پيچان ۾ ڪيائين قيد دل
تو وٽي هي دل کي زندان هر طرح

يار جي آئينئه رخسار تي
چشم حيرت آهي حيران هر طرح

دشت وحشت ۾ غمن جي خار ڪان
صبر جي تي چاڪ دامان هر طرح

جو رهي تو ڪنج عزلت ۾ مدام
بوريا ان لئي گلستان هر طرح

داد ڪر اي دلربا جو درد مان
تو ڪري دلگير داهان هر طرح

يا الاهي گلشن عالم ۾ ٿئي
غنچئه اميد خندان هر طرح

پنهنجي ڏوهن ڪان اي غفار الذنوب
قادري آهي پشيمان هر طرح

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

غم تہ دنيا ۾ گھڻا پر عشق جو غم ٻئي طرح
آهي هڻ عالم ۾ ليڪن هن جو عالم ٻئي طرح

عشق واري سان برابر ڪيئن تي ماتم عام جو
ان جون آهون ان جون داهون ان جو ماتم ٻئي طرح

زخم دل تدبير سان ڪڏهين نہ چٽندو اي طبيب
ان جي لپري انجو ٻرڪو انجي مرحم ٻئي طرح

حسن وارا ڪيترا پر مٽ نہ پايان يار جي
ان جو غمزو ان جو رمزو ناز دم دم ٻئي طرح

ڪير دل دلبر سوا قابو ڪري منجھہ دام جي
انجو جادو انجو افسون زلف خم خم ٻئي طرح

عشق جي آڏو نہ ايندو عقل هرگز سامهون
انجو حملو ان جو عملو ۽ قدم دم ٻئي طرح

عشق اختياري نہ ڪڏهن ڪفر ۽ اسلام کي
انجو مذهب انجي ملت قادري ڪم ٻئي طرح

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرف مڪفوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيلن فاعلن

رخ يار گلعذار جو گلزار جي طرح
دل منهنجي مست بلبل بيمار جي طرح

لالا جان لب ۽ نرگس جان نيڻ پر خمار
قد انجو سروَ مثل ڪمر وار جي طرح

انجي اکين ۾ آهي نشو جو ڏسڻ سان مان
مخمور مست ٿو رهان مئي خوار جي طرح

انکي چيو مان نياز سان هيڪر ته ماڏي ڏس
نازڪ نهاريو ناز سان پر عار جي طرح

شيرين سخن جي طرز جو هي آهي ڪرشمو
اقرار وصل ٿو ڪري انڪار جي طرح

ڪاٿي وچي سو ڪعبي ڏي ڪوئي صنم چڏي
زلفن جي تار جنهن وڌي زنار جي طرح

خواهش نه آهي ماکي گلستان جي سير جي
سي داغ دل جا ٿي پيا گلزار جي طرح

نازڪ مزاج اهڙو آهي يار قادري
ٿي دل تي ان جي نگهت گل بار جي طرح

رديف حايءِ

بحر: هزج مسدس مقصور

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

تيو آهي اسان سان بي وفا چرخ
ڪري ٿو ڪيترا ڪم ناروا چرخ

اسان جي دانهه هائي آرزو تي
ڦري دائم ٿو مثل آسيا چرخ

ڪري عاجز اڳيان زاغن جي شهباز
وڏو مڪار آهي پر دغا چرخ

هلي هرگز نه هڪ جهڙو ڪهين سان
ڦري جو پاڻ ٿو صبح و مسا چرخ

ڪي هم پهلو وصال يار ۾ خوش
ڪني ڪي ڏي جدائي جي جفا چرخ

نفاق ۽ بغض سان پر آزمانو
ڪري ڪيئي ٿو هڪٻئي کان جدا چرخ

ڪري ٿي قادري تقدير سڀ ڪجهه
نه پايون جو ڪري ٿو مبتلا چرخ

maablib.org

بحر: رمل مثمن مخذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

آهي ان عنقا نشان سان آرزوئي دل جو رخ
هائي هي آهي اجايو آرزو باطل جو رخ

نازجي خنجر سان بسمل ڏي آهي قاتل جو رخ
خنجرِ قاتل ڏي آهي عجز سان بسمل جو رخ

بيڪسي منهنجي ڏسي ۽ سر بہ ڪف قاتل اڳيان
قتل ڪان شايد ڦري پئي خنجرِ قاتل جو رخ

عشق جي درياءَ ۾ آڪشتيءِ دل پر بلا
ناخدائي شوق شل جلدي ڏسان ساحل جو رخ

منهنجو هت مشڪل رهڻ جوگ ريا جان زور سان
دل ڪسي دلبر ويو دل جي پٺيان بيدل جو رخ

زلف جي ظلمت ۾ گم ٿي وئي صراط المستقيم
رهہ نما يا رب ڏسان مان ان ۾ ڪامل جو رخ

نيت مقصد دل جو پورو ٿيندو جو آهي مدام
ڪعبۂ مقصود ڏي قبلہ نما جان دل جو رخ

ڪعبۂ مقصود آهي ان جو منهن اي قادري
آهي مسجد ڏي اجايو زاهد غافل جو رخ

MAAB 1441
maablib.org

رديف دال

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

جلد اچ دلدار مان وٽ پنهنجو ڪر اقرار ياد
تنهنجو هردم آهي ما کي وعدئه ديدار ياد

تون اچين مان وٽ ها جيڪر اي شهِ خوبان مگر
طبع شاهي تي نہ آيو وعدي وارو وار ياد

شمع رو تنهنجي تي گهوريان جان پرواني جان مان
جي اچين انجام پنهنجي کي ڪري يڪ بار ياد

توکي هر سو ٿو ڏسان جو تنهنجي صورت آهي ياد
توکي آهي يا نہ آهي عاشق دل زار ياد

خار دل ۾ تا چڀن هن باغ ۾ گل کي ڏسي
رشڪ گل جو تو پوي جنهن دم گل رخسار ياد

چشم آهو جي دريچہ مان ڏسي تو دشت ۾
تي اچي مجنون کي جنهن دم دلدئه ديدار ياد

ڪين ڦاسي لعبت دنيا جي دامِ زلف ۾
جنهن کي آهي دلربا جو دانئہ رخسار ياد

مان گهڻو عاصي ۽ تون عاصن جو شافي سيدا
روز محشر بهر حق ڪج قادري بدڪار ياد

maablib.org

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

بلبلن کي تہ اچي ٿو گل گلزار پسند
بلبل دل کي گل عارض دلدار پسند

خار بلبل کي اکين ۾ ٿو ڪري گل پيدا
هاءِ پهلو ۾ ڪيو پنهنجي جو گل خار پسند

گوهرِ اشڪ جي عقبيٰ ۾ آ قيمت ڳوري
تنهنڪري غم ۾ آهي چشم گهربار پسند

بازرِ عشق ۾ سامان ڪرو ٿو گهرجي
جنس ناقص نہ ڪري ڪوئي خريدار پسند

آهي اقرار کان انڪار ڪرشمو ان جو
لعل لب مان ٿو اچي نازجو انڪار پسند

ساغرِ مئي ۾ ڏٺم يار جو منهن اي زاهد
تنهن ڪري ٿو اچي هي ساغر سرشار پسند

مان متايان نہ خوشي سان غمِ جانان هرگز
عيش دنيا جي کان آهي غمِ غم خوار پسند

نو بهار آيو آهي بلبل خوش گل خندان
قادري کي سوا گل رخ جي نہ گلزار پسند

maablib.org

بحر: مجتث مثمن مخبون محذوف

وزن: مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلان

خدا يا دل کي اجائي غمن کان ڪر آزاد
رهي سا عشق جي غم ۾ مدام خورم شاد

خزان فراق جي دل جو چمن ڪيو ويران
نسيم وصل سان شل جلد سو ٿئي آباد

رهي ٿي هجر ۾ ناشاد دل اي رشڪ قمر
اچڻ سان شاد منور سا ڪر دلِ ناشاد

بهار آيو کليا گل هزار گلشن ۾
قفس جي قيد مان ڪڍ عندليب اي صياد

اسير ماکي ڪيو آب دانهٔ قسمت
وگر نہ دام ڪٿي مان ڪٿي- ڪٿي صياد

ڇٽن ٿا قيد مان قيدي هزارين دنيا ۾
انهيءَ جي زلف جو قيدي ڪڏهن نہ ٿيو آزاد

رهن ٿا عاشق خوش يار جي تصور ۾
گلن جي ياد ۾ بلبل قفس ۾ آهي شاد

لطيف گوش گهڻو گل جو آهي اي بلبل
اندر ۾ آه و فغان بند ڪر نہ ڪر فرياد

علي محمد شافي ۽ ساقي ڪوثر
ڪندا اي قادري هر دو سرا ۾ سي امداد

بحر: هزج مثمن اخرب مكفوف محذوف

وزن: مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

سردار محمد آهي سلطان محمد
محبوب خدا عاشق سبحان محمد

والله آهي نور خداوند مجسم
پاڇي کان سوا آهي سو انسان محمد

خالق جهان جو تہ وجود آهي جهان ۾
بي مثل جي هستي جو آ برهان محمد

لولاڪ لما قول محمد جي شان ۾
ڪل خلق جي هستيءَ جو آ امڪان محمد

قرآن ٻڌو آهي اسان ان جي زبان کان
والله آهي ناطق قرآن محمد

هو ميم محمد جو مسيحا جو مددگار
هر مرض ۽ هر درد جو درمان محمد

دنيا ۾ نڪي خوف نہ عقبيٰ ۾ ڪو خطرو
هر جاءِ منهنجو آهي نگهبان محمد

الله تي ايمان آهي جڪم انهيءَ جو
والله منهنجو قادري ايمان محمد

بحر: هزج مثمن اخرب مكفوف محذوف

وزن: مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

وه صل علي رتبۂ ذيشان محمد
جبريل امين خادم دربان محمد

هو ذات خداوند جي ۾ محو محمد
تقدير خدا تابع فرمان محمد

واليل جو تفسير آ گيسو ئي محمد
والشمس ضحيٰ عارض رخشان محمد

ظلمات وئي ڪفر جي دنيا ٿي منور
ظاهر ڪيو جو چهرئه تابان محمد

امت جي شفا جو آهي اختيار انهيءَ کي
محشر ۾ منهنجو دست بہ دامان محمد

اي قادري مان ڇو نہ ڪيان نعت نبيءَ جي
جو پاڻ خدا آهي ثنا خوان محمد

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب

وزن: مفعول فاعلاتن مفعول ،فاعلاتن

ملکِ خدا جو مالک صاحب لوا محمد
سرتاج مرسلن جو صلو عليٰ محمد

معراج لئي محمد الله ڇو گهرايو
محبوب هو انهيءَ جو سو دلربا محمد

مازاغ ڪحل اک ۾ طه جي تاج سرتي
ٿيو بزم انبيا جو رونق فزا محمد

خدمت ۾ ها ملائڪ ۽ انبيا ادب ۾
قروبي ٿيا ٿي قربان هو پيشوا محمد

شاهِ جهان محمد معراج لئي مٿي ويو
آواز عرش مان ٿيو صد مرحبا محمد

والشمس والقمر جو رب ڇو قسم ڪنيو ٿي
جو شمس ۽ قمر ۾ آهي ضيا محمد

ان نورجي ضيا کان وئي ڪفرجي سياهي
والله آهي بيشڪ نور خدا محمد

محشر ۾ اُمتن تي اول ڪندو شفاعت
جو رحمتِ خدا آ صاحب شفا محمد

ان جي شفا ۾ آهي اميد قادريءَ جي
عاصن جو آهي شافي روزِ جزا محمد

maablib.org

بحر: هزج مسدس محذوف

وزن: مفاعيلن مفاعيلن فعولن

عظيم الشان ڇا شانِ محمد
دل وجان منهنجو قربانِ محمد

صحيفا سڀ نبين ما سلف جا
ڪيا منسوخ قرآنِ محمد

منور ڏينهن جان اڄ رات آهي
جو ڄائو شمس تابانِ محمد

محمد مهديءُ آخر زمانه
ٿيو پيدا سو اڄ جانِ محمد

تولد ٿيو جو هم نامِ محمد
ٿيو پر نور ايوان محمد

ڪري ڇا قادري نعتِ محمد
خدا خود آشنا خوانِ محمد

maablib.org

رديف ذال

بحر: رمل مثمن مخبون مخذوف

وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

اي صبا جي نہ لکي موڏي ٿو دلبر ڪاغذ

رشڪ گل کي تون ڏئي آءُ تہ هيڪر ڪاغذ

رشڪ گل جي ڪري يڪبا رنگہ ڪاغذ تي

عڪس ان جي ڪان ٿي رنگين سراسر ڪاغذ

غنچہ لب ڏي ٿي لکيم داغ جگر جو احوال

اشڪ خوني سان ٿيو سرخ سراسر ڪاغذ

يار جي زلف جي مشڪين قلم ڪئي تحرير

نافتہ مشڪ کان وڌ ٿي ويو معتبر ڪاغذ

غنچہ لب خط جي پڙهڻ سان ٿو ٿئي گل خندان

جو آهي تار صبا شوق جي مسطر ڪاغذ

رشڪ گلزار جي منهنجي جو جڏهن وصف لکيم

ٿي پيو تختۂ گلزار کان خوشتر ڪاغذ

قادري بس آ قيامت ۾ براتِ بخشيش

جو لکيل يار جو مونکي ٿي ميسر ڪاغذ

بحر: مضارع مثمن اخرب مڪفوف مقصور
وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

قندو نبات شهد ڪان تنهنجو دهن لذيذ
نڪري انهيءَ مان جو ٿو سخن سو سخن لذيذ

شيرين دهان يار جي قيل و مقال ڪان
ڇا ٿيندو نطق طوطئي شڪر شڪن لذيذ

ان جي مٺن چپن جي لکي وصف جي قلم
وڌ نيشڪر ڪان ٿي ٿو قلم جو دهن لذيذ

والله آهي زاهد جنت جي سيب ڪان
ان گلبدن جي باغ جو سيبِ ذقن لذيذ

عشقِ بتان ۾ آهي شراب ۽ ڪباب ڪان
خونِ جگر ڪباب دلِ پر حزن لذيذ

ڪنهن چيز مان اچي نه مسافر کي ڪو مزو
غربت زدي کي آهي هوائي وطن لذيذ

بيدل کي دلربا ڪان سوا عشق ۾ مدام
هر لذتن ڪان وڌ آهي رنج و محن لذيذ

دل کي وڻي نه باغ سوا ڪوئي يار جي
بلبل کي قادري آهي ڪنج چمن لذيذ

MAAB 1431
maablib.org

رديف رائ

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

چمن ۾ دل جي اي عارف گلِ عرفان پيدا ڪر
عنا دل مثل دائم درد جو سامان پيدا ڪر

رهي جي دل ۾ تنهنجي دلربا خوش مثل گل خندان
تہ اول پنهنجي دل ۾ صدق جو بستان پيدا ڪر

اچي جي عشق ۾ رنج و بلا بر سر خوشيءَ سان سھہ
اٿئي جي عشق صادق عاشقي جو شان پيدا ڪر

ڏجان هرگز نٿو مان جيڪڏهن موسيٰ ٿيو بيهوش
نقابِ لن تراني مان رخِ رخشان پيدا ڪر

مريض عشق تنهنجي هجر ۾ بس جان بلب آهي
انهيءَ لئي دلربا ديدار جو درمان پيدا ڪر

محبت عشق ۾ انجي بطِ مئي جان هميشہ رهہ
دل پر خون اکين جي آب مان طوفان پيدا ڪر

عجب ۾ ٿا اچن ماڻهو ڏسي هي درد جو دفتر
مگر هن درد جي دفتر جو ڪو عنوان پيدا ڪر

وڃي دم چو اجايو دم سان هر دم گڏ هجي هم دم
اجائي دم وڃڻ لئي حسرت و ارمان پيدا ڪر

گهڻا شاعر چون ٿا شعر بي موزون ۽ بي معنيٰ
چوين جي قادري تون شڪر انجو شان پيدا ڪر

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

گلشنِ دل ۾ محبت جو شجر پيدا ڪر
تازگي ان جي لئي بس ديدئه تر پيدا ڪر

آه و فغان ڪندي ڪافور جان ٿيا وار اڇا
آه منهنجي ۾ خدا يا ڪو اثر پيدا ڪر

دور مقصود جي منزل ۽ وڃڻ آهه ضرور
هن سفر لاءِ توڪل جو ثمر پيدا ڪر

مهر طلعت ڪان سوا رات ڏکي ٿي گذري
يا الهي شبِ هجران جو سحر پيدا ڪر

حسن معشوق حقيقي جو ڏسڻ آهه محال
شوق ديدار اٿي جي ته نظر پيدا ڪر

لشڪرِ حسن ڪري روز ٿو تير اندازي
جي وڃين ان جي اڳيان ٿو ته سپر پيدا ڪر

ڪوڏ جي مثل سخن آهي جو آبي موزون
قادري دل جي صدف مان ڪوگهر پيدا ڪر

maablib.org

بحر: رمل مسدس محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

صبر ڪر اي دل اچي مرنامہ بر
حال آڻيندو سراسر نامہ بر

ٿي نہ انجي چشم شاهين جو شڪار
خير سان موٽي اچي گھرنامہ بر

مثل موسيٰ جلوئه جانان ڏسي
ٿي نہ شل بي هوش مضطر نامہ بر

ڪين ٿي اي دل پريشان مضطرب
خوش خبر آڻيندو آخر نامہ بر

صبر منهنجي جو ۽ ان جي ظلم جو
آهي شاهد روز محشر نامہ بر

نامہ بر لئي منتظر آ قادري
شل اچي سو نيڪ اختر نامہ بر

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

عيد ٿي عالم ۾ جو ٿيو عيد جو چنڊ آشڪار
عيد ڪن عاشق ڏسن جڏهين هلال ابروئي يار

آهي اڄ هرجا مسرت عالمِ امڪان ۾
عيد آئي خواهشون دل ۾ اُٿن ٿيون بيشمار

تا ڏين هڪ ٻي کي ڳل لائي مبارڪ عيد جي
من انهيءَ باعث اچي ٿي يار مان سان هم ڪنار

عندليبِ دل نہ ٿئي حيران جو آهي عيد اڄ
عيد جي مِهنہ سان اچي من منهن ڏيکاري گل عذار

چاه مان سجدو وڃي سڀ عيدگہ ۾ تا ڏين
عاشقن سجدو ڏنو منجهہ سجده گاه ڪوئي يار

عيد تن لئي آهي جن کي قرب آ قوسين جو
ناهي تن لئي عيد جن کي لن تراني جو حصار

بعه روزن ماه رمضان جي اچي وئي عيدفطر
ساقيا هاڻي تہ ڏي جامِ شراب خوش گوار

شب جدائي بعد صبح عيد اڀريو قادري
ساقيا ڏي جام مئي جو وئي خزان آيو بهار

بحر: هزج مثمن اخرب مكفوف محذوف
وزن: مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

ڇو خون ۾ عاشق جي رڳي هٿ تو ستمگر
دنيا جي گلستان ۾ حنا ناهين ڇا دلبر

ڏسجي ٿي عجب زخم جگر منهنجي جي حالت
شايد ڪو عجب تنهنجي آ تلوار ڪي جوهر

تڪبير سوا ڪيئي ڪٽا تو پر مونکي
ﷲ ڪرين ذبح تہ تڪبير چئي ڪر

ابرو ڏسي محراب جان مان ٿي ڪيو سجدو
معلوم نہ هو ما ڪي تہ هي آهي ڪو خنجر

ديدار نہ دلبر جو نہ ڪي صبر آ دل کي
گردش ۾ اچان تنهنجو تہ منحوس آ اختر

گلزار جهان ۾ ٿي پري حسن جي آتش
ان ۾ تو رهي بلبل دل مثل سمندر

ان جي تہ جفا جور جو ۽ منهنجي صبر جو
محشر ۾ ڪندو داد چڱو داوري محشر

ان ڪان سواءِ پيو ڪجھ بہ نظر ۾ نہ اچي تو
ما ڪي جو مليو بادهٔ توحيد جو ساغر

محشر ۾ هوندو شاه ۽ مخمور قادري
ڏيندو جو ان ڪي جام مئي ساقئي ڪوثر

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

ايترو دل تي ستم اي ستم ايجاد نہ ڪر
دل جلائي وري ان خاڪ کي برباد نہ ڪر

بي ڪي پيارن ڪان سوا رنج نہ ڏيندو دلبر
عشق ۾ جيڪا مصيبت اچي فرياد نہ ڪر

شعلهٔ آه ڪان سڀ تنهنجا جلي پر ويندا
ڏس اي بلبل منهنجي داهن جي روش ياد نہ ڪر

خنجرِ ناز سان قاتل ڪري بسمل تو چوي
آهين عاشق جي سچو ڦتڪ نہ فرياد نہ ڪر

لعبتِ دهر جي زلفن ۾ نہ ڦاسائج دل
بي بقا حسن بتان تي پنهنجي دل شاد نہ ڪر

قادري عشق بتان کي ڇڏ هڪ يار کي وٺ
تورڙي وقت جي لئي عمر کي برباد نہ ڪر

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

مہ و خورشيد روشن ٿي تنهنجي منهن کان ٿيو اظهر
چوان ڪيئن تنهنجي منهن کي نيرِ اعظم مہِ انور

منور نور الفت تنهنجي سان ٿي عاشقن جي دل
جڏهن تو غيب جي پردي مان پنهنجو منهن ڪيو ظاهر

ڏسي اڄ حال مئي خاني جو حيرت کان ڪريا ڳوڙها
نہ سو ساقي نہ سا مينا نہ سوخم ۾ نہ سو ساغر

لکيل منقار بلبل جي سان آهي هر ورق گل تي
جگر جي خون سان منهنجو سمورو درد جو دفتر

قرين حيران پريشان ڇو ٿو تون محبوب پنهنجي لئي
اکيون دل جون پٽي ڏس تون تہ تنهنجي دل ۾ آ دلبر

ڏسين جي شاهد معنيٰ تہ ڏس آئينئہ دل ۾
مگر ان کي تون اول صيقلِ لاسان مصفاڪر

ڪري سينگار موهي ٿي هزارين لعبتِ دنيا
متان ڦاسين انهيءَ جي عشق ۾ سهٽي ڏسي پيڪر

نہ ٿيءُ مغرور دنيا جي وڏائيءَ تي تون اي غافل
رهي سڀ ڪو مسافر ٿو، نہ دنيا آهي ڪن جو گهر

رهين جي بحر دنيا ۾ تہ مرغابي جان رهہ آزاد
اڏامي قادري جي تون تہ آلو ٿئي نہ تنهنجو پر

بحر: رجز مثمن مطوي مخبون

وزن: مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن

درد ڏنو جو دلربا درد ۾ دل کي شاد ڪر
عشق ۾ يار غار جي لذت غم کي ياد ڪر

عمر وئي فراق ۾ حسرت ۾ ۽ ياس ۾
هاڻي چوان ٿو ڇا ڀلا عشق ۾ اجتهاد ڪر

عيش نشاط بي بقا عشق جي غم کي آ بقا
رنج الم کي دل ۾ رک عيش کي خير باد ڪر

عشق رهي ٿو دائما خانهءِ دل ۾ دلربا
عشق جي روح پاڪ کي تحفهءِ غم سان شاد ڪر

هاڻي نہ آهي ڪو مزو دور فلڪ جو ٻيو ٿيو
ناز و نياز گڏ هئا وقت انهيءَ کي ياد ڪر

جو تون رهين ٿو دربدر دل ۾ ڳول يار کي
توسان هميشه آهي گڏ ان تي اعتماد ڪر

وصل گھرين جي يار جو جسم ۽ جان ڪر فدا
عشق ۾ ان جي قادري نفس سان تون جهاد ڪر

MAAB 1431
maablib.org

بحر: سريع مسدس مطوي موقوف

وزن: مفتعلن مفتعلن فاعلن

ساقيا ڏي جام مئي خوشگوار
دور ٿئي نشي ۾ غمِ هجر يار

موسم گل آئي ۽ آيو بهار
ڪين وٽي ٿو سو سوا گل عذار

درد ۾ دل ٿي رهي سيماب وار
دوست اچي دل کي ڏي هيڪر قرار

دوش ڏنو وصل جو تو واعدو
ما کي تہ ان تي گهٽو آ اعتبار

تنهنجي ڏسڻ سان ٿو کلي باغ دل
تنهنجي نگہ آهي نسيمِ بهار

تنهنجي محبت ڪيو آ دل ۾ گهر
ڪين وڃي دل جي ڳري ٿي غبار

زلف جو زنار جهين ڳل وڌو
ٿيندو انهيءَ کي نہ ملامت ڪان عار

پنهنجي گناهن ڪان آ خوش قادري
جو ٿي وسي رحمت پروردگار

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

هر دو عالم ۾ محمد مصطفيٰ خير البشر
بعد انجي حيدرِ ڪرار شاه نامور

مصطفيٰ آهي نبي ۽ مرتضيٰ آهي ولي
هڪ صرف تطهير جي مان ٿيا هي پيدا ٻئي گهر

حق علي سان ۽ علي حق سان ٿي فرمايو رسول
جو علي حق جي طرف والله آهي راه بر

جنهنجو مان مولا انهيءَ جو آهي هي مولا علي
جي نٿا وهسن اهي گمراه آهن بي خبر

مان ڇڏيو قرآن ۽ عترت هدايت واسطي
هي ٻئي هڪ نور مان امت جي لئي شمس و قمر

آهي عترت ۾ علي ۽ ناطقِ قرآن حق
جنهن عليءَ جو حق نہ ڄاتو سو آ جاهل بي بصر

شان حيدر جو ڏسي ڪيئي نصوري ٿي ويا
ڪنهن کي طاقت جو ڪري تعريف انجي سربسر

بادشاهِ هردو عالم مالڪِ ملڪ خدا
وصف انجي هل اتامن ڪنت سان ٿيو تاجور

مظهرِ ذاتِ خدا ۽ مطلع نور خدا
آيتِ تطهير سان هر رجس کان پاڪيزه تر

ڪم ڪري جو شمس جهڙو جي علي المرتضيٰ
لطف سان ناچيز ذري تي ڪري جيڪر نظر

جي ڪري بيڪار پٿرن تي نظر لطف وڪرم
بيش قيمت پل ۾ بڻجي سي ٿين لعل و گهر

جنگ ۾ نادي علي آئي محمد واسطي
ورد آهي تنهنڪري نادي علي شام و سحر

جي عليءَ جا دوست تن لئي منتظر آهي بهشت
دشمنن انجي لئي خالق خلقيو آهي سقر

الفتِ آلِ عبا جي مئي سان دل مخمور ڪر
قادري جو عرض آهي يا خدا باچشم تر

MAAB 1431
مرکز احیاء آثار بر صغیر
maablib.org

بحر: رمل مثمن سالم

وزن: مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

اي بلبل خستہ جگر الله اکبر ياد ڪر
نازڪ طبيعت آهي گل هر هر نہ تون فرياد ڪر

گل ۾ نہ ڪا بوئي وفا ۽ حسن خوبان بي بقا
دل جي قفس مان عندليب آرزو آزاد ڪر

اي نازنين نازڪ بدن تو پنهنجي دامِ زلف ۾
ڦاسايو آهي مرغ دل گهہ گاه انکي ياد ڪر

ويران دل جو گلستان ٿيو آهي بادِ هجر کان
ان کي اکين جي آب سان سرسبز ۽ آباد ڪر

تنهنجو ستم ۽ نازِ هو منهنجو نياز ۽ ساز هو
پنهنجي جفا کي ياد ڪر منهنجي وفا کي ياد ڪر

تنهنجي اڳيان ايندي عروس دهربي بي رنگ سان
نقدِ حياتي ان مٿان هرگز نہ تون برباد ڪر

پيمانئہ مئي بي خودي تون نوش ڪر اي قادري
مخمور مستي ۾ رهي هر غم کان دل آزاد ڪر

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

خوشي اڄ عالمِ امڪان ۾ آهي چئوطرف ظاهر
نہ ڪا ماپن خوشيءَ ۾ جن، انسان ۽ ملڪ طائر
بدن تي سبز خلعت نونهالن باغ جي پهري
گلستان جي عروسن کي صبا سينگاري ٿي هرهر
چٽون چيها ۽ بلبل نغمہ پرداري ۾ خوش خندان
گل لالا جو هٿ ۾ دخترِ رز کي آهي ساغر
ڪڍيو برقي ڪان ٻاهر شاهدِ گل جو شگفتہ رو
بصد آه و فغان ان تي تصدق بلبلِ مضطر
خوشي اڄ جو تمامي گلشن عالم ۾ آهي جو
تولد ٿيو امامِ حق امير المومنين جعفر
زماني ۾ ٿيو سردار صديقن جو اڄ پيدا
لقب صادق جهين جو هر دو عالم ۾ ٿيو ظاهر
جهون آهي امامِ حق لدني علم جو عالم
صدف تطهير جي موتن مان هي بہ آهي هڪ گوهر
اچي آواز ٿو صلو عليٰ هر برگ گل جي مان
ڪري هر هڪ شجر گل ٿو ثنائي خالقِ اڪبر
يتيمن بيڪسن جو يار ۽ هيڻن سندو همراه
يلن ۽ گمراهن جو خضر ثاني رهنما رهبر
ڪيان جيڪا جو مان تعريف ٿو اوصاف انجي مان
سا انجي دفتر توصيف مان آهي ثنا ڪمتر
شريعت ۽ طريقت معرفت جي بحر جو غواض
ڪري انجي ثنا ڇا ڇا ثنا گو قادري ظاهر

بحر: رمل مثمن مخذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ٿي خوشي جو عيد جو ٿيو چنڊ عالم آشڪار
خوش ٿيا مومن جيئن بلبل ٿين خوش منجهہ بهار

عيد آئي خير سان گذري ويو ماهہ صيام
عيد ۾ مومن ڪرن ٿا متقي پرهيز گار

عيد تن لئي آهي جيڪي ٿا رکن قلبِ سليم
ناهي تن لئي عيد جن جي دل تي عيبن جو غبار

عيد تن لئي آهي جي بي عيب دنيا مان وڃن
ناهي تن لئي عيد جو عيبن ڪان آهن اشڪبار

عيد سا ناهي جو پهري تن تي خلعت فاخره
عيد آهي سا جو بخشي ڪل خطائون ڪردگار

عيد آهي قادري جو خاتمو بالخير ٿي
جاءِ ڏي جنت ۾ پنهنجي فضل سان پروردگار

maablib.org

رديف زايءِ

بحر: رمل مثمن محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

اي دلا عشقِ بتان جوشِ جواني چند روز
بس غنيمت ڄاڻ پنهنجي زندگاني چند روز

بادئهِ وحدت پيايپي نوش ڪر ساقي هتان
محفلِ رندان شرابي ارغواني چند روز

عشق جي مڪتب ۾ پڙهه ليلا جي فرحي هٿ ڪري
مثل مجنون هڪ الف بس درس خواني چند روز

مثل موسيٰ رب ارني چوندي گذري عمر وئي
وصل جو وعدو آ ويجهو لن تراني چند روز

آه حسرت اشڪ خوني خلق ۾ ظاهر ڪيو
جو لڪل هو عشق جو رازِ نهاني چند روز

اي بتِ خوش خو ڇڏي ڏي ظلم سان عاشق ڪشي
ناز جي تلوار سان هي پهلواني چند روز

بي بقا گل جي محبت ڏي ڇڏي اي عندليب
رنگ رونق گلشنِ دنيائي فاني چند روز

قادري ڇئو شعر اهڙو جو ڪري دلبر پسند
بزم شعرا خوش ڪلامي شعر خواني چند روز

بحر: هزج مثمن اخرب مڪفوف مقصور

وزن: مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

هي چرخ ستمگر آهي ناساز شب و روز
رنج والم و غم آهي دم سازِ شب و روز

آهي هي ستم بس جو منهنجي راز جو محرم
اغيار سان رهي ٿو هو هم راز شب و روز

دل کي نہ صبر آهي نہ کي ننڊ اکين کي
پوشيده رهي عشق جو ڪيئن راز شب و روز

مان راز گهڻو عشق جو دل ۾ ٿو لڪايان
ڳوڙهن جو رهي طفل ٿو غماز شب و روز

ٻاڙي ٿو قباگل ۽ ٻڏي شمع ٿي روئي
پر درد منهنجي دل جو هي آواز شب و روز

ان يار جي مسڪن تي پکي عقل جو هرگز
پهچي نہ سگهي جي ڪري پرواز شب و روز

ڏي دان سخي در جي گداگر کي جو تنهنجي
گنجينۀ رحمت جو آ درباز شب و روز

بلبل کي خبر قادري ناهين ڇا خزان جي
جو گل جي ڪري حسن تي ٿو ناز شب و روز

رديف سين

بحر: كامل مثمن سالم الاكان

وزن: متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن

جيڪي دور دنيا ۾ تو ڏسان منهنجي دل کي ڏي تو سو رنج بس
ٿيو زاغ هم نشين گل جو بلبل حال زار آ منجهہ قفس

چڙي ڏي تہ خام خيال سڀ هڪ عشق يار جو دل ۾ رک
چو تہ عيش ۽ خوشي هن جهان جي بي بقا آهي بوالهوس

آهي شور باغ جهان ۾ جو وڃي تو گل جو تہ قافلو
تون نہ تو ٻڌين ڇا اي عندليب خزان وڃائي جو ٿي جرس

پنهنجي گلبدن کان جدا رهي تو بہ تنگ سيني ۾ مرغ دل
اي صبا اچي ڏي ڪا گل جي بو جو متان مجهي ان جو نفس

پنهنجي رشڪ گل جو نہ تو ڏسان مان تہ باغ دنيا ۾ ڪو نشان
اي صبا گهمين ٿي تون ڪو ڪو منهنجي گلبدن جو نشان ڏس

جي ڪيان تو آه کي اي صبا تہ لڳي ٿي باه بهار کي
جي ڪيان تو بند تہ باغ دل جو سڙي تو منهنجو نہ آه وس

ڇا بهار ابر نسيم آ تون پيار جام اي ساقيا
آهي تشنہ لب تہ هي قادري هڪ جام مئي جو ملتمس

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف
وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

محفلِ يار ۾ افسوس جو داخل نہ ٿيس
هاءِ عيبن جي ڪري لائق محفل نہ ٿيس

لاجي صيقل سان مان آئينۂ دل صاف ڪيو
آہ ان شاہ حسينان جي مقابل نہ ٿيس

سر ڪپايم نہ ڪيم اف نہ ڪي چوريم عضوا
شڪر صد شڪر جو شرمندۂ قاتل نہ ٿيس

ناصحا مئي جي پيئڻ کان ڇو جھلين ٿو ماکي
مئي جي نشي ۾ تہ ان يار کان غافل نہ ٿيس

بي خطا ما کان مٿين ڇو ٿو تون منهن اي گلرو
مان ڪهين گل جو سوا تنهنجي تہ مائل نہ ٿيس

ابر رحمت جو ڏنم ٿو وسي عاصن جي مٿان
نيڪ عملن ڏي گهڻو تنهن ڪري مائل نہ ٿيس

قادري عقل جي ناصح ڪئي تقرير گهڻي
ناصح عشق سوا بي جو مان قائل نہ ٿيس

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مكفوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

اي عندليب دل ڪر آه و فغان کان بس
باغ جهان ۾ هاءِ نہ آهي ڪو داد رس

افسوس ويو بهار خزان جي بہ وقت ۾
هڪ برگ گل ڪريو نہ جتي هو منهنجو قفس

جنهن باغ ۾ هيس مان جنهين گل تي جان نثار
تنهن ۾ وجي سوگل ڏسان جي هي پجي قفس

ان شمع رو جي جلوي سان بالِ پتنگ جان
ويو غير جو سڙي هڪ دم دل جو خار خس

عاشق جهان ۾ حسن پرستي ڪي ڪيئن ڇڏي
زاهد ڪي بعد مرگ بہ حورن جو آ هوس

ڪافور سان پريو تو جڏهن پنهنجو قافلو
ڇڏ حرس هاڻي تو چوي داهان ڪري جرس

فسق و فجور ڪبر وڏائي تونگري
سامان هي نہ ايندو اتي ڪم اي بوالوس

وئي عمر گذري فسق ۾ هاڻي خدا ڪري
شل ياد يار کان نہ اجايو وڃي نفس

جي دل سليم ناهي گناهن کان قادري
عشقِ علي محمد سيني ۾ آهي بس

رديف شين

بحر: هزج اخرب مڪفوف محذوف

وزن: مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

عاشق نہ ڪري عشق جو آزار فراموش
بيدل نہ ڪري درد دل زار فراموش

بلبل نہ قفس ۾ ڪري گلزار فراموش
مهجور ڪري ڪين رخ يار فراموش

صياد نہ ڪر بلبل نالان جو گلو بند
داهاڻ نہ ڪري مرغ گرفتار فراموش

سرو چمن ناز جو قامت ڏسي قمري
ان سرو گلستان ڪئي يڪبار فراموش

رشڪِ گل گلزار جو گل رخ ڏسي بلبل
حسرت ڪان ڪيو ان گلزار فراموش

رهہ عشق ۾ مصورجان ثابت قدم اي دل
جنهن ڪين ڪيو حق بہ سرِدار فراموش

دلدار جو دل ۾ جو آهي راز امانت
هرگز نہ ڪري قادري سو راز فراموش

maaplib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلات

بلبل آ گل کان خوش ۽ گل آهي صبا کان خوش
عاشق رهي ٿو يار جي ناز و ادا کان خوش

ماڻي سان دل کسي ۽ رکي دل ۾ دلربا
مان دل کان خوش ۽ دل آهي ان دلربا کان خوش

ماڏي ڏسي نہ ٿو هو حيا کان اکيون کڻي
آهيان مان ان جي نازاکين پر حيا کان خوش

محفل ۾ عاشقن جي محمد جو امتي
ڪلڪ قضا لکيو تہ مان ڪلڪِ قضا کان خوش

عاصن جي لاءِ منتظر آ رحمتِ خدا
والله آهيان مان پنهنجي جرم و خطا کان خوش

آهي غلام انجو دل و جان سان قادري
جنهن کان رهي ٿو خوش خدا ۽ هو خدا کان خوش

maablib.org

رديف صاد

بحر: هزج مسدس مقصور
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

گل گلشن رسالت مصطفيٰ خاص
ثمر باغ ولايت مرتضيٰ خاص

مودت جي گلستان جو هو شمشاد
ڪريم النفس حسن المجتبيٰ خاص

حسين ابنِ عليؑ شاه شهيدان
سبب انجي شهادت جو شفا خاص

نسائن ۾ ڏکي تقويٰ جي خلعت
خدا وٽ سڀ کان ٿي خيرالنسا خاص

محمدؐ فاطمہ حسنين حيدر
اهي ٿي پنجتن آلِ عبا خاص

نبين ۾ محمدؐ خاص مرسل
ولين ۾ عليؑ نور خدا خاص

حسن سردار سيني صابرن جو
شهيدن ۾ آ شاهہ ڪربلا خاص

ردا تطهير جي زهرا جي سر تي
انهيءَ لئي آئي آيت انما خاص

ڪري ڇا قادري تعريف تن جي
جني لئي آئي آهي هل اتيٰ خاص

maablib.org

بحر: هزج مسدس محذوف

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

تون آهين يا محمدؐ مصطفيٰ خاص
ڪيو سڀ خلق ۾ توکي خدا خاص

تون آهين مظهرِ ذاتِ الهيٰ
منور نور حق نورِ خدا خاص

خدا خلقيو زمين افلاڪ تو لئي
تون آهين رونقِ ارض و سما خاص

هوا معراج ۾ ڪنجڪ سان تنهنجي
ملائڪ پيش پس ۽ انبيا خاص

نہ ٿئي محتاج ڪنهن بہ ئي در جو هرگز
جو تنهنجي در رسندو آهي گدا خاص

ڪري ڇا قادري تنهنجي ثنا جو
ثنا گو تنهنجو آهي خود خدا خاص

maablib.org

بحر: متقارب مقبوض اثلم 16 سورهن رڪني

وزن: فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن

فراق جانان ۾ رت سڪي ويو اڇي اکين مان ٿو آب خالص
جگر جي حالت ڏسي ٿو روئي بره ۾ بريان ڪباب خالص

لڳو جنهين کي جو تنهنجي زلفن جي مار جو ڏنگ اي سمن بر
انهيءَ جو بس آهي زهر مهر و تنهنجي لبن جو لعاب خالص

چمن ۾ آيو جو منهنجو گلر و صبا سنواريا تي زلف ان جا
گياه ٻوٽي ۽ شاخ گل مان اچي ٿي بو مشڪ ناب خالص

تنهنجو ضعيفن ۽ مذنبن لئي ڏسڻ شفارخ آ نوشدارو
دوا گناهن جي آ مرض جي تنهنجي قدم جي تراب خالص

اندر مان آهن جي منهنجي نڪتيون ٻٽيو انهيءَ مان نئي ابر رحمتِ
ڪريو جو قطرو گناه تي ٿيو گناه منهنجو ثواب خالص

جي رند و حدت جي مئيڪده ۾ رهن ٿا شب روز مست و بيخود
ٿو گهرجي تن کي مشاهدي جو سدام ساقي شراب خالص

ڇڏي زماني کي قادري ڏي فقط محبتِ ۾ يار جي رهه
ٻري ٿو هاٽي زماني هن ۾ بجاءِ روغن جي آب خالص

رديف ضاد

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

اشڪ خوئي سان ٿيو دل جو گلستان مستفيض
ابر باران ڪان جيئن دشت و بيا بان مستفيض

مرد ڪامل جي نظر روشن ڪري قلبِ سياه
لوه پارس ڪان ٿئي انسان ڪان انسان مستفيض

يار گڏ توسان پٽي دل جون اکيون ڏس بخبر
نحن اقرب ڪان ٿين باريڪ بينان مستفيض

شمس عالم تاب ڪان مهتاب ڪي آ روشني
ان جي رخ روشن ڪان ٿيو خورشيد تابان مستفيض

ان جو نالو هو جڏهن نقش نگين انگشتري
تڏهن ان انگشتري ڪان ٿيو سليمان مستفيض

عشق ريءَ هرگز نہ ٿيندو شعر رنگين طبع زاد
حسن خوبان ڪان ٿين رنگن خيالان مستيفض

تا چون زاهد تہ آهي مئي خوري ڪار گناه
آيتِ رحمت ڪان ليڪن مئي پرستان مستفيض

زهد تقويٰ تي گهڻو زاهد کي آهي پروسو
رحمتِ يزدان ڪان ٿيندا عيب داران مستفيض

مئي خوري جي فيض ڪان زاهد رهن تا بي نصيب
بادئه وحدت ڪان آهن رند مستان مستفيض

ساقيا ڏي قادري کي بيخودي جي مئي جو جام
تنهنجي ميخانہ تان ساقي ٿيا هزاران مستفيض

رديف طاءِ

بحر: مضارع مثمن اخرب مڪفوف محذوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

دلدار جو رهي ٿو منهنجي دل ۾ غم فقط
قسمت ۾ عاشقن جي آ رنج و الم فقط

گل رو ڏي حال دل جي ڀلا ڪيئن لکان خبر
گل گون ٿئي ٿو خط جي ڪٽان ٿو قلم فقط

گل رو ڪي اي صبا تون وڃي هي نياپو ڏي
تو واسطي چمن تي آهي ان جو دم فقط

رنج و الم ٿي دور پوي مرده تن ۾ ساه
ماڏي نهاري ناز سان جي هو صنم فقط

منهنجي اکين جي رت ڪان جدائي ۾ يار جي
دامن تي لالہ زار رهي چشم نم فقط

عملن چڱن جو ڪونہ ڪنيم ساڻ ڪو ثمر
محشر ۾ تنهنجو گهرجي خدايا ڪرم فقط

آتش گناه جي ٿي پوي گلشن ثواب
مثل خليل جي ڪري نظر ڪرم فقط

طئي ڪرڻ راه عشق جي مشڪل آ قادري
سئو خار ٿو چڀي جي ڪٽان ٿو قدم فقط

رديف ظاءِ

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

يا خدا باد خزان کان تي گلستان محفوظ
دامنِ گل ۾ رهي بلبل نالان محفوظ

عشق ۾ پيرهنِ دل جي ٿي دامن صد چاڪ
هٿ جنون جي کان رهي دل جو گريبان محفوظ

نازنين دل ۾ هٽي ناز نگہ جو پيڪان
ٿو چوي نازسان رک منهنجو هي پيڪان محفوظ

خانۂ دل ۾ رکيو يار جو آهي سامان
آه سوزان کان رهي شال سو سامان محفوظ

مثل برسات اکين مان ٿو وهي دل جو خون
عشق جو راز رکان ڪهڙي طرح مان محفوظ

خال مشڪين چمن رخ جو نگهبان آهي
دامن گل ۾ رهي شل سو نگهبان محفوظ

قيد ۾ رشڪ زليخان جو رکيو يوسف دل
رنج غم کان سو رهي يوسف زندان محفوظ

آفتن دور دنيا جي کان خدا يا هردم
تنهنجي رحمت جي ردا ۾ رهي دل و جان محفوظ

دل نشانو جي آهي تيرنگ ان جي جو
قادري جورجفا کان رهي شل جان محفوظ

MAAB 1431
maablib.org

رديف عين

بحر: مضارع مثمن اخرب مكفوف محذوف

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

ان شمع رو جي حسن کان ڪمتر ضياءِ شمع
پرواني مثل ان مٿان آهي فداءِ شمع

سودا پتنگ جي ۾ سڙي ۽ رڙي ٿي زار
ڳوڙهن جي تار ٿي پئي زنجير پاءِ شمع

اي بيوفا وفا جو سبق سک تون شمع کان
پرواني واسطي ٿي جلي ڏس وفاءِ شمع

بي مثل حسن يار جو مون لاءِ قوت دل
بلبل جي لاءِ گل ۽ پتنگ لئي ضياءِ شمع

اونده کان قبر جي نه آهي خوف قادري
روشن ٿي رهندو داغ جگر جو بجاءِ شمع

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

کول عبرت جون اکيون ڏس ھي زماني جو متاع
آھ ھر ھڪ چيز ۾ ان يار جي رخ جو شعاع

زيب دنيا جو ڏسي توکان متان وسري وڃي
جو کيو تو واعدو ان يار سان وقتِ وداع

قوت آھي قلب جو ۽ آھي راحت روح جي
يار جو پيغام ڏي ٿو جو ھي آوازِ سماع

مان تہ گھايل آھيان ان تيغ نگہ دلدار جو
ليڪن آھي ان اڳيان ڪم زور عاجز ھر شجاع

عيب دار آھيان ۽ مئي خور رند ۽ صورت پرست
جھڙو تھڙو ان جو آھيان ڇو رکين زاھد نزاع

گھرج آھي ات سڻي سامان جي اي قادري
شل وڻي ان يار کي بيڪار تنھنجو ھي متاع

maablib.org

رديف غين

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ساقيا پري خدا ڏي مئي محبت جو اياغ
دل قوي مخمور اک ۽ تر معطر ٿي دماغ

چو تلون طبع منهنجي مئي خوري ۾ ٿي وئي
جو ڏنو ساقي مئي گلرنگ جو ماکي اياغ

هاءِ هن دنيا جي گلشن ۾ فلڪ جي دور کان
بلبلن قمرن کان وڌ نازان ٿا ڏسجن چند زاغ

کاملن جي نظر کان روشن رهي ٿو هي جهان
ساڪنن درياءَ جي لئي چشم ماهي آ چراغ

سرئو قد گلر و گلستان ۾ جو آيو بي نقاب
خجل گل بلبل تصدق سر نوايو سرو باغ

لعل لب ۽ روئي روشن ان جي کان اي قادري
لالهء بستان ۾ تابان کي آهي دل ۾ داغ

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

شاه حيدر کي مليو من کنت مئي جو پر اياغ
مست خورم دوست ۽ ٿيو دشمنن جي دل ۾ آداغ

گلشن پيغمبري ۾ گل ولايت جو کليو
مومنن جو انجي خوشبو کان معطر ٿيو دماغ

بلبلن جان ٿا ڏين مومن مبارڪ پاڻ ۾
دور دشمن روسيه ڦرندا وتن ٿا مثل زاغ

تاج سرتي انما جي تخت آيو هل اتيٰ
جلوه گر ان تي ڏسي دل مومن جي باغ باغ

آهي سو هارون جان فرمايو موسيٰ جي مثيل
هم سخن هم دم انهيءَ کي دم نہ آمون کان فراغ

ساقئي ڪوثر بحرمت تشنہ گانِ ڪربلا
قادريءَ کي ڏي شراب شوق پنهنجي جو اياغ

رديف فايءِ

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

منهنجو منهن قبلہ نما جان ان جي صورت جي طرف
سير صورت مان رخ عاشق حقيقت جي طرف

رشڪ گل رشڪِ چمن يا رشڪ روئي آفتاب
تو ڇڪي آئينو منهن تنهنجي جو حيرت جي طرف

رشڪ يوسف جا صبا شايد سواريا زلف جو
منهنجي دل يعقوب جيان مائل ٿي نگهت جي طرف

خنجرِ قاتل ۾ لذت آهي وصل يار جي
تنهنڪري مائل ٿي دل منهنجي شهادت جي طرف

اشڪ حسرت ياس جي سان پر اکيون منهنجون ڏسي
چشم قاتل ٿي وئي مائل عنايت جي طرف

ڪاروان عمر تنهنجي بار ڪافوري پريو
اي دل نادان اجان مائل تون عشرت جي طرف

يا الاهي عمر گذري وئي اجائي فسق ۾
قادري کي ڪر رجوع هاڻي هدايت جي طرف

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف مقصور محذوف

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

بي وس وڃي ٿي دل منهنجي دلدار جي طرف
بلبل وڃي جئين گل گلزار جي طرف

قبله نما جو قبلي ڏي منهن ٿو رهي مدام
منهن منهنجو به سدا ٿو رهي يار جي طرف

گل جان ٽڙي خوشيءَ مان جي دلدار لطف سان
يڪبار گي نگاه ڪري خار جي طرف

ان جي اکين ۾ آهي اثر وڌ مسيح کان
هڪ دم ڇٽي ڏسي جي سو بيمار جي طرف

خونِ جگر ٿيو چشمهٔ چشمن ۾ موجزن
مائل جو دل ٿي ديدهٔ خونخوار جي طرف

تنهنجي نظر جي تار منهنجي ساهه رڳ ۾ آهي
ويندس مري جي ڏسندين تون اغيار جي طرف

عاصن جو شافي آهي قيامت ۾ مصطفيٰ
رحمت به ڇوندي آهيان گنهگار جي طرف

اي قادري حسين جي ماتم ۾ رهه مدام
بخشيش حق جي آهي عذار جي طرف

maablib.org

رديف قاف

بحر: مضارع مثمن اخرب مڪفوف محذوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

بي جان جهان آهي ۽ جانِ جهان عشق
والله آهي باعث ڪون و مڪان عشق

جنبش ۾ آسمان و ملڪ آفتاب عرش
پُر درد دل مان جڏهن جو نڪتي فغان عشق

تارِ نفس جي گرچہ سگهي سان سبي مسيح
هرگز سبي سگهي نہ ٿو چاڪ سنان عشق

آھ و فغان جو شور عجب ٿيندو خلق ۾
محشر ۾ گهرندا داد جڏهن ڪشتہ گان عشق

آيس ڪري اميد تہ چونديان گل مراد
خارن سان دل پروڻ ٿي منجهہ بوستان عشق

سودو وٺي ڪو سالڪ نئي نقد دل جي
بازار حسن جي ۾ کليو آ دڪان عشق

ٿي عمر تنهنجي حرص ۾ سڀ صرف قادري
ڪر نوش هاڻي جام مئي جاودان عشق

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

عشق آهي نور حق جو مطلع الانوار عشق
عشق کان ظاهر زمانو مظهر الاسرار عشق

عرش ڪرسي آسمان جن و بشر حور و ملائڪ
ڪين نڪرن ها عدم مان جي نہ ٿي اظهار عشق

ڪي ٽڪرتا ڪي مري ويا ڪي سڪن سڪ ۾ مدام
ڪي کڻائي ڪات سان ڪي نيزي سر نوار عشق

رب ارني عشق آهان لن تراني ناز حسن
عاشق و معشوق عجز و ناز سڀ اظهار عشق

لي مع الله گفتگو ۽ پڻ اناالحق قادري
ڪيئن چوي ڪو آدمي هي ٿو چوي هر بار عشق

maablib.org

بحر: خفيف مسدس مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن مفاعلن فعلن

هي جهان آهي ڪارخانۂ عشق
جا بہ جا آهي داستانۂ عشق

حڪمران دل جي تخت تي آهي
درد رنج و الم خزانۂ عشق

خون عشاق دانائي اشڪ
ڏس اهو آهي آب دانۂ عشق

پهچندو نئي سو ڪوئي جانان ۾
جنهن جهليو آهي تازيانۂ عشق

حجر اسود آ خال روئي نگار
سجده گر آهي آستانۂ عشق

عشق جو سير آهي سڀ ڪنهن جاءِ
قادري دل ۾ آهي خانۂ عشق

MAAB 1431
maablib.org

رديف ڪاف

بحر: خفيف مسدس مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن مفاعلن فعلن

عشق جي غم ۾ دل ڪي ناهي باڪ
ٿيندي آخر ته شاد دل غم ناڪ

تار ڳوڙهن جي سان نه ٿو سبجي
عشق ۾ جو ٿئي گريبان چاڪ

وادي عشق ۾ فقط مان ڇا
آدمي ڪيئي ٿا ڦرن بي باڪ

يار بيرنگ جي تمنا ۾
بي بقا رنگ ڪان آهي دل پاڪ

پاڻ کي خلق ڪان لڪائڻ لئي
طرحين طرحين جي ٿو ڍڪي پوشاڪ

گاه انڪار ۽ گهي اقرار
راز انجي ۾ آهي گم ادراڪ

شافع ماعلي محمدؐ بس
خوف محشر ڪان قادري بي باڪ

maablip.org

بحر: خفيف مسدس مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن مفاعلن فعلن

خوف محشر کان سي ٿيا بي باڪ
جي ستا مست زير سايهٔ تاڪ

باغ عالم ۾ مئي الست جا مست
ٿا ڏسن موج مئي جي منجھ رڳ تاڪ

آتش عشق جي اجهائڻ لئي
آهي بس آب ديده غم ناڪ

قصر معشوق جي بلنديءَ تي
ڪين پهچي ٿو طائرِ ادراڪ

آب ديدن جو عيب ڌوئيندو
گرد ڪان وڻ ڪري ٿو باران پاڪ

گل جي خاطر چمن ۾ اي بلبل
ميڙ پنبڻن سان پنهنجي خس خاشاڪ

قادري ڪي مليو محبت مان
بادئه عشق صاحبِ لولاڪ

maablib.org

رديف لام

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

آهي اعليٰ شان شوڪت رفتِ حضرت رسول
ڄاڻي ٿو الله اڪبر عظمتِ حضرت رسول

سڀ نبين کان شرف ۾ وڏ ۽ محبوبِ خدا
بس خدا کان پوءِ آهي عزت حضرت رسول

بعد احمد جي علي المرتضيٰ جو شان آهہ
جو انهيءَ سان آهي بيشڪ اخوتِ حضرت رسول

مصطفيٰ من ڪنت فرمايو ۽ اني تارڪ
آهي قرآن راه بر ۽ عترتِ حضرت رسول

اهلبيتن کي خدا هڪ نور مان پيدا ڪيو
تن جي بيشڪ عزت آهي عزتِ حضرت رسول

پيروي پنجن تنن جي آهي راهِ مستقيم
ڇڏ محبت غير جي وٺ ملتِ حضرت رسول

جا ڪري امت اطاعت اهلبيتن جي مدام
سا وڃي جنت ۾ اول امت حضرت رسول

دل منور الفتِ آلِ محمد جي سان ڪر
جي گهرين قربِ خدا ۽ قربتِ حضرت رسول

قادري زروار جي هي التجا آهي خدا
جو چمي چشمن سان هيڪر تربتِ حضرت رسول

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مكفوف محذوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

آتش فراق ۾ رهي ڪيئن برقرار دل
بس سيمبر سوا آهي سيماب وار دل

دلبر کسي ويو آهي صبر و قرار دل
قبضي ۾ هاٿي ناهين سندم بيقرار دل

پاڻي تي رت اکين مان ويو جوش عشق کان
بي آب سمڪ جان تي رهي بيقرار دل

آهن کي چمڪ تو چڪي ۽ گاه گر ربا
ناز و ادا سان تو چڪي دلدار يار دل

پيمانو مئي محبت جو يار جو ڏنو
اک سرخ جان مست ۽ تي پر خمارِ دل

دلدار جي اچڻ جو ۽ ديدار يار جي
آهي اکين کي آرزو ۽ انتظار دل

دل درد واري ناهين جا سهڻن جي سوز ۾
منهنجي نظر ۾ آهي اها بيوقار ڏل

محشر ۾ منهن مٿي ڪري ڪيئن پنهنجو قادري
ڏوهن گهڻن کان آهي گهڻو شرمسار دل

بحر: مضارع مثمن اخرب مڪفوف محذوف مقصور
وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

داهان ڪري فراق ۾ ٿي ناتوان دل
آخر ڪندي اثر وجي آه و فغان دل

دورِ فلڪ ۾ دل سٺا صد مان سوين هزار
والله آهي درد ڀريل داستان دل

آڏو اچن ٿيون عشق ۾ ڪيئي مصيبتون
رنج و بلا ۾ آهي مگر شاد مان دل

ابرِ بهار جان ٿيون وسن عشق ۾ اکيون
سر سبز تنهن ڪري ٿو رهي گلستان دل

جلوي ڏسڻ سان يار جي يڪبار ٿي وئي
تيغ نگه ۽ تير مژه جو نشان دل

جيڪو سخن ٿو نڪري نہ سمجهو زبان جو
آهي زبان منهنجي فقط ترجمان دل

جنهن دل ۾ درد ناهي حسينن جو قادري
آهي سا دل و ليڪن پر استخوان دل

رديف ميم

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

خداوندا گلِ مقصود کولج دل جي بستان ۾
قران ٿو بلبلِ شيدا جان حيرت جي گلستان ۾

نہ ٿيو حاصل سوا حسرت جي پيو ڪجھ عشق خوبان ۾
وئي سڀ عمر گذري آرزوئي وصل جانان ۾

گلستان کان جدا قسمت ڪري قيدي ڪيو ماکي
قفس ۾ دل کي وندرايان ٿو مان يادِ گلستان ۾

ڏسان ديدار ٿو مان يار جو سهڻن جي چشمن ۾
ڏٺو ليلا جو جلوو قيس ٿي چشمِ غزالان ۾

ڏيان تشبيھ ڪيئن محبوب جي منهن کي قمرسان جو
نہ آهي چشم ابرو زلف بيني ماه تابان ۾

نہ آهي ماه خور ۾ ۽ نہ ڪي گلزار جي گل ۾
جو جلوه ه جبين گلرو جي آهي روئي رخشان ۾

نہ آهي باعثِ رنج والم هن يوسف دل کي
ڪيو رشڪِ زليخا قيد جي چاهِ زنخدان ۾

خدا يا جمع ڪر آئينہ رو جي وصل سان دل کي
پريشان دل منهنجي حيران آهي زلف پريشان ۾

خدا خلقيو آهي انسان کي تقويم احسن ۾
سمورو سر سبحان قادري مخفي آ انسان ۾

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ضيائي حسن آهي يار جي جاروئي رخشان ۾
نہ آهي شمس ۾ سا ۽ نکي کي ماه تابان ۾

لطافت ۽ نزاکت سر و قد گلرو ۾ جا آهي
نہ کي سا سرو ۾ آهي نہ اهڙي گلِ گلستان ۾

عجب خوش خال جو دلدار جي رخسار تي آهي
بلال آهي جو بيٺو بانگ لئي ڪعبہ جي ايوان ۾

سبق پڙهہ عشق جو عاشق ڪري هٿ حسن جي ڦرهي
پڇائج مشق مجنون جان محبت جي دبستان ۾

اڳي دل کي جنوني هوئي وري سودا ۾ سوگهي ٿي
پريشان دل زنجي ڦاٿي درڳ زلفِ پريشان ۾

ڇٽن جي ڦٽ هجن ظاهر طبيبا تنهنجي مرهم سان
وڃي ڪيئن درد سو جو دل جي آهي زخم پنهان ۾

ڇپايم عشق جي آتش تہ دوهين جو اٿيو ٻادل
اٿي برسات ۽ پئي برق خطرن جي نيستان ۾

نگہ جي تير سان ماري محبت مان ڇيو دلبر
شهيد ناز جي تربت ڪيو گنج شهدان ۾

ڇڏيندو ڪين توکي قادري هرگز قيامت ۾
اتي بہ فيصلي لئي دست هوندو تنهنجي دامان ۾

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

عجب حڪمت نهان آهي خدا جي ڪل مظهر ۾
سمورو سر سبحاني عيان ذات پيغمبر ۾

خدا ظاهر نہ ٿي ها جي نہ خلقي ها محمد کي
هو گم گويا محمد مصطفيٰ جي ذات اطهر ۾

انهيءَ قادر جي قدرت جو آهي درياءَ بي پايان
حباب آهي جهان سارو هي منهنجي ديدئہ تر ۾

اهو بي مثل قادر سڀ ڪهين شيءِ ۾ محيط آهي
جئين جو روح تن ۾ بوءِ آهي مشڪ عنبر ۾

اهو رزاق عالم رزق ڏي هر جا تو سڀ ڪنهن کي
هوا ۾ ڏئي ٿو عنقا کي ۽ ڏئي ڪيڙي کي پٿر ۾

گل گلزار معنيٰ جي تجسس ۾ تصور ۾
چپن ٿا خار حسرت جا بوقت خواب بستر ۾

ڏسڻ لئي هن جهان جي جام هو جمشيد وٽ ڪافي
دو عالم جو سمورو سير آهي دل جي ساغر ۾

خدا جو نور وحدت مان هتي آيو مجسم ٿي
محمدؐ ۽ عليؑ ۾ فاطمہ شبير شبر ۾

اجان ناساز آهي بخت بدما سان زماني ۾
خدا ڄاڻي لکيو ڇا ڇا آهي منهنجي مقدر ۾

محمد ۽ علي جي خادمن ۾ هوندو ڳڻ والله
لواءِ الحمد هيٺان قادري ميدان محشر ۾

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

اهو محبوب آهي جلوه گر عشقِ مجازي ۾
ڏسي سو عاشقِ صادق جو ڪامل عشق بازي ۾
ڪسي دل نازنيڻن جي سان جي ان غمزه بازي ۾
تبسم لعل لب دلبر جو بس آ دل نوازي ۾
اندر ۾ شمع رو جي عشق ٻاري آه جو آتش
منهنجو پروانئہ دل ٿيو سمندر جان گدازي ۾
رهن ٿا مست عاشق بادئہ حسنِ حسنين ۾
عبث ناصح ڪرين ٿو تون نصيحت عشق بازي ۾
تنهنجي آڏو نوايو سر بلندن سوهڻن چو سر
ڏنائون پاڻ ڪان وڌ توکي سهڻا سرفرازي ۾
نہ هل اي نازنين دنيا فنا ۾ بي نيازي سان
بقا ناهي جوانيءَ کي نہ وڌ تون بي نيازي ۾
فلڪ ناساز آهي سڀ ڪهين عاشق سان هر ڪم ۾
مگر اي قادري آهي سو منهنجي ڪارسازيءَ ۾

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

نزاڪت ناز جو آهي منهنجي گلرو سمن بر ۾
نہ آهي سرو ۾ سوءِ نہ ڪي آهي گل تر ۾

نگاهِ ناز مئي گون اک ۾ ان جي جو نشو آهي
نہ آهي سو نشو والله اهڙو مئي جي ساغر ۾

سوا ديدار دلبر يار جي جوش جواني ۾
رهي ٿو خون دل لبريز دائم ديدئہ تر ۾

ڪرشمي سان لٽيائين منهنجي دل جي صبر جو سامان
ڪري ٿو شاه خوبان بادشاهي دل جي ڪشور ۾

پڙهي ڏس اينما ڪنتم بہ هرسو آهي وجه الله
اهو موجود آهي يار هر جا ڪل مظهر ۾

نہ ملندو يار جي ما ڪي محبت ۾ مري ويندس
اچي سڏ سار لهندو قادري پو منهنجي محشر ۾

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

تجلو شاهدي معنيٰ جو ڏسجي ٿو حسينن ۾
ڏٺو ليلا جو جلوو مجني ٿي هرڻن جي عينن ۾
انهيءَ صورت پرستي مان اي دل ٿئي طالبِ معنيٰ
پو ڏس جلوو حقيقي يار جو هر شيءِ ۾ ڪک پن ۾
طلسم ۾ نہ جادو ۾ نہ ڪي آهي دعائن ۾
ڪشش دل جي ڪسڻ جي جا آهي دلبر جي ديدن ۾
گلستان ۾ ڏسي اغيار سان گلرو کي گڏ گهمندي
ڪليا حسرت جا گل ڪيئي نئي سر دل جي گلشن ۾
اچي آرام ڪيئن بستر تي گهر ۾ يا سفر ۾ جو
لڳل آهن هزارين خار غم جا دل جي دامن ۾
نہ ٿو سبجي جگر جو چاڪ جي انکي سبان ٿو مان
پيو آ ياس جي ڳوڙهن جو ڌاڳو چشم سوزن ۾
ڪندي چا ناصحا تنهنجي نصيحت عشق وارن کي
چراغ عقل کي جلوو نہ آهي روز روشن ۾
جلي پرواني لئي تي شمع جو عاشق سچو آهي
قبا ڦاڙي ٿو گل فرياد تي بلبل جي گلشن ۾
پچڻ پرواني کان سک شوق دل ۾ رک تون بلبل جان
جي چاهين ٿي اثر اي قادري معشوق جي من ۾

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

نہ ڪي مان عاشقن ۾ ۽ نہ رندن مئي پرستن ۾
فقط هڪ دل قتيل آهيان مان داخل درد مندن ۾

ٿيا فرقت ۾ جو تيغ جفا سان قٽ منهنجي دل ۾
سوا خون تمنا ناهي ڪجھ زخمن جي دامن ۾

رهان ٿو ڪوئي جانان ۾ تمنا ناهي ارني جي
وليڪن عمر گذري عسر يسرا جي دلاسن ۾

جواب لن تراني کان گھڻا محروم ٿي وينا
گھڻا شائق رهن خوش دل ٿا عقبيٰ جي دلاسن ۾

نہ قادر قادري ڪنهن شيءِ تي آهي ۽ نہ خودمختيار
ڏسي تقدير عاجز ٿي اچي وينو ضعيفن ۾

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

اهو محبوب مخفي ٿو رهي دنيا جي گلشن ۾
تجلو آهي ان جي حسن جو ظاهر حسينن ۾

عجب هي ناز معشوقي انهيءَ معشوق جو آهي
نہ ڏسندو ماڪي ڪو آهيان اوهانجي گرچہ نفسن ۾

رهي ٿو دور ديدن کان ۽ ويجهو ساه کان آهي
رکيل ڪو راز مخفي آهي اهڙو انجي رمزن ۾

اثر بس آهي مازاغ البصر هي عشق ڪامل جو
ڦريون هرگز نہ هٿي پاسي اڙيون ديدان جو ديدن ۾

سچو عاشق اهو آهي جنهين لئي آيو او ادنيٰ
اجان اوري اچي رهہ ناز نين تون منهنجي تن من ۾

محمد کان سوا پيو قادري هو ڪونہ عاشق جو
ڏسي ان کي رکي طاقت ڏسڻ جي پنهنجيً چشمن ۾

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ڏسين جي جلوئه جانان ته ڏس آئينئه ڏل ۾
لهي سو لعل هٿ ڪر جو لڪل آ تودئه گل ۾

هلي چرچو ٺواج ڪله عشق جو حسن بتان تي پر
نه سو مجنون آ جهنگل ۾ نه سا ليليٰ آ محمل ۾

نه سا صحبت نه سو ساقي نه ڪو غمخوارِ مونس
سوا غم جي رهيو هاڻي نه ڪجھ هن خانئه دل ۾

هلي ٿو دور جام مئي جو مئي خاني ۾ دنيا جي
مگر مئي سانه ساغر ۾ نه سو ساقي آ محفل ۾

نه آهي آسرو هن دور دنيا ۾ ڪنهين ۾ بہ
مگر اميد آهي دل کي پنهنجي پير ڪامل ۾

اهو نفس نبي شيرِ خدا آهي ولي الله
جو آيو لافتا الاعلي جنهن جي فضائل ۾

اهو آهي علي غمخوار غم ۾ جو سڏي ان کي
نه ڪر غم قادري هرگز ڪنهين غم مونجھ مشڪل ۾

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ڏينهن ڪان صدبار آهي رات وڌ درجات ۾
راز معشوقي ڪلي تو عاشقن لعي رات ۾

احد ۽ احمد جي وچ ۾ راز جيڪو هو رڪيل
تنهن مان ڪجهه ظاهر ٿيو معراج واري رات ۾

منزل مقصود تي هرگز نه پهچي سو بشر
يڪ خيالي ڪي ڇڏي جيڪو پيو خطرات ۾

جو پري ڀڄولين ٿو تون ان دلربا ڪي بي خبر
تو رهي دائم اهو هن جسم جي محلات ۾

ڪارواني رحمتِ حق ڪيڏ اچي بهرِ خدا
يوسفِ دل جو پيو آ چاه جي ظلمات ۾

اشڪ جاري جام دل خونِ جگر جي مئي سان پر
مئي ڪشن ڪي ترڪ مئي واجب نه آ برسات ۾

جو ٿيان محتاج ٻئي جو رب پنهنجي ڪي ڇڏي
جو قوي اميد آهي قاضي الحاجات ۾

پنڌ غفلت ڪيڏي ڇڏ تون ڪنن مان قادري
نغمئہ توحيد آهي ساز سر ۽ لات ۾

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف محذوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

قاسي چو دل ٿي حسن تي عشق مجاز ۾
دل جي ڪشش جي رمز آ سھڻن جي ناز ۾

دل جي ڪشش ۾ رمز ھي آھي عجيب ڪا
محمود غزنوي ڇا ڏنو ھو اياز ۾

ھن عشق حسن جو آھي اصل و اصول ھڪ
آھي فقط فرق جئين ناز و نياز ۾

ماٺھو ملڪ ٿا ھاڪ ڪرن ان جي حسن جي
تعريف ان جي آھي نشيب و فراز ۾

زاھد جي عمر گذري رڪوع و سجود ۾
عاشق خوشي سان سر ٿا ڪپائن نماز ۾

لذت نہ آھي دنيا جي عشرت ۾ قادري
آھي مزو جو عشق جي سوز و گداز ۾

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مڪفوف محذوف مقصور
وزن مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

يوسف رهيو عزيز زليخا جي چاه ۾
يعقوب انجي چاه وڏو غم جي چاه ۾

يوسف ڪان سو وڌيڪ آهي پائگاه ۾
جو ٿيو اسيران جي زنخدان جي چاه ۾

سسئي جبل جلايو آهي آه پنهنجي سان
تاثير آهي برق جو عاشق جي آه ۾

جنهن ڏي نهاري سو ٿئي مخمور مست تو
آهي نشو شراب جو ان جي نگاه ۾

اي عاشقِ شفيق سنڀالي رکج قدم
آهن هزار خار محبت جي راهِ ۾

غواص بحر رحمت ٻاهر خدا لئي ڪيد
آهي غريق قادري بحرِ گناه ۾

maablib.org

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

نہ بهار آيو عجب گل کليا گلزارن ۾
تي خوشي دخترِ رز جي تہ طلبگارن ۾

نوش ڪر زاهدا هڪ جام شرابِ و حدت
دور جامِ مئِ وحدت جو آ مئي خوارن ۾

حسن ان جي سان آهي عالم امڪان پرپور
عشق جو چرچو آهي مست ۽ هشيارن ۾

عڪس ان جو آهي خورشيد قمر ۾ روشن
جو جمال آهي انهيءَ يار جي رخسارن ۾

مثل بلبل ڏسي گل رو سان محبت منهنجي
خار حسرت جا چپيا سينہ اغيارن ۾

چمڪندڙ ان جي ڏسي تيغ هلال ابرو
عيد تي جام شهادت جي طلبگارن ۾

فخر نيڪن جي ثوابن تي ڪندا منهنجا گناه
رحمتِ حق جو ڏسي جوش گنهگارن ۾

قادري شعر چون سنڌ ۾ شاعر تہ گهڻا
ليڪن چا رمز عجب آ تنهنجي اشعارن ۾

بحر: كامل مثمن سالم

وزن: متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن

آهي بيخودي جو عجب نشو تنهنجي يار بادهٴ نازِ ۾
جو بجائي ڪعبي جي ٿو اچي منهن تنهنجو آڏو نماز ۾

اها فطرتي ٿي رهي ڪشش حسنِ بتان ۾ نهان عيان
جو انهيءَ جي حسن جمال جو آهي جلوو مخفي مجاز ۾

نڪي عيش ۾ نہ وصال ۾ نہ ڪي بزم مئي نہ بهار ۾
جيڪو دل جي درد ۾ لطف آ ءِ جگر جي سوز گذار ۾

چو رهين ٿو مخفي اي يار تون پنهنجي مهن تان لاه نقاب ڪي
آهي وهم دل ۾ سو دور ڪر جو حبيبن آ عجز نياز ۾

تنهنجي ناز جيئن نگاه سان پيو زلزلو آ جهان ۾
آهي ڇا قيامت جو اثر تنهنجي چشم فتنہ طراز ۾

تنهنجي هڪ نظر سان ٿي مست دل ناهين گهرج بادهٴ ناب جي
جو هزار جام شراب گم آهي تنهنجي ديدهٴ ناز ۾

نہ رسي انهيءَ جي ٿو رمز ڪي تہ هزار فڪر اي قادري
جا نهان رکي آهي دلربا اها رمز پنهنجي تہ راز ۾

maablib.org

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف
وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

جلوه گر يار آ هر سو روءِ جانان جو قسم
ظاهر آهي سو جهان ۾ رخ رخشان جو قسم

جان بلب عشق ۾ آهيان لب جان جو قسم
آرزو دل ۾ رهي حسرت ارمان جو قسم

زلف دلدار جي سودا ۾ آهي جان حيران
دل پريشان آ منهنجي زلف پريشان جو قسم

جي گل اندام اچي مثل خليل آتش دل
تي گلستان پوي ان رشڪ گلستان جو قسم

چشم قاتل تي ڪهي ڪيئي نماڻان عاشق
تيغ ابرو جي سان سا خنجر مژگان جو قسم

تنهنجي غب غب جي اڳيان چشمهٔ حيوان اي صنم
آهي بي قدر تنهنجي چاه زنخدان جو قسم

زخم تي دل جي نمڪ ٻرڪي ٿو مرڪڻ تنهنجو
چا ملاحت آهي ان ۾ لب خندان جو قسم

ڪاله ساقي جو ڏنو جام شرابِ وحدت
غير ڪل دل جو ويو بادئه عرفان جو قسم

يار ماسان جي قيامت ۾ هجي هم پهلو
حور جنت جي نه گهرجي ماڪي غلمان جو قسم

يار جي مصحف رخ جي آ تلاوت واجب
قادري آهي عبادت اها قرآن جو قسم

maablib.org

رديف نون

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ٽيو جهان ۾ جلوه گر فخر انبيا و مرسلين
فخر دنيا فخر دين فخر فلڪ فخر زمين

شڪر لله ٽيو اچي محبوب سو هت جلوه گر
جو اڳي گڏ شاهد معنيٰ سان هو خلوت نشين

هو عرب ۾ ليڪ مسڪن انجو آهي لامڪان
جاءِ جنهن تي سو ويو پهتو نہ ات روح الامين

باعثِ ايجاد عالم صاحبِ تاج و لوا
مظهرِ ذاتِ خدا محبوب رب العالمين

تاج سر طه ۽ ياسين زيرپا عرش برين
خاص خلعت تن جي ان جي رحمت اللعالمين

ٽيو خدا عاشق مٿس نروار نڪري ٽيو جڏهن
پردئہ وحدت مان ظاهر شاهدِ خلوت نشين

پاڪ پيشاني انهيءَ جي حق نما آئينو هو
بي گمان ان ۾ هوئي ظاهر صورتِ جان آفرين

جي نہ خلقي ها خدا ان کي نہ خلقي ها جهان
آسمان سج چنڊ تارا ۽ نہ گلزار زمين

مالڪِ ملڪ خدا مقصد حروف ڪاف نون
سرما اوحيٰ جو واقف شارع شرع متين

ڪنت ڪنزا مخفيا جي خاص سو آهي قليد
قاب قوسين قرب انجو ٽيو خدا سان هم نشين

نقشهائي عالم ايجاد مان اي قادري
آهي هي نقاش قدرت جي جو نقش اولين

بحر: رمل مثمن مخذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

سرورِ عالم محمد پيشوا پيغمبران
عالمِ علمِ لدني ڪاشفِ سرِ نهان

پاڪ پيشاني انهيءَ جي حق نما آئينو هو
هئي انهيءَ ۾ صورت بي مثل ظاهر بي گمان

جي نہ ظاهر ٿئي ها احمد مظهرِ ذات خدا
ڪين خلقي ها خدا هرگز زمين و آسمان

ان جي درتي ٿي گھني پيشاني پنهنجي جبرئيل
شان ۾ وڏ عرش کان آهي انهيءَ جو آستان

سير سبحان الذي اسرا محمد جو ڪيو
سڀ ملڪ حيرت ۾ حيران هولنگهي ويو لامڪان

احد ۽ احمد جي وچ ۾ آهي پردو ميم جو
ميم جي نڪري وڃي تا آهي ساڳوئي عيان

ڪئي خدا قرآن ۾ محبوب پنهنجي جي ثنا
قادري ڪهڙي ڪري ان جي ثنا ڪا سر زبان

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ساقيا ڏي جام هڪ ماکي شرابِ ارغوان
جو پيئڻ سان مان سوا محبوب جي بيخود ٿيان
گم ٿيڻ محبوب ۾ مجني جان گهرجي عشق ۾
سير ليليٰ کان ڇتي ٿيو خون مجني کان روان
اي صنم جيڪر ٻڌين تون درد جو هي داستان
تنهنجي دل پٿر ٿي پئي پاڻي ۽ تون ٿئين مهربان
دوست تنهنجو درد جو دل منهنجي ۾ آهي نهان
سو ٿو نڪري آه سان مان ڪيئن ڪيان آه و فغان
شمع روتي مرغ دل جو ٿو پڇي پرواني جان
آه ٿي نڪري انهيءَ مان شمع جان شعله فشان
تيغ قاتل جي کي پاڻي چشم بلبل جو مليو
زخم دل گل جان کلي ٿو درد ان ۾ آ نهان
تيغ ابروئي سمن بر جي صبا آندي خبر
خون منهنجو مثل بوئي گل انهيءَ دم ٿيو روان
قادري جيڪو ڪري عشقِ مجازي جو بيان
ان ۾ آ عشقِ حقيقي جو ڇپيل رازِ نهان

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ماه روشن هي ان خورشيد رو جي نور سان
۽ تعلق زلف جي پاڇي جو شب ديجور سان

شمع تي پروانو بيخود مست بلبل گل مٿان
عشق منهنجوآهي ان رشڪِ قمر پر نور سان

دل کسي ويو دلربا بس گاه کي جئين گ ربا
بحث ڪم ڪر ناصحا هن عاشقِ مغرور سان

رنج هجرت جو وڃين ڏي ساقيا جامِ شراب
موسم گل آهي ڪر لطف و ڪرم مهجور سان

عشق جو آهي نشو پوءِ ڪيئن پڙهان زاهد نماز
قول ڏس لاتقربو جو بحث ڇڏ مخمور سان

دختر جي جواني ڪيئن نہ مٽي خور مست ٿين
جام پر ساقي جي هٿ ۾ آ شراب انگور سان

دل جوان آهي نہ وبندو عشق ان مان تابہ مرگ
گرچہ وارن کي آهي تشبيهہ اڄ ڪافور سان

گوهر مقصود هٿ ڪر ڏي ٽٻي غواص دل
موجزن درياءَ ان جي حسن جو آ نور سان

ڏي فلڪ جي رنج توکي غم نہ ڪر اي قادري
عسر يسرا وصل هجرت آهي ظلمت نور سان

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

جنهن جي لئي آهي لکيل جو خامهٔ تقدير سان
ساتہ طغرا رد نہ ٿي هرگز ڪهين تدبير سان

مثل بوئي گل وڃي تو خون منهنجي زخم مان
جو ڪيوان رشڪ گل آ ناز جي شمشير سان

يار جي تصوير ڪيندي خود مصور شوق سان
عاشقِ تصوير ٿيو بي خود ڏسڻ تصوير سان

طاقتِ انسان ڪم ٻاهر ڪيو ٿي مرتضيٰ
طاقتِ الله گڏ هوئي شاه خيبر گير سان

باه دوزخ جي نہ ڏسندو ۽ نہ برزخ جو عذاب
جنهن ڪي الفت آه صادق شبر و شبير سان

چال بازي ٿي هلي دنيا سرا ۾ جا بجا
حق نہ هٿ ايندو ڪڏهن اي قادري تزوير سان

MAAB 431
maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

دوست دلبر جا پون ٿا پل ۾ پور نوان نوان
سوز جا سيني ۾ سنبرن سهسين سور نوان نوان

سور سختيون سوز صد ما عشق ۾ ڪر ڪل قبول
بادشاه عشق جا آهن امور نوان نوان

عشق جي اوطاق ناهڻ لئي اندر ۾ ٿا اچن
درد غم رنج و الم دم دم مزور نوان نوان

مست ڪي مجذوب ڪي سرسامي سودائي سوين
عشق جي آزار ۾ آهن رنجور نوان نوان

ما سوا محبوب جي ٻيو غير سڀ دل مان ويو
روز وحدت جا وڄن تن ۾ تنبور نوان نوان

قيد خانه عشق جي ۾ قادري هر روز شب
ٿا پون قيدي هزارين بي قصور نوان نوان

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

شان ۾ ناهي ڪو وڌ هرگز محمدِ مير کان
انبيا گهرندا شفا ان صاحبِ توقير سان

بعد پيغمبر جي عزت شان شوڪت ۾ پلا
آهي ڇا ڪو ٻيو برابر شاه خيبر گير کان

گرچه مريم آسيه جي وصف آ قرآن ۾
پر نه آهن شان ۾ وڌ صاحبِ تطهير کان

خاص خوشنودي خدا لئي سر ڪپائڻ ۾ ڏيڻ
عاشق حق ناهي ڪو وڌ شبر و شبير کان

حڪم قادر ڪيو قلم کي لک ثنائي پنجتن
لوح تي لکندي قلم عاجز ٿيو تحرير کان

غم حسيني ۾ جي ڳوڙها ابر وانگي ٿا وسن
قلب جي ڪارنهن ٿا ڌوئن جا آهي تقصير کان

هر عمل خواهش سان پنهنجي قادري سيڪو ڪري
آهي خود مختيار فاعل ۽ گلا تقدير کان

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

يار آهي بي خبر دردِ دل دلگير کان
جوهري واقف نہ آهي جوهرِ شمشير کان

سڀ ڪنهن ڦٽ جي آ مرحم عشق جي ڦٽ ڪانسوا
تيغ ابرو جو آهي وڌ زخم زخمِ تير کان

عشق جي مجنني ۽ سودائي جي ناهين ڪا دوا
بوئي موئي مشڪ بو ۽ زلف جي زنجير کان

تيغ ابرو سان ڪيو دلبر ارادو ذبح جو
انجي قدمن تي پيو تنتي سر اڳي تڪبير کان

گوش گل ناز آ بلبل بند ڪر آه و فغان
نازنين آ زرده دل تو تئي فقط تقرير کان

دل ڪي آ خوفِ خدا ۽ نفس ڪي شوقِ گناه
يا الهي الامان هن نفس بد بي پير کان

حال سوزِ دل لکان دلبر ڏي مان ڪيئن قادري
تي سڙي نوڪ قلم آتش فشان تحرير کان

MAAB 1431
maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

اج پريل آهي خوشيءَ سان هي زمين ۽ آسمان
شاد آهن آدمي ڇڻ عيد آهي اج عيان

نوعروسن باغ جي ڪيئي سبز خلعت زيب تن
گل خوشيءَ مان ٿا ڪلن نرگس نهاري ناز سان

تاج زرين سر رکي دوڙي ٿو خورشيد فلڪ
۽ خوشيءَ کان ٿي منور ٿو ڦري خود آسمان

خازنن جنت جي سينگاريو بهشتن کي گهڻو
۽ ڪيا حورن وڳا قسمين بہ قسمين زر فشان

آسمانن مان مبارڪ جو اچي آواز ٿو
عالمِ ملڪوت ۾ بہ عيد العظم ٿي عيان

هي خوشي عالم ۾ اج هن واسطي آهي عيان
جو تولد ٿيو حسن سبط نبي آخر زمان

عاشقِ ذات خدا ابنِ علي المرتضيٰ
جنهنکي سيني تي نپايو مصطفيٰ ٿي ناز سان

هو خدا جو نور سو اج نور مان پيدا ٿيو نور
ٿي تولد سان انهيءَ جي رات روشن ڏينهن جان

چنڊ ٿو سج تي کلي ۽ رات کلندڙ ڏينهن تي
شان شوڪت ۾ وڌي اج رات وئي شب قدر کان

وارث علمِ علي ۽ واقف سر خدا
عالمِ علمِ لدني ۽ امام انس جان

راڪبِ مهرِ نبوت دوش احمد جو سوار
ڇا ڪري تعريف ان جي قادري ڪا سر زبان

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

اج خوشي دنيا ۾ آهي ۽ مٿي عرش برين
ٿيو تولد جو علي آهي امام الصابرين

متقي زاهد ۽ عابد هو هميش تنهن ڪري
هاتفي آواز آيو انت زين العابدين

گلشنِ عالم ۾ اج آهي بهاري ۽ خوشي
ڪف زنان هر برگ گل آهي ۽ خندان ياسمين

سروتي قمري جي ڪوڪوگل تي بلبل جي نوا
چئوطرف گلزار ۾ آيو ٿي لحنِ خوشترين

وارثِ دينِ علي ۽ عالمِ علمِ حسين
ابن معشوق محمد بادشاهِ صابرين

تخت تي طاعت جي وينو تاج تقويٰ سر رکي
حڪمران ملڪ عقبيٰ آهي هي سلطان دين

ڇا ڪيان تعريف ان درِ صدف تطهير جي
جو انهيءَ جي درجو هو جا روبِ ڪش روح الامين

واسطي حرمت ۽ عزت ان شهي زين العبا
بخش ڪل منهنجون خطائون يا اله العالمين

جي رکن ٿا حب ان جي تن جي لئي اي قادري
چاه سان چوندا ملائڪ فاد خلو ها خالدين

بحر: رجز مثمن سالم

وزن: مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

الله خالق انس جان بي مثل ظاهر ۽ نهان
آهي محمد بي گمان نورِ خدا جانِ جهان

سو مظهرِ ذاتِ خدا آئينۂ واجب نما
حڪمِ روا ملڪِ خدا ۽ باعثِ هر جهان

درج حقيقت جو گهر سپ معرفت جو خاص در
يثرب انهيءَ جو آهي گهر مسڪن سندس هو لامڪان

ختم الرسل خيرالورا شافع امم روزِ جزا
شاهن شهي هر دوسرا محبوب خلاقِ جهان

محبوب ذاتِ ڪبريا گلدستۂ نور خدا
صدبار چئو صل عليٰ اُن شاه سرور جي مٿان

جن وملڪ انسان ڇا مداح جنهن جو خود خدا
جو آهي لااحصيٰ ثنا تعريف تنهنجي ڇا ڪيان

تطهير جي گلزار جا گل پاڪ ڏس ڇا ڇا ڪليا
گل مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ حسنين خاتون جنان

صديق اڪبر باوفا فاروق اعظم باصفا
صاحب حيا مشڪل ڪشا غم خوار رهبر گم رهان

ڇڏ قادري حرص و هوا رک عشق محبوب خدا
دنيا ومافيها فدا رهندو نه هي زيب زمان

maablib.org

بحر: رجز مثمن سالم

وزن: مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

اي بلبلِ شيرين زبان ڪر بند فرياد وفغان
بي رحم آهي باغبان ڏي رنج ڪو توکي متان
گل ۾ نہ اميدِ وفا گل سان رهن گڏ خار تا
جو تون سهين جور و جفا آهي بهاري کي خزان
سهڻن ۾ جو هي حسن آ تون آهين جنهن تي جان فدا
تنهن کي نہ آهي ڪجھ بقا اي عاشقِ حسنِ بتان
هي حسن آهي بي بقا ٿيندو وڃي آخر فنا
ڪر عقل پنهنجو رهنما ڇڏ شوق عشقِ گل رخان
دل ۾ جو آ رازنهان ڪنهن سان ڪيان مان سو بيان
افسوس ڪونهي رازدان جو هي ٻڌي دل جو بيان
دل جي نہ آهن ۾ اثر هو درد دل کان بي خبر
دل کي جلائي خاڪ ڪر اي آتشِ سوزِ نهان
اي قادري بس هوش ڪر پندو نصيحت گوش ڪر
مئي معرفت جي نوش ڪر جامِ شراب ارغوان

maablib.org

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف
وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

ساقيا ڇو وڃان محروم مان مئي خاني کان
فيض ورتي ويا ڪيئي تنهنجي خم خاني کان

ڇا ويو خالي ٿي خم مئي نہ سبو ۾ آهي
جو ملي جام نٿو هڪ تنهنجي مئي خاني کان

لعل لب تنهنجي کان ٿيو خون جگر ساغر جو
ٿي صراحي پڇي احوال هي پيماني کان

عشق تنهنجي کان وڏي ڳل ۾ مان الفي آهي
ڇو پڇين يار ٿو تون حال فقيراني کان

آتش عشق جي سوزش کان مگس ڇا ڄاڻي
لذت سوز جگر پڇ وڃي پرواني کان

مرغ دل قيد ڪيا خال جي داڻي ڪيئي
سخت تڪليف ۾ آدم پيو هڪ داني کان

نا صحا تنهنجي نصيحت ۾ اثر ڪجھ ناهين
ڪي ٿيا مست ڪي مجنون منهنجي افساني کان

صبح پيري جو ڏٺو شوق شبانو آهي
بس نہ ڪر قادري تون صبح جي پيماني کان

بحر: خفيف مسدس مخبون محذوف
وزن: فاعلاتن مفاعلن فعلن

حال دل جو ڪجي عنا دل سان
دل ڪسائڻ جو راز بيدل سان
آهي عزلت ۾ دل ڪي آسائش
موج ڪي صبر آهي ساحل سان
حسن جي بحر مان حقيقي در
ڪين ليندو خيال باطل سان
جوڏ سمجهي سگهي اصول مجاز
تنهن ڪي سمجهائجي دلائل سان
منهنجو ڪم دين سان نہ دنيا سان
آهي مطلب مراد حاصل سان
آهي سائل جي لئي فلا تنهر
ظلم سختي نہ گهرجي سائل سان
پهتي ٻيڙي منهنجي گناهن جي
بحر لاتقنطو جي ساحل سان
قافلو قادري جي آسن جو
پهتو منزل تي آهي مشڪل سان

maablib.org

بحر: خفيف مسدس مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن مفاعلن فعلن

بحث بادِ صبا جو آ گلِ سان
بيوفائي نہ گهرجي بلبل سان

يار طعني سان ماکي شرمايو
مان ڏنو گل ڏي جو تخيل سان

باغ عالم ۾ گل نہ هٿ آيو
مان رهيس جو گهٽو تغافل سان

هاءِ افسوس حال پنهنجي تي
عمر وئي گذري کل تجاهل سان

يئو نہ مشعل کي باد صر صر جو
جا ٻري روغنِ توکل سان

حال هجرت جو رت خزان جي ۾
نئين کجي بيقرار بلبل سان

جو جدائيءَ ۾ چاڪ ٿيو سينو
سو سبي يار تار کا کل سان

عشق ۾ قادري نہ کر تعجيل
ايندو معشوق هٿ تحمل سان

بحر: هزج مسدس محذوف

وزن: مفاعيلن مفاعيلن فعولن

نہ ويندو درد دلبر جو اندر مان
وجي هرگز نہ نڪري پنهنجي گهر مان

هنيو ان نازنين غمزي جو خنجر
ڦٽي سينو لنگهي ويو سو جگر مان

وٽي تلخي فراقِ يار جي تي
اچي لذت نہ ٿي شير و شڪر مان

وسي ٿو ابر ٿي دل جي چمن تي
جو نڪري دود داهن جو اندر مان

ڏسي خورشيد رو کي مثل شبنم
ٿيا گم لڙڪ منهنجي چشم ترمان

اچي وڃ مشڪ عنبر ۽ گلن کان
عجب خوشبوءِ گل رخ جي پگهر مان

درخت عشق پوکيو تو جو دل ۾
مزو وٺ قادري ان جي ثمر مان

maablib.org

بحر: ضارع مثمن اخرب مڪفوف محذوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

ڪنهن ڪي مجال جو اچي حيدر جي سامهون
روباه ڪين ايندين غضنفر جي سامهون

روشن علي جو شان آهي آفتاب جان
چمڙو انڌو آ مهر منور جي سامهون

شان علي ڏسي چو لڪائين تو خارجي
ٿيندين خراب خوار پيغمبر جي سامهون

ڪوثر جو جام نوش ڪندا دوست عليءَ جا
ويندا جڏهن جو ساقي ڪوثر جي سامهون

والله ايندو قبر ۾ مشڪل ڪشا علي
منڪر نڪير ڇا ڪندا حيدر جي سامهون

بخشيندو سڀ گناه قيامت ۾ قادري
غفار منهنجي شافع محشر جي سامهون

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف محذوف مقصور
وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

بي نور ماه رو دلبر جي سامهون
رونق نہ گل کي گل رو سمن بر جي سامهون

سهڻن جو حسن حسن اڳيان ان جي آهي ڪم
اختر نہ ٿيندو مهر منور جي سامهون

ان جي ستم ۽ منهنجي صبوري جو فيصلو
محشر ۾ ٿيندو خالق اڪبر جي سامهون

جو رو جفا ڪرين يا ڪرين مهر جي نظر
بسر فقير جو آهي تنهنجي در جي سامهون

"الفقر فخري" آهي چيو فخر انبياءِ
وڏ آهي هي فقير تونگر جي سامهون

دنيا ۾ ڏوھ گرچہ ڪيا قادري گهڻا
ٿيندا معاف شافعي محشر جي سامهون

maablib.org

رديف واؤ

بحر: مضارع مثمن اخرب مڪفوف محذوف مقصور
وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

جلوو جهان ۾ آهي خدائي ڪريم جو
اعليٰ جلال جاه علي العظيم جو

قادر قديم قائم بالذات هميشان
هر دو جهان آ مظهر ذاتِ قديم جو

چا ماهيت آ عرض هيوليٰ ۽ روح جي
مخلوق آهي هر هڪ خالق قديم جو

طاعت تي: متقن کي آ تقويٰ نجات جي
عاصن کي آسرو آ غفور الرحيم جو

عنوان نامہ نام آ رب الڪريم جو
جنهن ۾ تجلو آهي محمد جي ميم جو

ڪونين جو مدار محمد جي ميم تي
لولاڪ لما قول آ شاهد ڪليم جو

الله پرده پوش محمد شفيع ما
امت کي ڪهڙو خوف عذاب جهيم جو

ڪريا ڪريم ماکي عطا پنهنجي فضل سان
سائل فقط آ قادري قلب سليم جو

بحر: مضارع مثمن اخرب مكفوف محذوف مقصور
وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

دل کي آ شوق ساقيا مئي جي اياغ جو
پر نور جنهن جي نور سان ٿئي گهر دماغ جو

دل کي وٽي ٿو ڪين سو گلزار جي
مئي ناب ابر باد صبا سير باغ جو

دل ۾ رهي ٿو داغ جو دلبر جي عشق جو
محشر ۾ ٿيندو داد منهنجي دل جي داغ جو

روشن آ داغ شمع کان دل جو زياده تر
ناهين ضرور خانئہ دل کي چراغ جو

خون جگر پئي ٿو بجا آب باغ دل
گل خون فشان کلي ٿو منهنجي دل جي باغ جو

عارف ڏسي ٿو خار ۽ گل مان جمال دوست
يکسان نظارو انجي اڳيان باغ راغ جو

آهي اهو تہ عشق مجازي بغير حق
جنهن کي چون ٿا عشق خلل آ دماغ جو

دل آهي قيد زلف ۾ دلبر جي قادري
ڏسجي نہ ٿو ڪو باعث دل جي فراغ جو

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

قرب ڇا قوسين او ادنيٰ محمد مير جو
آهي اُمين پر قلم هٿ انجي ۾ تقدير جو

خاص خلعت تن تي انجي رحمۃ اللعالمين
ڪحل ماذاغ البصر ء سر تي ڇٽ تطهير جو

ڪنت ڪنزا مخفيا مان حسن انجو جلوه گر
ذره ڇين خورشيد انجي حسن عالمگير جو

سير سبحان الذي جو سرور عالم ڪيو
عقل فهم و هوش ٿيو گم تنهن ۾ برنا پير جو

ڪن جيڪي مرسل ملائڪ پيش پس معراج ۾
قدسين رتبو ڏسي نعرو هنيو تڪبير جو

صاحب تاج ولوا ء شافع روزِ جزا
تاب ڪنهن مرسل ڪي ناهي ان اڳيان تقدير جو

چونڊ ٿي عالم مسخر جو هميشان دل ۾ آ
نقش اخلاص محمد نقش جو تسخير جو

بحر عصيانن ۾ آهيان غرق از سرتا قدم
يا محمد مصطفيٰ وٺ دست هن دلگير جو

موجزن درياء رحمت تون شفيع المذنبين
قادري ڪمڙو ڪري پڻو جرم ء تعضير جو

بحر: رمل .مثمن محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

حبذا سو وقت جو جنت منهنجو ڪاشانو هو
غم نہ هو ساقي سمن بر هو ۽ پر پيمانو هو

خوش اهو هو وقت جو معشوق عاشق گڏ هئا
ناز هو ۽ نياز هو ساقي هو ۽ ميخانو هو

غيب جي خلوت ۾ شاهد پاڻ سان هو جلوه گر
زلف جي زنجير ۾ ات قيد هي ديوانو هو

بس نگہ دلبر جي سان ڪي مست ڪي مخمور ها
ناز جي مئي سان لباب چشم جو پيمانو هو

تيغ ابرو سان ڦٽڻ ۽ تير مژگن سان چٽڻ
ماٺي سان پو منهن لڪائڻ ناز معشوقانو هو

راز معشوقي ڪان جو عاشق جي دل هوئي آشنا
عقل حيران بي خبر هن راز ڪان بيگانو هو

شمع روان جي تي خلوت بي خودي ۾ بي حجاب
ڪونہ هو ڪو آدمي تہ بہ قادري پروانو هو

طوق لعنت جو پيو ابليس کي انڪار ڪان
هو اهو حق تي مگر انڪار گستاخانو هو

هاڻي ڪم ڪر قادري سو جنهن ۾ هو راضي رهي
جيڪي گذري ويو زماني ۾ سو سڀ افسانو هو

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

گل رخن جي عشق ۾ جو ذوق حاصل دل ڪيو
ٿئي نہ ڪنهن اهڙو نہ بلبل گل منجهان حاصل ڪيو

مئي پيارڻ ڪان اڳي دنيا جي ڪاروبار ڪان
چشم ساقي آهي مان هشيار ڪي غافل ڪيو

دام ۾ صياد جي افسوس ڦاٿو مرغ دل
حسن جي گلزار تي مان ان ڪي چو مائل ڪيو

بي خوديءَ جي، جي خودي مان ٿا گهرو لذت وٺڻ
مئي خوري جي شغل ۾ ڪو وقت دل شاغل ڪيو

ما سوا محبوب جي جو خيال خطرو دل ۾ هو
صحبتِ ساقي ضمير ان سو سيئي زائل ڪيو

خون بها محشر ۾ سوئي ٿيندو ان مقتول جو
تيغ ابرو سان جهين جو بي خطا بسمل ڪيو

چا ڪري سگهندس سوا حسرت جي جو جيڪو خيال
دل ۾ پيدا ٿي ٿيو تقدير ٿي باطل ڪيو

اي شہِ خوبان خدا لڳ عرض منهنجو ڪر قبول
قادري ٻارنهن سچن جي لسٽ ۾ داخل ڪيو

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ڇا عجب دنيا جو اڄ ڪلهه ڪارخانو ٿي ويو
چشم بينا لاءِ عبرت جو زمانو ٿي ويو

جنهن گلستان ۾ هو گل تي بلبلن جو ڇهڇٽو
هاءِ زاغن جو انهيءَ ۾ آشيانو ٿي ويو

گلشنِ عالم ۾ اڄ باد مخالف ٿي گهلي
فصل گل جو قافلو هاڻي روانو ٿي ويو

جي ظرافت ۽ عياري سان خوش ٿا رهن
راست گو تيرِ ملامت جو نشانو ٿي ويو

طالبن دنيا جي لئي فردوس آهي هي جهان
اهل معنيٰ واسطي هي قيدخانو ٿي ويو

شاه خوبان جي تصور ۽ محبت شوق ۾
رفته رفته خيال منهنجو پيو شهانو ٿي ويو

جنت الفردوس جي خواهش نه آهي قادري
ڪوءِ جانان جي ۾ منهنجو آستانو ٿي ويو

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

حال دردِ دل کيان تو ڇو صبا جي روبرو
جو وڃي ظاهر ڪندي سا دلربا جي روبرو

رنگ منهنجي خون جو ميدي ۾ مخفي آهي جو
تيغ ابرو سان ڪنو قاتل حنا جي روبرو

آهِ آتشناڪ منهنجي ابر جان افلاڪ تي
شعلہ افشان ٿي بجا پاڻي هوا جي روبرو

زهد تقويٰ کي ڇڏي ٿي پارسا صورت پرست
جي ڪڍي برقي مان منهن هو پارسا جي روبرو

دل ڪسي هٿ داد منهنجو تو نہ اي دلبر ڪيو
تنهنجو منهنجو فيصلو ٿيندو خدا جي روبرو

شور محشر ۾ عجب ٿيندو بپا اي قادري
داد لئي دانهون ڪندي دل دلربا جي روبرو

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

مرغ دل مائل بهار ڪبريا جو ٿي ويو
سو مقيد مبتلا دامِ بلا جو ٿي ويو

خاص دلبر جي نظر ۾ جيڪو عاشق ٿو رهي
سو بلاشڪ مستحق رنج و بلا جو ٿي ويو

عاشق و معشوق مظهر آهي انجي ذات جو
پاڻ عاشق مبتلا پنهنجي لقا جو ٿي ويو

کول عبرت جون اکيون ڪر سير گلزار جهان
گلشن عالم بقا جو يا فنا جو ٿي ويو

بي سرو پا ڦوٽي جو پاڻي تي آهي ڇا بقا
بس اهو پيغام دريا کان بقا جو ٿي ويو

ڪين ٿي مغرور اي دل هستي موهوم تي
بي بصيرت لئي بقا عالم فنا جو ٿي ويو

منهنجو منهن محبوب جي منهن کان نه ڦرندو تا قيام
جئين جو منهن قبلي طرف قبلہ نما جو ٿي ويو

رنگ تنهنجي خال جو ٿيو ڪجل چشمِ عاشقان
محويت لئي خاص باعث ماطغا جو ٿي ويو

شمع رو ان جي تي آهي زلف پيچان جو نقاب
قادري ظلمت لنگهي عاشق ضيا جو ٿي ويو

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

دوش گلشن ۾ گذر گل گون قبا جو ٿي ويو
رشڪ بستانِ جنان هر نقش پا جو ٿي ويو
دل منور خيال شاهانو ۽ خلوت ماه رو
منهنجي سر تي سائبان بال همان جو ٿي ويو
ديده ديدن دلربا جي ۾ لڳي هڪ ديد ٿي
غير ويو هرجا نظارو دلربا جو ٿي ويو
دل ۾ دلبر ٿو رهي تون ان کان آهين بي خبر
هي بہ ڇا دستور اڄ ڪلهہ اتقا جو ٿي ويو
مهر ماڻهن مان ڇڏي وئي ۽ نہ ڏسجي ٿي وفا
قحط منهنجي وقت ۾ مهرو وفا جو ٿي ويو
زاهدن جو زهد حورن ۽ بهشتن واسطي
قادري مشتاق بس انجي لقا جو ٿي ويو

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

مبارڪ بلبلو گلشن ۾ اڄ فصل بهار آيو
ٽيا سر سبز بوٽا شاخ تي گل تي سوار آيو

هجوم آهي خيالن واهمن جو دل تي اي ساقي
ڏي جامِ بادهءِ وحدت جو موتي نوبهار آيو

اهو سردار خوبا جلوه گر پردي اندر آهي
سوا پردي جي سو دلبر نہ ڪنهن جا آشڪار آيو

خدا لاتقنطومن الرحمته الله آهي فرمايو
اها رحمت اسان لئي تي حبيبِ ڪبريا آيو

زمين و آسمان سج چنڊ تارا بيقرار آهن
نہ ڪنهن کي پيي قرار آهي جو آيو بيقرار آيو

اهو سلطان سهڻن جوءِ مان پيينو سندس درجو
ڇڏيان هرگز نہ انجو درجي انکي مونکان عار آيو

غلام آهي تنهنجي درجو رهي ٿو عشق تنهنجي ۾
رکج خدمت ۾ جو هي قادري خدمت گذار آيو

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

کري ميخاني ڏي ساقي جي مسجد کان گذر پنهنجو
ڇڏي مسجد کري زاهد پنيان انجي سفر پنهنجو
منهنجي دل تنهنجو گهر آهي اچي ره گهر ۾ اي دلبر
سوا تنهنجي کيو غم آهي تنهنجي گهر ۾ گهر پنهنجو
سوادِ زلف مشکين يار جي کئي طبع سودائي
نصيحت واعظن جي ڇا کندي هاڻي اثر پنهنجو
اچي جي باغ ۾ هو شمع رو گل کي ڇڏي بلبل
رهي پروانو تي ان تي جلائي بال پر پنهنجو
سهي قامت کبک رفتار گل رو آيو گلشن ۾
ڦکو ٿيو گل ڏسي ان کي نوايو سر و سر پنهنجو
لکان جي حال دل کاغذ سڙي ٿو آه سوزان سان
پسي ڳوڙهن سان خط جي ٿو لکان حال جگر پنهنجو
کٽي تي کين کي غم جي شب ديجور ياالله
لکايو رات پردي ۾ الائي ڇو سحر پنهنجو
خدايا التجا آهي اها جو سيد الکونين
کري هن قادري کي امتي روزِ حشر پنهنجو

MAAB 1434
maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

تعال الله عجب آ حسن دل ڪش نازدارن جو
گدا ڇا پر اڳيان انجي نگون سر تاجدارن جو

سوالِ رب ارني تي جوابِ لن تراني آ
اجايو آ هوس ديدار جي اميدوارن جو

اهو مظهر جي محلي ۾ ڍڪي پوشاڪ محبوبي
ٿيو عالم ۾ ظاهر حسن افزا گلعذارن جو

نہ ٿو پهچي سگهي سر زاهدن پرهيزگارن جو
جتي پهتو قدم آهي عشاقن جان نثارن جو

اها دل گوشت جو ٽڪرو جئين پڪرن رڍن کي آ
جنهن دل ۾ نہ آهي درد ۽ غم حسن وارن جو

نہ روئي عشق ۾ جا ڪ اها افضل انڌي آهي
خدا ۽ مصطفيٰ وٽ قدر آهي اشڪبارن جو

اچي ڏس اي شہِ خوبان خدا جي واسطي هيڪر
تماشو قابلِ ديده آهي تنهنجي بيقرارن جو

دهانِ زخم دل جي مان اچي آواز ٿو قاتل
خدا وٽ داد ٿيندو روز محشر دل فگارن جو

حقارت سان نہ ڏس روئي سيہ ڪارن اي زاهد جو
منور ٿيندو منهن نورِ شفا سان عيب دارن جو

لواءِ الحمد هيٺان قادري هوندو قيامت ۾
جو آ خادم علم بردار جي خدمت گذارن جو

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

اهو همدم منهنجي دل کان جدا هڪ دم نہ ٿي سگهندو
سوا ان حال محرم دل جو محرم ٻيو نہ ٿي سگهندو

جهان جا ماه رو مٽ مهر رخ منهنجي سان ڪيئن ٿيندا
مہ تويدر ٻڄي نيرِ اعظم نہ ٿي سگهندو

ثنائي حسن جانان عقل جي طاقت کان ٻاهر آ
بيان زلف پيچان تا بہ محشر ڪم نہ ٿي سگهندو

ڪنهين بي درد جي صحبت نہ وڻندي درد وارن کي
گل گلشن ۾ بلبل ڪائون سان همدم نہ ٿي سگهندو

ازل کان آيو غم رنج والم حصي ۾ آدم جي
جو آهي آدمي سو قادري بيغم نہ ٿي سگهندو

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

كلي يا رب گل مقصود منهنجي دل جي بستان جو
وجي غم ۽ خوشي جو ٿي سبب هن بلبل جان جو
وڻي ٿو سير ما کي ڪين ڪي دنيا جي بستان جو
نظارو بس آهي مون لئي فقط دل جي گلستان جو
اچي آرام ڪيئن دل کي فراق يار ۾ ڪو پل
تصور دل پريشان کي آهي زلفِ پريشان جو
ٿيو بيهوش موسيٰ طور تي هڪڙي تجليءَ سان
سوا پردي ڏسڻ مشڪل آهي ديدار جانان جو
ڏسڻ لئي ان جي پيدا ڪر بصيرت پنهنجي چشمن ۾
بصارت کي نہ طاقت جو ڏسي رخ شاه خوبان جو
اکيون دل جون پٽي ڏس تون تہ حڪمت حسن چاهي
حقيقي حسن جي لئي بس آهي آئينو انسان جو
پري ڏي جام اي ساقي پيا پئي باد نوشن کي
اچي وئي عيد عالم ۾ ۽ گذريو ماه رمضان جو
جو آهي راز پنهان قادرِ قادر جي قدرت ۾
نہ ڪو واقف بني آدم آهي ان راز پنهان جو

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

سوين عاشق پريشان چو ڪري ٿو حسن خوبان جو
اهو آهي سمورو عڪس انجي روئي رخشان جو
نہ ڪي طاقت اڏامڻ جي نہ ڪي دل کي قرار آهي
پيو آ دام مرغ دل کي ان جي زلف پيچان جو
ڪئي خواهش سڪندر چشمهٔ حيوان جي ڳولڻ جي
ڏٺو شايد نہ هو ان چاه دلبر جي زنخدان جو
ڪيو حيران پريشان زلف ۽ رخ شاه خوبان جي
نہ آهي خوف خطرو منهنجي دل کي ڪفر ايمان جو
چوي ٿو شعر سندي سنڌ ۾ بس قادري اهڙو
جيئن جو پارسي ۾ شعر آ مشهور ايران جو

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

گلستان جهان مظهر آهي الله اڪبر جو
جمالِ خوبرو يا عڪس ان جي ذات اطهر جو
منور چوڻ تي دل نور ان رشڪ قمر جي سان
بغل ۾ منهنجي دل آهي ۽ دل ۾ گهر آ دلبر جو
ڪشش حسن حسينا جو ڇڪي ٿو عاشقن جي دل
تصور عاشقن کي آهي ان جي روئي انور جو
اچن اڏو سوين سختيون ٿيون راه عشق ۾ هر دم
ضرور آهي رهِ عشق خدا ۾ خاص رهبر جو
لنگهي هي عشق جو دريا ساحل تي وڃڻ مشڪل
مگر گهرجي وٺڻ هٿ بحر عرفان جي شناور جو
بهاري عمر منهنجي جي خزان جي دور ۾ آئي
نڪي ويو عشق دل کان ۽ نه گهٽ ٿيو شوق ساغر جو
سخن دان کي سخن جو قدر آهي قادري بيشڪ
سوا صراف جي ڄاڻي نڪو پيو قدر گوهر جو

MAAB 1431
maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

رهي ٿو موجزن بلبل جي دل ۾ خون رگ دل جو
نزاڪت رنگ گل کي آهي خونِ چشم بلبل جو
نہ آهي فڪر بلبل کي تنهنجي چاڪ گريبان جو
ٿيو ڇو فڪر گل توکي دلِ صد چاڪ بلبل جو
ڪشش حسن حسينان ۽ حقيقت عشق عشاقان
اهو سمجهڻ سمورو سر آهي ڪم تخيل جو
عجب نيرنگي دنيا ۽ انجي دلفريبي ڇا
نہ ٿي قيدي عروس دهر جي زلفِ تسلسل جو
نہ ويندو شوق جي گهٽجي رطوبت وئي جوانيءَ جي
صراحي گرچہ خالي ٿي رهي ان ۾ اثر مل جو
سخن ڇئو قادري اهڙو هجي موزون ۽ پر معنيٰ
ڇڏي ڏي گفتگو معشوق عاشق گل ۽ بلبل جو

maablib.org

بحر: هزج مثمن مخذوف

وزن: مفاعيلن مفاعيلن فعولن

نہ گيسو ان جو هڪ دامِ بلا هو
وبالِ جان مگر ناز و ادا هو

ٿيو بسمل جنهن ڏي هو ڏٺائين
نگہ جو تير ڄا تيرِ قضا هو

وفا انجي ڪان واقف آهي عاشق
وفا ان جي فقط جورو جفا هو

اجائي عمر وئي عشق بتان ۾
مجازي عشق منهنجو ناروا هو

ڏنو منصور سر سوري تي سڪ مان
انهيءَ جي دل ۾ جو عشق خدا هو

ڏنو ساقي جو مئي الفت جو هڪ جام
اهو بس قادري جام بقا هو

maablib.org

بحر: هزج مسدس محذوف
وزن: مفاعيلن مفاعيلن فعولن

خدا جو گنج مخفي مصطفيٰ هو
گھر گنج الاهي مرتضيٰ هو
قوي بازو قوي همت قوي دل
وصي مصطفيٰ شيرِ خدا هو

مديني علم جي جو در هو بيشڪ
عليم و عالمِ علم هديٰ هو
منور دل جنهن جي رشڪ الماس
جگر پر خون حسن المجتبيٰ هو

سوين صدمان سنائين عشق حق ۾
اهو راهه خدا ۾ جان فدا هو
فنا في الله هو رنج و بلا ۾
سچو عاشق شهيدِ ڪربلا هو

هزارين زخم ها ان جي بدن تي
زبان تي ان جي ته به شڪرِ خدا هو
وڏو هو شان خاتون قيامت
هميشه ان مٿي راضي خدا هو

صدف تطهير جا هي پنج موتي
قسم باالله هر هڪ حق نما هو
رضا ۾ رنج غم ۾ رشڪ ايوب
امامِ حق علي زين العبا هو

محمد باقر و جعفر ۽ ڪاظم
علي موسيٰ رضا معجز نما هو

تقي فياض اڪمل فيض وارو
نقي ۽ عسڪري صاحب رضا هو

امام آخر زمان آهي محمد
بلاشڪ قادري سو رهنما هو

MAAB 1431
مرکز احیاء آثار برّ صغیر
maablib.org

بحر: متقارب مثمن سالم
وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

خيال آهي طاعت خدا تي ڪهين جو
فدا ساهه سر دلربا تي ڪهين جو

ڪومئي خور ڪو مجنون ڪو صورت پرست آ
قدم ڦابو راهِ هديٰ تي ڪهين جو

ڪي عاشق اکين جا ڪي زلفن ۾ قيدي
آهي عشق حسن خدا تي ڪهين جو

گهڻا محو دنيا جي حرص و هوا ۾
توڪل رهي ٿو خدا تي ڪهين جو

ڪو ڪنهن جو ڪو ڪنهن جو رکي ڀروسو ٿو
آهي آسرو ڪبريا تي ڪنهين جو

ڪي طاعت تي تقويٰ رکن زهد تي ڪي
۽ ناز آهي رحمت خدا تي ڪهين جو

ٿيڻ قادري گهرجي راضي رضا تي
هلي ٿو ڪو ڇا وس خدا تي ڪهين جو

MAAB 1431
maablib.org

بحر: هزج مثمن اخرب

وزن: مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن

افسوس اي ساقي جو تون ڏين نہ تو پيمانو
خالي ٿي ويو مئي کان تنهنجو ڇا هي خم خانو

توحيد جي مئي جو ڏي هڪ پر ڪري پيمانو
آ باد سدا ساقي تنهنجو رهي ميخانو

ساقي جي هٿان پيتو جنهن بادئہ بيهوشي
مسرور رهي مستيءَ ۾ چونہ سو مستانو

گلزار اچي هيڪر پنهنجي تہ قدم سان ڪر
جو آتش فرقت ۾ ٿو هي جلي خس خانو

افسوس اچي ڦاٿس هت دام بلاجي ۾
ڪاٿي ٿو رهان هاٿي ڪاٿي منهنجو ڪاشانو

داناءُ اهو آهي بهلول ۽ مجني جان
دنيا ۾ رهي جيڪو مجذوب ۽ ديوانو

خالي آهي دنيا ڪان جي قادري هٿ منهنجو
الله منهنجي من ۾ بس آهي هي در دانو

maaplib.org

بحر: مجتث مثمن مخبون محذوف

وزن: مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

اچڻ سان يار جي روشن غريب خانہ ٿيو
مثال طور جي هي سنگ آستانہ ٿيو

ٿيو جو عشق جي ارهہ سان چير چير جگر
جا خوب زلف سمن بر جي لاءِ شانہ ٿيو

سياه خال گره دار زلف منهن گل گون
ويال بلبل دل جو هي دام دانہ ٿيو

گلن جي فصل ۾ ٿي عندليب هاءِ اسير
انهيءَ جي لاءِ قفس ڇڻ ڪي آشيانہ ٿيو

وفا ڪان منهنجي ۽ تنهنجي تہ بيوفائي ڪان
خدا تو ڄاڻي اتہ واقف سچو زمانہ ٿيو

چمن ۾ سوز ڪان جو بلبلا فغان ٽا ڪرن
گلن جي لاءِ اهو قادري ترانہ ٿيو

MAAB 1431
maablib.org

بحر: متقارب مثمن سالم

وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

جي برقي مان ظاهر رخ يار ٿيندو
تہ محشر زماني ۾ يڪبار ٿيندو

تعجب ۾ ايندا ملڪ جن انسان
منهنجي دل جو جي راز اظهار ٿيندو

نہ ڪيڏ ٻاڦ ٻاهر اندر مان اي عارف
اناالحق جو چوندو سردار ٿيندو

جي دنيا ۾ ديدار ان جو آ مشڪل
بڌان ٿو قيامت ۾ ديدار ٿيندو

قدم رشڪ گل منهنجي دل ۾ جي رکندو
تہ آتش ڪده دل جو گلزار ٿيندو

سوين خار حسرت جا دل تي جهليندو
اي گلرو جو تنهنجو طلب گار ٿيندو

تنهنجي مئي محبت جو جنهن جام پيتو
اهو تابہ محشر نہ هشيار ٿيندو

اها قادري ليلت القدر آهي
جهين رات دلبر جو ديدار ٿيندو

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مڪفوف محذوف
وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

دل کي آ شوق ساقيا مئي جي اياغ جو
پر نور جنهن جي نور سان ٿئي گهر دماغ جو.
دل کي وڻي ٿو ڪين سوا گلعزار جي
مئي ناب ابر باد صبا سير باغ جو
دل ۾ رهي ٿو داغ جو دلبر جي عشق جو
محشر ۾ ٿيندو داد منهنجي دل جي داغ جو
خون جگر پئي ٿو بجا آب باغ دل
گل خون فشان کلي ٿو منهنجي دل جي باغ جو
رنگ صبا چا باغ جهان ۾ ڦري ويو
گل ڦل ۾ هاءِ ڏسجي ٿو اڄ رنگ زاغ جو
عارف ڏسي ٿو خار ۽ گل مان جمال حق
يڪسان نظارو ان جي اڳيان باغ راغ جو
آهي اهو نہ عشق مجازي بغير حق
جنهن کي چون ٿا عشق خلل آ دماغ جو
دل آهي محو صورت جانان اي قادري
ڏسجي نہ ٿو ڪو باعث دل جي فراغ جو

بحر: متقارب مقروض اثلم (16) سورنهن رڪني

وزن: فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن

جمال خوبان شباب کان پوءِ گھٽجي ٿو سو جمال ڪهڙو
ڪمال جنهنکي زوال آهي زماني ۾ سو ڪمال ڪهڙو

جمال جو لايزال آهي انهيءَ کي حسن ڪمال چئجي
جو بدر مان ٿي هلال گھٽجي سو آهي روشن جمال ڪهڙو

رهي ٿو جاتي هو شاه خوبان اتي نہ پهتو خيال ڪنهنجو
وڃي نہ پنهنجي جي جاءِ ان تي تہ منهنجو آهي خيال ڪهڙو

وصال جانان جو چئجي انکي جئين جو دريا ۾ قطرو گم ٿي
جي جسم جانان ۾ گم نہ ٿو ٿي تہ اهڙو آهي وصال ڪهڙو

جي ماڪي مارين تہ سر بہ ڪف آ مگر ڪرشمي سان يا ادا سان
جي تيغ بران سان ماڪي مارين تہ ان ۾ تنهنجو ڪمال ڪهڙو

لطيف اندام آهي جانان محيط هر شيءِ ۾ بوءِ گل جان
وجود بي مثل جنهنجو پنهان ڏيان انهيءَ جو مثال ڪهڙو

ويا هزارين امير سلطان نہ عمر ڪي ڪجھ بقاءِ آهي
اجائي هستي تي آ وڏائي ضعيف انسان جو حال ڪهڙو

تون آهين ستار ۽ تون غفار مان گنهگار ياالهيٰ
شفي ۽ ساقي علي محمد پوءِ قادري کي ملال ڪهڙو

maablib.org

رديف هاءِ

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ٿيو نازل ثنا تنهنجي ۾ قرآن يا رسول الله
خدا هر دم تنهنجو آهي ثنا خوان يا رسول الله

وئي گم ٿي شبِ ديجور هڪ دم ڪفر بدعت جي
تولد تنهنجي سان اي شمس تابان يا رسول الله

تنهنجي آئينئہ رخسار ۾ ظاهر آهي والله
جو شاهد غيب جو هو حسن پنهان يا رسول الله

تنهنجي گلزار خوبيءَ تي قمر قربان بلبل جان
۽ گل چين آهي ان جو ماه ڪنعان يا رسول الله

تون بلبل باغ وحدت جو حقيقت ۽ طريقت جو
شريعت جو ڪيو تو سبز بستان يا رسول الله

مسيحا ڪي آهي خواهش تنهنجي درجي غلاميءَ جي
جو تنهنجو اسم آ دردن جو درمان يا رسول الله

ڪيو تو سير سبحان الذي اسرا جو هڪ پل ۾
ملائڪ انبيا حيرت ۾ حيران يا رسول الله

اچي لهہ سارهن بيڪار ۽ بدڪار عاصيءَ جي
ڪري ٿو قادري دردن مان داهان يا رسول الله

بحر: هزج مثمن سالم
وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

صبا ڏي حال دلبر کي مگر آهستہ آهستہ
جو گل کان نازڪ آهي ڪج خبر آهستہ آهستہ

نگہ ڪر نارتين هيڪر خدا لڳ پنهنجي عاشق ڏي
ڏنائين ناز سان ماڏي مگر آهستہ آهستہ

پياري بيخودي جي مئي جو ساقي جام فرمايو
ڪندو نشو گهٽو هي جام پر آهستہ آهستہ

گهڻا احسان تنهنجا ٿو ميان جو مهربان آهين
ڪرين جي رحم جي ماتي نظر آهستہ آهستہ

ڪرين جي قتل اي دلبر تہ حاضر آهي سر منهنجو
وهائج حلق تي خنجر مگر آهستہ آهستہ

وبو تيرِ نگہ پيهي جگر ۾ سو جي ڪيڏندين تون
وهي رت تي هليو ويندو جگر آهستہ آهستہ

منهنجي دل مان جي نڪري آه تي سا پر اثر آهي
ڪندي اي سنگ دل توکي اثر آهستہ آهستہ

اجائي عمر گذري عشق بازيءَ ۾ مگر اي دل
سگهو ڪر ملڪ معنيٰ ڏي سفر آهستہ آهستہ

لڪائين ٿو اجايو عشق انجو دل ۾ ماڻهن کان
هلي ويندي جهان ۾ هيءَ خبر آهستہ آهستہ

جي آهين بي خبر اي قادري تون رازانجي کان
تہ پوندي راز جي توکي خبر آهستہ آهستہ

بحر: مضارع مثمن اخرب مقفوف مقصور
وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

مئي ناب، ابر ساغر مينا بهار آهہ
ساقي پيار جام جو رب پرده دار آهہ

ساقي پيار جام پيا پئي وصال جو
دل تان لهي جو هجر جي غم جو غبار آهہ

زاهد کي فخر طاعت تقويٰ تي ٿو رهي
رندن جي سرتي رحمت پروردگار آه

عاشق جي دل ڇڪڻ جي ڪشش آهي حسن ۾
پروانو ٿو سڙي جو شمع بيقرار آهہ

مئي گون چپن جي وصف ۾ مخمور ٿي قلم
ڪيهان ڪري چوي ٿو ثنا بي شمار آهہ

لالا ڏٺم جو قبر تي نڪتل تہ دل چيو
هي ڪنهن شهيد ناز جي ويران مزار آهہ

ساقي خدا جي واسطي ڏي جام مغفرت
مئي نوش قادري تہ گھڻو عيب دار آه

MAAB 143
maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف مقصور
وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

داغ جنون کان دل منهنجي مثل بهار آهہ
خونِ جگر کان دامن تي لالا زار آهہ

دل جو هميشه باغ رهي ٿو شگفتہ رو
جو آه سرد منهنجي نسيم بهار آه

جاري آ خون هر رگ سنگِ مزار مان
هي ڪنهن شهيد ناز جي ويران مزار آهہ

تنهنجي نگہ سان دل جو گلستان آ تازه تر
تنهنجي نگہ جي موج تہ ابرِ بهار آهہ

اپريو نہ صبح پردي ۾ شب جي آ آفتاب
لڙڪايو پنهنجي منهن تي جو زلفن ڪي يار آهي

دلبر جي هجر ۾ ٿو رڙي روح رعد جان
ڳوڙها وسن ٿا ابر جان دل بيقرار آهہ

بدڪار عيب دار گنهگار قادري
رحمت ۾ ياخدا تنهنجي اميدوار آهہ

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مڪفوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

دلدار جو ڪري ٿو ستم سو ستم نہ آھ
والله ظلم يار جو عشرت کان ڪم نہ آھ

آدم تي آيو آهي امانت جي غم جو بار
آدم اصل نہ آهي اهو جنھن کي غم نہ آهي

دل درد ۾ دونيم قلم جان آ سر قلم
طغرا ۾ وصل يار جو لکيو قلم نہ آهي

عاشق اهو نہ آهي هٽي عشق جو ٿو دم
رنج و الم ۾ جيڪو جو محڪم قدم نہ آهي

دل جي اکين ۾ عڪس هميشہ آ يار جو
ڪجھ فڪر غم نہ آهي جو آڏو صنم نہ آھ

عالم ۾ حسن ناز انهيءَ جو پيو آ شور
هو جان جهان فتنۂ محشر کان ڪم نہ آھ

گلرو ڏي خط لکان ٿو تہ داهان ڪري قلم
منقار عندليب آ نوڪ قلم نہ آھ

معشوق هوندي مان جو ڏٺو گل ڏي باغ ۾
شرمايو گلعزار هي عاشق جو ڪم نہ آھ

دلدار بي حجاب گهڙي دل جي گهر ۾ آءِ
ري درد تنهنجي پيو ڪو خدا جو قسم نہ آھ

شافي علي محمد حاضر جڏهن هجي
والله قادري کي قيامت جو غم نہ آھ

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف مقصور
وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

ڪا جاءِ ناهين جاتي خدائي جهان نہ آهہ
خالي سندس نظر کان زمين آسمان نہ آهہ

موجود آ جهان ۾ اهو واجب الوجود
ناهين نهان اگرچہ ڏسڻ ۾ عيان نہ آهہ

عشق بتان ۾ عمر اجائي نہ صرف ڪر
سهڻن جو حسن ناز ادا جاودان نہ آهہ

دنيا جي حرص کي ڇڏي عقبيٰ جي وات وٺ
دائم رهڻ جي لاءِ تہ دنيا مڪان نہ آهہ

حبل المتين هٿ ۾ ڪري راهِ راست وٺ
قبضي ۾ پنهنجي توسن عمرِ روان نہ آهہ

مشهور مجنون آهي تہ عشق مجاز ۾
ڇا ٿيو حقيقي عشق ۾ جو خستہ جان نہ آهہ

ناز و ادا ۽ غمزي سان دل دلربا کسن
پر منهنجي دلربا جو ڪو مٽ دل ستان نہ آهہ

هر هڪ بلا تي صبر ڪري سر ڏيڻ سوا
مڪتب ۾ عشق جي ڪو ٻيو امتحان نہ آهہ

يارب بچاءِ دل منهنجي آفت غمن جي کان
تيرِ بلا جو دل سوا ٻيو ڪو نشان نہ آهہ

محبوب حق جو عشق آهي دل ۾ جاءِ گير
والله دل کي خواهش حور و جنان نہ آهہ

محشر ۾ آفتاب جي تابش کان قادري
پنجن تنن جي حب سوا سائبان نہ آهہ

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعیل فاعلن

دل ۾ رهي تو يار ڇا توکي خبر نہ آهہ
جنهن سان ڏسين تون ان کي سا توکي نظر نہ آهہ

واقف آ حال دل جي کان دلبر پوءِ ڇو چوان
جنهن جي مران تو عشق ۾ تنهن کي خبر نہ آهہ

رنج و الم ۽ غم آيو آدم جي واسطي
جنهن کي جو درد دل نہ آهي سو بشر نہ آهہ

دنيا جي گلستان ۾ سوا برگ ياس جي
اميد جي ثمر کان تہ دل بهر ور نہ آهہ

صانع رکيو جو راز آهي ڪائنات ۾
آگاه ان جي راز کان ڪوئي بشر نہ آه

بخشيش کان سوا تنهنجي محشر ۾ خدايا
نيڪن ڪمن جو ماکي تہ ڪجهہ ٻيو ثمر نہ آهہ

ساقي علي محمد شافي آ قادري
روزِ جزا جو دل ۾ تہ خوف و خطر نہ آهہ

maablib.org

بحر: رمل مسدس محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

دوست هڪ ما سان فقط دم ساز آه
ٻيو نہ ڪوئي مونس و هم راز آه

دوست آيو بيڪسي منهنجي ڏسي
ما ڪي پنهنجي بيڪسي تي ناز آهہ

آهي انسان سر ذاتِ ڪبريا
سر سمجهي سو جو محرم راز آهہ

عشق پيي انسان ۾ آهي حسن پيي
ان جي فطرت ۾ رکيل ڪو راز آهہ

عشق جو انجام آهي سر ڏيڻ
لا يُحِبُ الافلين آغاز آه

ڪربلا ۾ جو ٿيو ذبح عظيم
ان ۾ مخفي رب جو ڪو راز آهہ

قادري سان قرب آهي يار جو
مهرباني ان جي بي انداز آهہ

MAAB 1431
maablib.org

بحر: رمل مسدس محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

اي فلڪ تنهنجو نہ ما سان ساز آهہ
بار دل منهنجي تي بي انداز آهہ

بيڪسي ۾ رنج غم دم ساز آهہ
ما ڪي پنهنجي بيڪسيءَ تي ناز آهہ

منهن نہ موڙي ڪار زارِ حسن کان
عشق ۾ جو عاشق جان باز آهہ

مرغ بي پر ڪيئن اڏامي ان جي لئي
خواهش گل طاقتِ پرواز آهہ

قادري جي دل ۾ آهي داغ عشق
تنهن ڪري محبوب وٽ ممتاز آهہ

MAAB 1431
maablib.org

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف
وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

ساقيا جام مئي ڏي جو بهار آيو آهه
ڇا عجب شاخ تي اڄ گل ٿي سوار آيو آهه

ڏس ته لالا جو به پيمانو ڀريل آ مئي سان
چشم نرگس ۾ عجب ڇا ته خمار آيو آهه

مرغ دل اٿ اٿي مقصود جو گل ڳولي لهه
منهنجي اميد جي گلشن ۾ بهار آيو آهه

آسمان ما سان اڃان تائين ته ناساز آهي
منهنجي قسمت ۾ بجا گل جي ته خار آيو آهه

خاڪساري تا سيئي غنچهٔ و گل ڏيکارين
ڇا صبا يار جي قدمن جو غبار آيو آهه

خنجرِ ناز سان تنهنجو هي قتيل در تنهنجي
مرهم وصل جي لئي سينه فگار آيو آهه

قادري داغ منهنجي دل جا ٽڙن تا گل جان
گلشن دل ۾ ڪري قرب نگار آيو آهه

بحر: هزج مثمن اخرب مڪفوف محذوف

وزن: مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

اي بلبل دل رهہ تون خبردار هميشہ
يڪ سان نہ رهي حسن جو گلزار هميشہ

دل بيقرار ڪي نہ اچي ٿو قرار جو
گردش ۾ آهي چرخ ستمگار هميشہ

جاٽي ٿو چمن مرغ گرفتار قفس ڪي
مان لاءِ قفس گل سوا گلزار هميشہ

شيرين ٿو رهي وات ڇوڙ قند ڪان منهنجو
جو لب تي شڪرلب جي آ گفتار هميشہ

طفلي ڪان وٺي ڪيس جان اي ثاني ليلا
تنهنجو ٿو رهان يار طلبگار هميشہ

ديدار جي دوا ڏي خدا واسطي دلبر
دل درد ۽ غم ۾ آهي بيمار هميشہ

اي قادري جي شعر چوين ٿو تہ چئو مگر
معنيٰ سان حقيقت جي پر اشعار هميشہ

رديف يائ

بحر: مجتث مثمن مخبون محذوف
وزن: مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

خدا يا لطف ڪرم ڪرتون منهنجي حالت تي
نہ ڏين ٿو ڪنهن کي تون تڪليف ليڪ وسعت تي

رهي قريب لڪائين ٿو منهن وري ڇا ڪان
عجب آ پرده نشين تنهنجي اهڙي فرقت تي

ڏسي هي قدرت تنهنجي ملڪ نبي حيران
هلي ٿو دوٗر زماني جو تنهنجي قدرت تي

سوا وجود خدا جي فنا آهي سڀ ڪجھ
مدار آهي جهان جو حباب حيرت تي

جي رنج درد الم آهي منهنجي قسمت ۾
ٿيان ڇو رنج پلا پوءِ پنهنجي قسمت تي

ڪري جي لطف تہ عاصي تي جني پل ۾
نہ آهي فضل خدا جو فقط عبادت تي

عمل چڱو نہ ڪيو مان سوا گناهن جي
مدار منهنجو فقط آهي تنهنجي رحمت تي

جدا نہ ٿيندي حقيقت ۽ معرفت توکان
مدام قائم رہ قادري شريعت تي

MAAB1431
maablib.org

بحر: مجتث مثمن مخبون محذوف

وزن: مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

خداءِ پاڪ ﮪ عاشق آ تنهنجي صورت تي
تيان مان چوڻ فدا تنهنجي پاڪ طلعت تي

اچين تڏهن ﮪ نتو توڙي جان بلب آهيان
عجب اچي تو اي دلدار اهڙي فرقت تي

مران جي هجر ۾ تنهنجي ته دلربا هيڪر
اچي تون حال ڏسج دل جو منهنجي ميت تي

اتي ڪفن مان ادب سان چمان قدم تنهنجا
اچين جي رشڪ مسيحا تون منهنجي تربت تي

رکن جي لحد ۾ تون پاڻ پڙهه اچي تلقين
دعا نجات جي لئي گهر تون پوءِ تربت تي

مري ويو جو محبت ۾ قادري انجي
وسي تي رحمت حق بعد مرگ تربت تي

MAAB 1431
maablib.org

بحر: مجتث مثمن مخبون محذوف

وزن: مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

ويو بهار ولي گل جي آرزو نہ وئي
دماغ منهنجي مان ان گل جي هاءِ بو نہ وئي

ويو بهار جواني جو باغ عمر جي مان
مثال بلبل گلرو جي جستجو نہ وئي

بدن ۾ روح مقيد کي آهي شوق وطن
قفس ۾ بلبل کان گل جي آرزو نہ وئي

ويو جي عشق ۾ ٿي خشڪ آب رو منهنجو
ٿيس جي خوار ملامين تہ آبرو نہ وئي

جگر جو چاڪ جوان تا زلف سان ڪيو رفو
چنڻ کان پوءِ بہ سا لذت رفو نہ وئي

شراب عشق جو نشو جي قادري گهٽ ٿيو
انهيءَ جي هرهڪ مو جسم جي مان بو نہ وئي

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فعلن

آهي امت کي خوشي رحمت باري آئي
يعني گلشن ۾ محمدؐ جي سواري آئي

بلبلن کي ٿي چوي چاه مان اڄ باد صبا
شاهدِ گل جي گلستان ۾ عماري آئي

يانبي نور تنهنجي ذات خدا مان ڪيو ظهور
نيست مان هستِ ۾ سڀ خلقت ساري آئي

منهنجي هن قلب جي ڪس واسطي آهي صيقل
تنهنجي جا عشق ۾ بدنامي خواري آئي

تنهنجي رحمت جي خبر باد صبا گل سان ڪئي
قادري دل جي چمن ۾ ته بهاري آئي

MAAB 1431
maablib.org

بحر: ۔ رمل مثمن مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

زلف جي دام ۾ شل دل نہ اڙائي ڪوئي
جي وڃي اڙجي تہ ان کي نہ ڇڏائي ڪوئي

مرغ دل تيرنگہ کان نہ بچائي ڪوئي
تير نڪري جو ڪمان کان نہ ورائي ڪوئي

مثل سرمي جي ڪري سهٽا اکين ۾ تا وڃهن
آتش عشق ۾ جو دل کي جلائي ڪوئي

زخم دل گل آهي گويا منهنجي بلبل دل لئي
دامن زخم کي تاڪو نہ لڳائي ڪوئي

جو ڪيو ناز جي خنجر سان صنم ڦٽ دل ۾
ان سو اگرچہ مسيحا نہ ڇٽائي ڪوئي

عيش عشرت جو مزو ڪين اچي ان کي پسند
دل اندر درد جو دونهون جي دکائي ڪوئي

جنهن جي حق ۾ جو لکيل روز ازل کان آهي
قادري ليک سو هرگز نہ مٽائي ڪوئي

بحر: رمل مثمن مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

آهي سڀ ملڪ جو مختار رسولِ عربي
مرسلن مڙني جو منهن دار رسولِ عربي

ظلمت ڪفر وئي گم ٿي ڇمڙ سان انجي
نور حق جو ٿيو نروار رسولِ عربي

ڪوس و حدت جو وڳو ڪفر ۽ شيطان ڀڳو
ٿيو جڏهن غيب مان اظهار رسولِ عربي

باه دوزخ جي ٿي گلزار ڏسي جي ان ڏي
نگه لطف سان يڪ بار رسولِ عربي

ڇا ملڪ جن ۽ انسان نبي ۽ مرسل
آهي سيني سندو سردار رسولِ عربي

پنهنجي عيبن ڏي ڏسي غم ۾ رهان ٿو ليڪن
غمزدن جو آهي غم خوار رسولِ عربي

قادري خوف قيامت جو نه آهي الله
منهنجو شافع آهي سردار رسولِ عربي

maablib.org

بحر: رمل مثمن اخرب مكفوف محذوف

وزن: مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

اي يار سوا تنهنجي سهاروئي نہ آهي
والله ما كي ٻيو كو پيارو ئي نہ آهي

منهنجو تہ قمر طالع آ زحل جي گهر ۾
اهڙو تہ كنهن ٻئي جو ستاروئي نہ آهي

افسوس غم رنج و الم درد جي سببان
دل كي نہ خوشي جو مليو واروئي نہ آهي

دلدار دل جي گهر ۾ گهڙيي آءٌ بلاشك
ٻئي كنهن جو دل جي گهر ۾ گذاروئي نہ آهي

هڪڙو بہ كناري تي رسيو كونكو عاشق
دريائي محبت جو كناروئي نہ آهي

افسوس قادري جو نہ كو يار نہ غم خوار
دلدار سوا تنهنجي ٻيو چاروئي نہ آهي

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف محذوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

جنت ۾ ويندي امت خيرالانام جي
معلوم ڪر تون مام فترضيٰ ڪلام جي

گلشن ۾ آهي آمد منهنجي امام جي
خدمت ملي چمن ۾ مونکي انتظام جي

ساقي شراب شوق جي مخمور ڪيو دماغ
هاڻي آ دل کي خواهش ڪوثر جي جام جي

هن جسم جي قفس ۾ گهري ها نہ مرغ دل
ان کي خبر هجي ها جي دنيا جي دام جي

اي دل ڏسڻ گهرين ٿي جي ديدار دوست جو
ڪپ غير کي ڪري هٿ مقراض لام جي

محبوب لاْ ابالي مان خام عشق ۾
پرواه ان کي ڪهڙي پوءِ سودائي خام جي

مئي نوش مئي خوري کان ہ ٿي ڏينهن صبر ڪر
حرمت رکڻ ضرور آ ماه صيام جي

يا مصطفيٰ پيو تنهنجي آ سام قادري
لهہ سار جلد سيد سردار سام جي

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف محذوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

شب روز منهنجو عرض آهي ڪردگار کي
آرام صبر بخش دلِ بيقرار کي

آيو بهار هائي ڏسان ٿو نہ يار کي
دل ٿي گهري تہ باھ ڏيان مان بهار کي

ابرِ بهار جان ٿيون وسن هجر ۾ اکيون
پاڻي جي گهرج ناھ ڪا دل جي بهار کي

دل جي چمن ۾ گل نٿو اميد جو کلي
افسوس ڇا ٿيو آ نسيم بهار کي

تن منهنجو اي نسيم جڏهن ٿي غبار جان
پهچاءِ ڪوئي يار جي ۾ ان غبار کي

آهي غريق قادري عيبن جي بحر ۾
غواص رحمت ڪڍ عيب دار کي

بحر: مضارع مثمن اخرب

وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

پردي ۾ ڪير پنهان صاحب جمال آهي
پردي مان جنهن جو ظاهر جاه و جلال آهي

ظاهر جهان ۾ آهي هر جا وجود ان جو
ان جي ڏسڻ جي خواهش وهم و خيال آهي

ڳالهائي ٿو ڏسي ٿو هر حال ۾ ٻڌي ٿو
ديدار ان جو ليڪن بلڪل محال آهي

قدرت ڏسي انهيءَ جي ٿيا فيلسوف حيران
منهنجي زبان ثنا ۾ ان جي تہ لال آهي

عشق بتان اجايو جو حسن بي بقا آهه
رک عشق انجو دل ۾ جو لازوال آهي

ڦاسائين ڇو ٿو لعبت دنيا جي زلف ۾ دل
دنيا جو رنگ رونق خواب و خيال آهي

دنيا جي ڇڏ محبت رک عشق خاص حق جو
فتنو خلل جهان ۾ دنيا ۽ مال آهي

ڏي ساقيا خدارا هڪ جام مئي محبت
هاڻي سوا نشي جي دنيا و بال آهي

گفتار حق جي بس ٿي وئي وقت هن ۾ آهي
حق جي خلاف هرجا اڄ قيل قال آهي

دنيا جي حادثن کان پنهنجي پناه ۾ رک
يا رب قادري جو بس هي سوال آهي

maablib.org

بحر: هزج مسدس محذوف
وزن: مفاعيلن مفاعلن فعولن

محبت جنهن کي آهي سيم بر جي
ضرورت ناهي تنهن کي سيم زر جي

جنهن عاشق جو آهي شوق رهبر
نہ آهي گهرج ان کي راه بر جي

بہ هر صورت جمالِ يار ظاهر
ڏسي سگهندي نہ اک کوتہ نظر جي

نہ ٿئي دل خشڪ زاهد جي منور
وٺي کو ڏي نہ ٿي رونق گهرجي

بس آهي روشنائي دل جي گهر لئي
نگہ پر نور ان رشڪِ قمر جي

مڙه جي تير تيغ ابرو کان ان جي
کيان دل جي حفاظت يا جگر جي

اچي رهہ دل ۾ دلبر جو الم غم
کرن ٿا پاسباني دل جي گهر جي

پيارو ان کي آهي قادري سو
وڃي چائٺ چمي جو ان جي در جي

MAAB 1431
maablib.org

بحر: هزج مسدس محذوف

وزن: مفاعيلن مفاعيلن فعولن

اچي ڏس يار حالت ناتوان جي
گھٽا ڏک ڏي ٿي گردش آسمان جي

ڪيو بيخود شرابِ شوق تنهنجي
پوي سڏ ڪين ٿي ڪا جسم جان جي

محبت ۾ تنهنجي دل مست آهي
نہ گھرج آهي شراب ارغوان جي

نہ ٿي ٿئي آرزو پوري ڪا دل جي
نہ ڪا ڪل ٿي پوي دور زمان جي

هئڻ هستي نہ گھرجي هن جهان ۾
فنا ٿي آ بنا ڪون و مڪان جي

ڏئي ڏک ڪيترا ان آزمايو
ضرورت ناهي ڪنهن ٻئي امتحان جي

وئي گذري اجائي عمر ساري
نہ پئي ما ڪي خبر عمرِ روان جي

خدا يا پاس ٿيان شل امتحان ۾
نئي ترڪيب نڪتي امتحان جي

رخ دلدار جو ديدار ڪافي
نہ خواهش دل ڪي گلزار جنان جي

شفا آهي مريضن عشق جي لئي
نظر هڪ قادري جانِ جهان جي

بحر: متقارب مثمن محذوف

وزن: فعولن فعولن فعولن فعل

كلي دل جي مڪڙي صبا کي ڏسي
جو آئي آ اڄ ۾ لقا کي ڏسي

قبا جان تي صد پاره حسرت کان دل
انهيءَ جي بدن تي قبا کي ڏسي

ڪرشمو انهيءَ جو جفا عاشقن
وڏيو عشق جورو جفا کي ڏسي

ويا وهم انجي جفا جا لهي
سندس هٿ ۾ ڪلڪ قضا کي ڏسي

رهي آسيا ۾ زماني جي ٿي
منهنجي دل ته خوف خدا کي ڏسي

اهوئي نه مظهر ۾ موجود آهه
نه پل حسن هن بي بقا کي ڏسي

پري قادري کان نه آهي اهو
لڏم قرب رنج و بلا کي ڏسي

MAAB 1431
maablib.org

بحر: متقارب مثمن محذوف

وزن: فعولن فعولن فعولن فعلن

منهنجي آه ڇا پر اثر ٿي وئي
جو دلبر جي مون ڏي نظر ٿي وئي

ڪسي دل جو دلبر رکي دل ۾ دل
لڳي دل سان دل بهر ور ٿي وئي

وجي اوچتو حسن جي بحر ۾
بط دل شڪار نظر ٿي وئي

پنهنجي ابر نيسان جي شوق ۾
صدف چشم جي پر گهر ٿي وئي

گهلي ٿي جهان ۾ مخالف هوا
زماني جي حالت بتر ٿي وئي

ڇڏي حق کي باطل کي حق ٿا ڏسن
انهن جي ڇا ڪ بي بصر ٿي وئي

نگ ناز ساقيءَ جي سان قادري
سوا مئي جي دل بي خبر ٿي وئي

MAAB 1431
maablib.org

بحر: رمل مسدس محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

اي مسيحا ڪر ڪرم دلگير تي
ڏي دوا سا جا اثر اڪسير تي

ڪجھ تہ ظالم دل ۾ رک خوف خدا
ڪر نہ ايڏو ظلم بي تقصير تي

بت ڪده دنيا جو آهي بي بقا
ٿي نہ عاشق بي بقا تصوير تي

ان جي پرون تي جو ڏسجي ٿو عرق
جوهر آهي موج زن شمشير تي

نقش ڪيندي ان جو نقاش ازل
ٿي پيو عاشق انهيءَ تصوير تي

مئي پرستي ڪان نہ مڙندس زاهدا
ڏي ڇڏي ما ڪي منهنجي تقدير تي

ٿيو گهڻو عالم ۾ رسوا قادري
ڪر ڪرم هن پنهنجي دامن گير تي

MAAB 1431
maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

پنهنجي مرهم رازکان عاشق چو بيگانو رهي
شمع روان يار جي تي چونه پروانو رهي

يار محمل ۾ اچي ليليٰ صفت من سير لئي
تنهن کري جهنگل ۾ مجنون جان ٿو ديوانو رهي

جي اچي هو دل جي سڙندڙ گهر ۾ ابراهيم جان
باه مان گلزار تي سرسبز ڪاشانو رهي

ساقيا ڏي جام مئي مثل رخ خورشيد رو
صبح اميدن جو ايري ياد پيمانو رهي

مئي الستي ڏي ته مستيءَ ۾ اچي دل چئي بلا
شل هميشان ساقيا تنهنجو هي ميخانو رهي

دل جو پيمانو ڀريل آهي شراب شوق سان
يا الهيٰ تان قيامت پر هي پيمانو رهي

جي پئي ساقي هٿان هڪ جام مئي جو محتسب
زهد تقويٰ کي ڇڏي مئي نوش مستانو رهي

يا الهي ڪر عطا رنج و بلا ۾ دل سليم
قادري کي صبر سالم لب تي شڪرانو رهي

MAAB 1431
maablib.org

بحر: رمل مسدس محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

چشم خوني تي قضارا دل جو مائل ٿو وئي
هڪ اشاري تيغ ابرو جي سان گھايل ٿي وئي

چشم جي ڪپ مان نگھ جي تيغ قاتل جو ڪڍي
مرغ بسمل جي طرح دل منهنجي بسمل ٿي وئي

دل ڏڪي قاتل جي وقتِ قيل يڪلم منهن جي دل
حرز جان ٿي ان جي گردن ۾ حمايل ٿي وئي

ناز نيڻن جي سان ماڏي يار مرڪي جو ڏٺو
جا هوئي اميد منهنجي دل جي حاصل ٿي وئي

دل ڪسي ويو دلربا ۽ درد غم مان وٺ رهيو
درد غم دلبر جو بيدل واسطي دل ٿي وئي

بعد مدت ماهرو ٿيو منهنجي گھر ۾ جلوه گر
هجر جي ظلمت سموري دم ۾ زائل ٿي وئي

ڪاروانِ شوق ويو ٿي واٽ وحشت جي وٺيون
جان رسيو ڪربو بلا ۾ ان جي منزل ٿي وئي

ري گواهن جي ڇٽن مشڪل هو بخشيش لئي
بيسڪي منهنجي ڏسي تقدير شامل ٿي وئي

قادري اعمال نامه جاچ لئي جو پيش ٿيا
جا عبادت ري محبت هوئي سا باطل ٿي وئي

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

اج زماني جي روش بلڪل نرالي ٿي وئي
جو طبيعت دلربا جي لا ابالي ٿي وئي

دؤر پيماني جو جو پر شرابِ عشق سان
جام خالي آهي اج مينا بہ خالي ٿي وئي

منهنجي دل جي آرزو هرگز نہ خالي موٽندي
جو محبت سان سخي جي در سوالي ٿي وئي

شاهدِ گل گون بدن جو رات آيو خواب ۾
راز معنيٰ جي گلن سان پر نها تي ٿي وئي

عشق وارن کي ٿو ڏي غم خوش رهن بي عشق تا
چال هن چرخ ڪهن جي پي نرالي ٿي وئي

مرد مولا جو ملڻ مشڪل ٿو ڏسجي قادري
هاءِ هن دنيا ۾ اج قحط الرجالي ٿي وئي

maablib.org

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

لذت دنيا ڇڏي عقبيٰ جو ڪڻ ڪجھ زاد يي
ماخلت الجن جو ڪر قول اي دل ياد يي

اي عنا دل رھ خبرداريءَ سان هن گلزار ۾
جو آهي موجود هت صياد يي جلاد يي

گلشن عالم ۾ رھ اهڙي طرح اي عندليب
باغبان يي خوش رهي راضي رهي صياد يي

حسن جي گلزار ۾ سهڻن وڏو جو دام زلف
ان ۾ آهي بلبل دل قيد يي آزاد يي

يار جي ناز و ادا شوخي تلون طبع کان
آهي دل پر درد منهنجي شاد يي ناشاد يي

ٿو رهي دنيا ۾ مرغابي جان منهنجو مرغ دل
غرق دريائي هوا وَ حرص يي آزاد يي

يار جي تصوير ڪيندي ناز ۽ غمزو ڏسي
قادري حيران ٿيو مان يي ۽ بهزاد يي

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

دوش ان دلبر سان ڇا خلوت ۾ يڪتائي نہ هئي
جو اجان مخلوق ڪل اجسام ۾ آئي نہ هئي

دور پيالي جو هليو ٿي رشڪ گل ساقي هتان
محفل آندان ۾ ڇا هي باده پيمائي نہ هئي

عشق جي مئي جو پري ساقي ڏنو ان وقت جام
مان خوشيءَ سان نوش ڪيو صدمن جي ڪل ڪائي نہ هئي

جان تن وسري ويو ان جي شرابِ شوق ۾
بي خودي جي عشق ڇا پوشاڪ پهرائي نہ هئي

منهنجي دل ان وقت ان جي حسن تي عاشق هئي
جو اها صورت اجان عالم ۾ پيدا ٿي نہ هئي

عشق ۾ رسوا ٿيس مان هو آهي آزاد ڇا
قيس جي رسوائي ڇا ليلا جي رسوائي نہ هئي

ذڪر ان جي ڪان سوا ڇڏ گفتگو ٻيو قادري
قيس کي ليليٰ سوا ٻي وات ڪا وائي نہ هئي

maablib.org

بحر: رمل مشمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

تو ڪيو آهي تيز خنجر آزمائڻ واسطي
عاشقن لئي عيد آئي سر ڪپائڻ واسطي

مان سچاٽي سرنوايو تو اڳيان اي دلربا
تو اچي شيطان آڏو برغلائڻ واسطي

چو ستائين تو هميشہ ما کي دلبر هر طرح
مان فقط دنيا ۾ آهيان چا ستائڻ واسطي

درد غم رنج و الم جو عشق ۾ ما کي مليو
دل نہ ٿي چاهي خوشيءَ سان غم مٽائڻ واسطي

آهين تون مختيار فاعل پاڻ سڀ ڪجھ تو ڪرين
ڏين گلا تقدير تي پنهنجي بچائڻ واسطي

لاھ منهن پنهنجي تان برقو سال ويا سڪ ۾ لنگهي
حسن توکي ڏيو عطا چا منهن لڪائڻ واسطي

قادري سان قرب آهي ان يگاني يار جو
پر لڪائي منهن ٿو هو الفت وڌائڻ واسطي

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

خلق خالق خاص خلقي هن زماني واسطي
دانئہ گندم اھو آدم لئي بهاني واسطي

هي زمانو بي بقا آهي، بقا جو خيال ڪر
آيو هت هر ڪو پڪي جان آشياني واسطي

ڇڏ پٺي شيطان جي رهہ حڪم ۾ ثابت قدم
پيو اچي آدم ڏکن ۾ هڪڙي داڻي واسطي

شاهد خلوت نشين جو گڏ هو سو هت ٿيو جدا
دل اداسي آهي ان دلبر يگاني واسطي

تنهنجو مان عاشق ۽ تون معشوق منهنجو پرهي ڇا
مان فقط تنهنجوئي آهيان تون زماني واسطي

تار رڳ هر مرد حق جي مان اچي حق جي صياد
سا زهر انسان جو ٻي ٻي طراني واسطي

نفس تنهنجي جو جي مرڪب شوخ ٿي اي قادري
لاجي رسي آڻ ان جي تازياني واسطي

بحر: هزج مثمن اخرب

وزن: مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن

آزرده نہ ٿيءِ مئي ڪش جاري رهي مئي نوشي
مخمور رهي هر دل قائم رهي مدهوشي

آواره وطن فرقت ۾ ڇا ڪندو مئي نوشي
مجني کي بجائي مئي هوئي دشت ۾ خون نوشي

ساقيءَ جي نظر هڪ سان ويو زهد ڇڏي تقويٰ
مئي خانہ ۾ وحدت جي مان جو ڪئي مئي نوشي

جي زهد نہ ٿي ما ڪان زاهد نہ ملامت ڪر
مئي عشق حقيقي جي ما کي آهي بيهوشي

ناراض ڇو تون آهين گهرجي ٿي رضا تنهنجي
ما ڪان جي خطا ٿي ڪا ڪر تنهنجو خطا پوشي

غنچہ مان ڪلي گل ٿو گوهر ٿو صدف مان ٿي
دنيا ۾ تہ سڀ ڪان وڌ اي دل آهي خاموشي

سردار دو عالم جي الفخر ڇيو فخري
ريشم ڪان فقيرن کي وڌ آهي نمد پوشي

ڇڏ زهد عبادت سا جنهن ۾ آ رياڪاري
ڪر عشق خدا جي ۾ اي قادري سرجوشي

بحر: کامل مثمن سالم

وزن: متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن

ڇا هوا گهلي آهي مختلف جو نہ مهر ۽ نہ وفا رهي
نہ چمن ۾ آهي سو ڇهچٽو نہ ڪي موج گل نہ صبا رهي

نہ ڪي باغ ۾ سو بهار آ نہ ڪي جام مئي ۾ خمار آهي
نہ ڪي دل ڪي منهنجي قرار آ نہ ڪي درد دل جي دوا رهي

نہ ڪي دور جام جو ٿو هلي نہ ڪي بزم ۾ ڪو مزو نہ رهيو
نڪي خم رهيو نہ سبو رهيو نڪي جام مئي ۾ ضيا رهي

نڪي عاشقن ۾ سو سوز آ، نڪي سهڻن ۾ سو حسن آ
نڪي بلبلن ۾ سو درد آ نڪي گل ۾ بوءِ وفا رهي

جو دلين ۾ خلق جي خلق هو سو تہ قادري نڪري ويو
نڪي صبر ۽ نہ رضا رهي نڪي خوف ۽ نہ رجا رهي

maablib.org

بحر: مضارع مثمن اخرب

وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

عشق خدا ۾ ڏاڍو مخفي ڪو راز آهي
والله موجزن گڏ ناز و نياز آهي

شڪرِ خدا زبان تي لب خشڪ اشڪ باران
محبوب جي رضا ۾ سوز وگداز آهي

هڪ ڏينهن ۾ اچي ويا سڀ امتحان آڏو
نيزي تي چشم عبرت عاشق جي باز آهي

عاشق حسين جهڙو عابد ڪو ڪونہ ٿيندو
تيغ جفا جي هيٺان شغل نماز آهي

ٿي بيوطن مسافر مظلوم مارجي ويو
ڪاٿي زمين ڪربل ڪاٿي حجاز آهي

ذبح عظيم جو هو مدت کان راز مخفي
اڄ دشت ڪربلا ۾ ظاهر سو راز آهي

مظلوم ڪربلا جو احوال جي لکان ٿو
ڪيهان ڪري قلم ٿو رب بي نياز آهي

ڪر صبر قادري تون. دل درد کان ٿي ڦاٽي
قصو هي ڪربلا جو ڏاڍو دراز آهي

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

حسن تنهنجي کي ڏسي دل منهنجي حيران ٿي وئي
بوءِ گل جان تنهنجي الفت ان ۾ پنهان ٿي وئي

دل جي داغن جو چمن سر سبز آهي اي صبا
ابر باران ان جي لئي بس چشم گريان ٿي وئي

وس نہ منهنجو مثل ديوانن جي بيوس قيد ٿي
دل پريشان مائل زلفِ پريشان ٿي وئي

واديءِ وحشت ۾ حيران تنهنجي لئي اي رشڪ گل
هجر جي خارن کان منهنجي چاڪ دامان ٿي وئي

جنت الماويٰ نہ گهرجي ۽ نڪي حور و قصور
جاءِ مسڪن قادري جي ڪوءِ جانان ٿي وئي

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

تنهنجي بي مثل دلڪش دلربا تصوير تان صدقي
انهيءَ غنچہ دهان موهوم جي تقرير تان صدقي

ڪڍي نقاش قدرت جي تنهنجي تصوير ڇا سهڻي
نہ هڪ مان پر ٿيو نقاش خود تصوير تان صدقي

ڪيو تو جي دلين جي ملڪ کي تقرير سان تسخير
تنهنجي سهڻي سخن تان ۽ مٺي تقرير تان صدقي

عجب تحرير موزون آهي تنهنجي مصحفِ منهن ۾
محرر جي قلم تان ۽ انهيءَ تحرير تان صدقي

صفِ عشاق ۾ تيرنگہ تنهنجي ڪيو جو ڪم
قضا پئي ٿي ٿئي تنهنجي نگہ جي تير تان صدقي

ڏسي ديوانو ما کي تو وڌو زنجير زلفن جو
ٿيو مجنون بہ حسرت کان انهيءَ زنجير تان صدقي

وصال يار جي ٿي قادري تدبير سان حاصل
نہ ٿي تقدير پئي بيشڪ انهيءَ تدبير تان صدقي

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

اکين آڏو هميشان آهي صورت دوست هم دم جي
ڪيڏي نقاش قدرت جي جا دل تي دل جي محرم جي

ربوبيت جي ظاهر ڪرڻ جو هو رب کي رايو
تڏهن ظاهر ٿي صورت خلق ۾ سردار عالم جي

خدا محبوب پنهنجو صورتِ بشري ۾ ڪيو پيدا
وڏي وٺي تنهنڪري عزت شرافت سڀ کان آدم جي

نگہ رشڪِ مسيحا جي سان ڇٽندا زخم سڀ دل جا
خدا شاهد منهنجي زخمن کي عادت ناهي مرهم جي

انهيءَ قادر جي قدرت جو آهي درياءَ بي پايان
ڪهين کي ڪل نہ انجي قادري جئين ڪل نہ قلزم جي

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

الائي دل وئي ڪاڏي پڇو تا جي خبر دل جي
جا آهي سيني ۾ دل سا نہ آهي آب ۽ گل جي

نہ دل آهي نڪي دلبر خبر مان ڇا ڏيان دل جي
جهين وٽ منهنجي دل آهي پڇو انکان خبر دل جي

هزارين حسرتون دل ۾ رهيون افسوس دردن جون
وئي سڀ عمر گذري آرزو پوري نہ ٿي دل جي

ڏسي صاحب بصيرت جو جمال يار هر شيء ۾
نگاه قيس کي پروا نہ آ ليليٰ جي محمل جي

چڙهي طوفان وحشت جي تي ڪشتي منهنجي خواهش جي
خبر ناهي اجان درياءَ حيراني جي ساحل جي

سويرو جاڳ اي غافل پريو ٿي بار ڪافوري
اڳيان گرمي آهي توکي خبر ناهي ڇا منزل جي

اهو انسان ناهي دام ۽ درد کان پري آهي
خبر جنهن کي نہ آهي قادري ڪجهہ حق ۽ باطل جي

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

نہ ڪي اميد پوري ٿي نہ ڪاپي آرزو باقي
مگر ديدار ان جي لئي رهيو دم در گلو باقي

تمنا جو گلستان ياس جي جهولي جلايو پر
رهي اميد آهي دل ۾ بس لاتقنطو باقي

غم دل کان رهان آزاد ٿو مان ڪنج عزلت ۾
نہ دل پهلو ۾ آهي ۽ نہ دل ۾ آرزو باقي

نڪي فياض عالم ۾ نڪي ڪي طالب مولا
رهيو آهي زماني ۾ تنين جو گفتگو باقي

ڏسان مت ۽ ملا خالي ٿو ميخاني ۾ مئي کان اڄ
رهي آهي فقط افسوس ميخاني ۾ بو باقي

ڇٽا سڀ زخم دل منهنجي جا جي تيغ جفا سان ٿيا
وليڪن چاڪ سيني جو رهيو آهي رفو باقي

تصور يار جي ۾ قادري جا ڏي نهاريان ٿو
ڏسان مان پيو نٿو ڪجھ پي هر جا آهي هو باقي

MAAB 1431
maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

خدا يا لطف ڪر جو ٿئي اثرواري زبان منهنجي
سخن معنيٰ پريل نڪري ۽ ٿئي شيرين زبان منهنجي

رهي ٿو راز معشوقي نهان ڪاشانهٔ دل ۾
نہ نڪري ڪو سخن دل مان زبان ٿئي رازدان منهنجي

ڪيان ٿو روز شب آه وفغان صياد گلشن ۾
الائي چو نہ ٿي پهچي بگوش گل فغان منهنجي

رهي مخمور دل ٿي ذوق ۾ ان دختر رز جي
اچا ٿيا وار ٿوڙي پشت ٿي مثل ڪمان منهنجي

جواني وارو آهي خيال ما ڪي اچ بہ پيريءَ ۾
توانا عشق ۾ آهي طبيعت ناتوان منهنجي

قفس ۾ قادري ڦاٿس مان آهيان مرغ لاهوتي
ڪيان مان ڇا رهڻ جي جاءِ آهي لامڪان منهنجي

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

مصيبت سان فلڪ ٿو آزمائي عشق وارن کي
هٽي صراف زر کي ڪسوٽي تي ۽ نہ آهن کي

ڳراٽي پائي گردن ۾ بوقت قتل رت روندي
تنهنجي تلوار سان الفت آ قاتل منهنجي گردن جي

وسي ٿو ابر رحمت تي اهو دوهون اجايل تي
اٿي جو ٿو اندر مان جي ڪيان ٿو بند آهن کي

اکيون ڪيفي ۽ چپ مئي گون ڏسي ٿيا مست مستانہ
تنهنجو ديدار ڪافي آهي ساقي مئي پرستن کي

اکيون نرگس دهن غنچو تنهنجو قد سرو، لب لالا
ڏسڻ مرڪڻ گهمڻ تنهنجي تہ شرمايو گلستان کي

اجل جي موج نيندي سربسر تنهنجي ڪمائيءَ کي
اجايو ٿو ڪرين رنگين منقش خانئہ تن کي

چراغ ڪاروان سمجهوٿي مان پر اک هوئي دشمن جي
ڏٺم تي دوست پنهنجو قادري افسوس دشمن کي

MAAB 1431
maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

بهار آيو صبا غنچن گلن ۾ ڪانه تي ڏسجي
رهي سا ڪوئي جانان ۾ چمن ۾ ڪانه تي ڏسجي

ڪئي ڪاري قبا ڀڳورن ڀجي ويا باغ مان بلبل
اها خوشبو اڳوڻي اج گلن ۾ ڪانه تي ڏسجي

نه سا محبت، نه سو ساقي، نه ساغر مئي، نه مينا آ
اها لذت سوا غم انجمن ۾ ڪانه تي ڏسجي

ٻڌي تعريف ميخاني جي آيس دور ڪان ساقي
مگر گيرٽ مئي جي به مٽن ۾ ڪانه تي ڏسجي

خبرداري سان رهه اي قادري دنيا جي گلشن ۾
وفاداري اجوڪي گلرخن ۾ ڪانه تي ڏسجي

MAAB 1431
maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

رهي مون وٽ اچي جي يار هيڪر مهمان بڻجي
ڪباب دل، شراب خون، جگر ڏيان ميزبان بڻجي

وڃي دروازي تي ان جي پوان مان ناتوان بڻجي
نهاري ناز سان نازڪ بدن من مهربان بڻجي

گلستان دل جي داغن جو ڏسڻ لئي من اچي جاني
ڏيان پاڻي اکين جو تو گلن کي باغبان بڻجي

اچي رشڪ گلستان خانهٔ ويران ۾ جي هيڪر
اچڻ انجي سان هڪدم ۾ وڃي سو بوستان بڻجي

سمورو راز دلبر جو مان سيني ۾ تي ساماڻيو
پڌايو يار سربستو سو دل جو رازدان بڻجي

زماني ۾ عشاقن جو گهڻو نام و نشان آهي
رهي تو قادري عالم ۾ عاشق بي نشان بڻجي

MAAB 1431
maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

رهي خالق تو پنهان هن جهان ۾ حڪمران ٿجي
هلائي حڪم تو هر جاءِ سلطانِ زمان ٿجي
هوالاول هوالاخر هوالظاهر هوالباطن
رهي دنيا ۾ تو دائم مگر عنقا نشان ٿجي
جڏهن وحدت منجهان ڪثرت جو خالق کي ارادو ٿيو
فقط ڪن جي چوڻ سان پيو زمين و آسمان ٿجي
سوا پردي جي موسيٰ کي نه هئي ديدار جي طاقت
تڏهن پردي ۾ آيو ميم جي احمد عيان ٿجي
محمد مصطفيٰ ممڪن ولي واجب نما آهي
احد ۾ محو ٿيو احمد خدا جو رازدان ٿجي
خدا خلقي نه ها هرگز زمين و آسمان ليڪن
محمد مصطفيٰ خاطر ويو ڪون و مڪان ٿجي
خدا جو حمد ۽ نعتِ نبي هرگز نه پوي ٿي
ڪري جي عمر ساري قادري هر مو زبان ٿجي

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

خدا جي ڪل مظهر ۾ محمد مصطفيٰ آهي
دنيا عقبا جي دفتر ۾ محمد مصطفيٰ آهي

خدا معشوق پنهنجي ڪي محبت مان ڪيو پيدا
خدا جي خاص منظر ۾ محمد مصطفيٰ آهي

محمد جي مدح قرآن ۾ ياسين ۽ طه
مزمل ۽ مدثر ۾ محمد مصطفيٰ آهي

زمين و آسمان ۽ عرش ڪرسي ۾ آهي احمد
ستارن ماه انور ۾ محمد مصطفيٰ آهي

شهر ۾ بحر ۽ بر ۾ ظهورو آهي احمد جو
بهرِ جا خشڪ ۽ تر ۾ محمد مصطفيٰ آهي

چمن ۾ باغ جهنگل ۾ ڏسو چئوطرف چوڌاري
شجر ۾ شاخ ۾ ثمر ۾ محمد مصطفيٰ آهي

جبل ڏونگر ۾ معدن ۾ محمد جو نظارو آ
گهر ۾ لعل ۾ در ۾ محمد مصطفيٰ آهي

منهنجي دل ۾ ۽ رڳ رڳ ۾ ۽ سيني ۾ سمايو آهه
جگر ۾ جان ۾ سر ۾ محمد مصطفيٰ آهي

نه ڪر پئه قادري هرگز قيامت جي ڏهاڙي جو
شفيع ميدان محشر ۾ محمد مصطفيٰ آهي

maablib.org

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

محمد مصطفيٰ والله آهي سرسبحاني
ٿيو ظاهر محمد جي چمڻ سان راز رباني

جو هو صندوق وحدت ۾ مڪفل گنج معنيٰ جو
تولد سان محمد جي کليو سو راز رباني

وجود پاڪ سبحان گرچه مخفي آهي عالم ۾
ولي بيشڪ محمد آهي ظاهر ظل سبحاني

ڏسين الله جو جلوو ته ڏس طلعت محمد جي
اهو واجب نما آئينو آهي ان جي پيشاني

دل آرا شاهدِ منهن تان اچا پردو نه لاٿو هو
ته ان خورشيد رو جو ذره چين هو ماه ڪنعاني

سندس هو سير سبحان الذي ۾ قرب اوادنيٰ
عيان آهي انهيءَ جو شان منجهه آيات قرآني

چراغ عشق احمد جي سان پنهنجي دل منور ڪر
ڇڏي ڏي عشق دنيا جو، جو آهي هي جهان فاني

ڏسي جي چنڊ اضحيٰ عيد جي جان جلوئه جاني
ڪري هڪدم خوشيءَ سان قادري جي وڃان قرباني

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

مبارڪ رات اڄ معراج جي هرجا عيان آهي
ويو معراج لئي اڄ بادشاهِ دو جهان آهي

محمد مصطفيٰ ختم الرسل محبوب سبحاني
جهين لئي جو ٺهيو ظاهر زمين وآسمان آهي

اهو ياسين لقب طه حسب ۽ سرما اوحيٰ
وجودِ پاڪ ذاتِ بي نشان جو هڪ نشان آهي

لنگهي عرشِ معليٰ کان احد سان نئي مليو احمد
ويو نڪري سو پردو ميم جو، جو درميان آهي

اکن سهڻن ۾ ان جي ڪحل مازاغ البصر جو هو
ڏسي عاشق ٺيوان تي جو خالق انس جان آهي

شبِ معراج وڏ شب قدر کان تي شان شوڪت ۾
منور نور سان چوڏهن طبق ۽ لامڪان آهي

نہ آهي قادري ڀئو گرمي خورشيد محشر جو
محمد ۽ علي جي نانءُ جو سر سائبان آهي

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

نہ طاقت عقل کي والله جو شان خدا ڄاڻي
خدا خود پاڻ ڄاڻي يا حبيب ڪبريا ڄاڻي

خدا جي معرفت مشڪل محمد جي مدح بي حد
خدا کي مصطفيٰ ڄاڻي محمد کي خدا ڄاڻي

جو آهي راز احمد ۽ احد جي وچ ۾ سو ڄاڻي
ڪيڏي جو ميم مان جو دل منجهان هستي فنا ڄاڻي

تبسم گل جو بلبل ۽ فغان بلبل جي گل ڄاڻي
ڪرشمي ناز معشوقيءَ کي عاشق جان فدا ڄاڻي

مدينو علم جو احمد انهيءَ جو در علي آهي
سمورو راز سبحاني علي يا مصطفيٰ ڄاڻي

ڇڏي دنيا ۽ عقبيٰ کي خدا سان هڪ ٿيڻ گهرجي
فنا في الله جي لذت علي المرتضيٰ ڄاڻي

جي جامِ تلخ ڏي ساقي مٺو ماکيءَ کان سو آهي
مزو تلخي مان شيرين جو حسن المجتبيٰ ڄاڻي

بدن تي زخم ڪيئي ۽ زبان تي شڪر الله جو
خوشيءَ سان سرڪپائڻ سو شهيدِ ڪربلا ڄاڻي

نہ ڄاڻي ڪو ٻيو مقتول لذت خنجرِ جانان
مزو معشوق جي خنجر جو عاشق پر جفا ڄاڻي

نہ ڄاڻن آدمي افسوس لذت غم حسينيءَ جي
اها لذت جي ڄاڻي تا علي زين العبا ڄاڻي

MAAB 1431
maablib.org

حسيني غم ۾ موتي اک جي سپ مان جيڪي نڪرن ٿا
ٻها تن جي خدا ڄاڻي يا احمد مصطفيٰ ڄاڻي

جهين کي ڪربلا جو واقعو سڀ نقش دل آهي
هميشان سو خوشي کان وڌ غمِ آلِ عبا ڄاڻي

غمِ آلِ عبا جو قدر پوندو ڏينهن محشر جي
نہ ڄاڻن آدمي ٿا قدر هن غم جو خدا ڄاڻي

شهيدي ڪربلا جو قادري کي آهي غم هردم
حسيني غم جي لذت آدمي بي درد ڇا ڄاڻي

MAAB 1431
maablib.org

مستزاد

بحر: رمل مخبون محذوف

وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن- فاعلاتن فعلن

يانبي صل علي صاحب لولاڪ لما/ باعثِ ارض سما
قاب قوسين تنهنجو قرب آهي او ادنيٰ/ فتدلا ودنيٰ
تنهنجي الفت ڪان خدا عالم اظهار ڪيو/ توکي مختار ڪيو
صدقي توتان وڃان سئو وار اي سردار سچا/ عاشقِ ذات خدا
شان تنهنجو ٿو خدا چاڻي رسول عربي/ واقفِ راز ربي
تنهنجي تعريف جي طاقت نہ ڪهين کي بخدا/ جوڪري تنهنجي ثنا
لم يلد آهي ولم يولد الله الصمد/ اهو بي مثل احد
بعد انجي آهين تون پاڪ نبي نور خدا/ بادشاهي دوسرا
مان گنهگار تون شافع ۽ خداوند غفور/ اهو آهي دل کي سرور
قادري تي ڪندو محشر ۾ اچي شاه شفا/ شافع روز جزا

مثلث

بحر: مضارع مثمن اخرب مڪفوف مقصور

وزن: مفعولن فاعلات مفاعيل فاعلن

1

ڪر مرغ دل تون حمد انهيءَ ذوالجلال جو
حي القيوم واحد حق لايزال جو
ناهين مثال خلق ۾ جنهن بي مثال جو

2

آهي جهان ۾ سو اهوخالق جهان
هر جا مڪان ان جو ولي آهي لامڪان
ان جاءِ تي نہ پهچي ٿو طائر خيال جو

3

بعد ان جي نعت واجب ان جي خليل جي
جنهن جي ثنا ۾ حاجت ناهين دليل جي
صاحب ڪمال مظهر ان جي جمال جو

4

طاقت قلم کي ناهي قلم ڇا لکي ثنا
ان جي ثنا جنهن کي نہ آهي ڪا انتها
مداح خود خدا آهي ان خوش خصال جو

5

منقار عندليب زبان قلم جي ٿي
وصاف جبرئيل ٿي صفت و ثنا ڪري
شان و شرف ڇا لکندو گل لازوال جو

MAAB 1431
maablib.org

6

الفت جو جام نوش ڪري بي خبر رهي
ان جي رضاءِ عشق ۾ صدما گھڻا سهي
لائق تڏهن ٿي قادري جامِ وصال جو

MAAB 1431
maablib.org

مخمس

بحر: رمل مثمن محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ڪنهن کي طاقت جو ڪري تعريف شاهِ مرسلين
هو نبي اڳ ۾ چمڙ ڪان پيشوا سلطان دين
عبديت جو پوش پهري رهه نما روح الامين
تيو جهان ۾ جلوه گر فخر اولين و آخرين
فخر دنيا فخر دين فخر فلڪ فخر زمين

2

جسم نوري ان جو آهي نور حق جو سر بسر
چنڊ سج ۾ آهي بيشڪ نوران جي جو اثر
فيض ان فياض جي کان هر نبي هو بهرور
شڪر الله تيو اچي محبوب سوهت جلوه گر
جو اچي گڏ شاهدِ معنيٰ سان هو خلوت نشين

3

عقل ڪل کي ناهي طاقت جو ڪري ان جي ثنا
شان ۾ بعد از خدا والله آهي مصطفيٰ
پيشوا پيغمبرن جو شافع روز جزا
باعث ايجاد عالم صاحب تاج ولوا
مظهر ذات خدا محبوب رب العالمين

MAAB 1431
maablib.org

4

عرش اعليٰ کان آهي وڌ ان جي چائٺ جي زمين
ٿا ملن ان تي ملائڪ روز شب پنهنجي جبين
ان جي خرمن فيض جا مرسل نبي سڀ خوشه چين
تاج سر طه ۽ ياسين زير پا عرش برين
خاص خلعت تن تي ان جي رحمت للعالمين

5

MAAB 1431

ان جي عزت شان جو مان ڇا ڪري سگهندس بيان
خوبيءَ اوصاف ان جي کان آهي گهٽ جو چوان
بي نشان ان خالقِ اڪبر جو آهي هي نشان
جي نہ خلقي ها خدا ان کي، نہ خلقي ها جهان
آسمان سج چنڊ تارا ۽ نہ گلزارِ زمين

6

آهي بيشڪ رب جو سو رازدان اي قادري
سرورِ عالم ولي جانِ جهان اي قادري
وصف ۾ ان جي آهي ڪا سر زبان اي قادري
نقشهائي عالمِ ايجاد مان اي قادري
آهي هي نقاش قدرت جي جو نقشِ اولين

maablib.org

مخمس

بحر: هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

خوشيءَ جو وقت آهي فصل گل ۾ موسمِ خوشتر
چمن جي نو نهالن سبز خلعت ڪئي آهي دربر
عروسن باغ جي هٿ ۾ گلِ لالا جو آ ساغر
بهار آيو پيري ڏي ساقيا جام مئي احمر
اچي مر وجد ۾ دل مست ۽ مخمور ٿي هيڪر

2

هلي ٿو دور پيالي جو، جو آهي محفلِ رندان
شرابِ ارغوان جنهن جي پيئڻ سان ٿو وڌي ايمان
منور دل ٿي ٿئي ۽ غم وڃي ٿو جي پيان ٿو مان
مئي خالص مطهر جنهن جا ذرا مهر انور جان
منور ٿي فلڪ تي سي تا شرمائن وڃي اختر

3

مسرت ڪان هزارين گل ڪليا گلشن جي ايوان ۾
گهٽا اميد جا گل مان ٻ چوند يا پنهنجي دامان ۾
خوشيءَ جا گيت ڳائن بلبلا تا صحن بستان ۾
خوشيءَ جو آهي هي باعث زماني جي گلستان ۾
تولد ڪعبت الله ۾ ٿيو اڄ ساقئي ڪوثر

maablib.org

4

انهيءَ جي شان شوڪت جي ڪيان تعريف ڇا ڇا مان
جڏهن ظاهر زماني ۾ ٿيو سو عاشقِ سجان
منور نور سان ٿيو ڪعبتہ الله جو سڄو ايوان
ڪريان پيئو ڪان غضنفر جي ڳڻا بت ڪعبتہ الله مان
اچي ٿي فتح ۽ نصرت پڏي پاهان اڳيان حاضر

5

چراغ دين احمد قوت بازوئي پيغمبر
لواءِ الحمد جو حامل ۽ آهي ساقئي ڪوثر
انهن جو ڪونہ آهي هردو عالم ۾ ڪو ٻيو هم سر
مبارڪ اسم ان جو عرش ڪرسيءَ جو آهي زيور
سرور قلب هر مومن امير المومنين حيدر

6

وصي مصطفيٰ برحق ضيائي ديدئه آدم
هميشان ظاهر ۽ باطن محمد سان هو گڏ هردم
سخاوت ۽ شجاعت خوبي اوصاف انتي تم
شجاعن ۽ سلاطينن جا ان جي در ٻي سرها خم
اميرِ يثرب و بطيٰ علي المرتضيٰ صفدر

7

نڪو آدم انهيءَ سان مٽ سخاوت ۽ شجاعت ۾
نہ ٿيندو ڪو برابر ٻيو انهيءَ سان شان شوڪت ۾
ولين کان آهي برتر ولايت ۽ ڪرامت ۾
محمد کان سوا افضل آهي سيني کان عزت ۾
سوا ان حجتِ حق جي نہ آهي ڪو ٻيو بهتر

MAAB 1431
maablib.org

8

مدد صبح و مسا ماکي ٿي گھرجي جا بجا انجي
اسان کي بس آهي دل ۾ محبت ۽ ولا انجي
نہ طاقت قادري کي جو ڪري وصف و ثنا انجي
جڏهن تعريف قرآن ۾ ڪئي آهي خدا ان جي
ثنا والله ان جي عقل جي امڪان کان ٻاهر

MAAB 1431
مرکز احیاء آثار بربریة
maablib.org

مخمس

بحر: مضارع مثمن اخرب مکفوف محذوف مقصور

وزن: مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

1

دلدار جو ڇا حسن ڇا جوبن شباب جو
لاٿو جو يار منهن مٿان پردو حجاب جو
منهن ان جي کان ڦِڪو ٿيو منهن ماهتاب جو
باعث شبي وصال نہ هو ٻيو حجاب جو
پر ناز سان اکيون ۾ ڀانءِ هو خواب جو

2

مکري جان ماٺ ۾ ڇو رهين تو اي دلربا
الزام دل ڪسڻ جو ڏنو توکي ڇا صبا
دل مان ڏني خوشيءَ سان نہ تنهنجي آهي خطا
شيرين چپن مان مرڪي مٺا چئو سخن مٺا
مان منتظر رهان ٿو تہ تنهنجي جواب جو

3

جيڪو ڪيو تو جورو جفا ماتي اي صنم
پائي پلئہ ۾ سو تہ ستم رنج وغم الم
قسمت ۾ منهنجي هو ائين اي صاحبِ ڪرم
منهنجون خطائون بخش سيئي يارب عليم
ڪم ڪهڙو تو سان يار خطاب ۽ عتاب جو

MAAB 1431
maablib.org

4

آهي بهار دلبر ۾ خوش ٿي گهلي صبا
گلشن ۾ ٿا گلن تي ڦرن مست بلبلا
هر هر هلي ٿو دؤر پيالي جو ساقيا
مغموم تشنہ لب تي بہ ڪرڪا سخي عطا
يعني پيار جام پري هڪ شراب جو

5

MAAB 1431

عشقِ بتان جي سوز ۾ دل منهنجي آب ٿي
جو غير هو ويو سو انهيءَ آب ۾ لڙهي
خونِ جگر وهي ويو اکين مان تہ آب ٿي
دامن اکين جي آب سان منهنجي پسي رهي
محشر ۾ ٿيندو داد اکين جي تہ آب جو

6

امت جو شافي آهي قيامت ۾ مصطفيٰ
ڪوثر جو ساقي آهي بلاشڪ تہ مرتضيٰ
عاصن جي لاءِ گهرندو دعا شاه ڪربلا
هيڏانهن گناهہ هوڏانهن هوندي رحمتِ خدا
ڪجهہ خوف ناهي قادري روز حساب جو

maablib.org

مسدس

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

جلوه گر ٿيو عالمِ امڪان ۾ روح عالمين
ماحي رسمِ جهالت مخبطِ روح الامين
باعث هر دوجهان محبوب رب العالمين
خاتمي هر انبيا فخر اولين و آخرين
هو محمد گڏ خدا سان شاهدِ خلوت نشين
آدم و حوا اڃان مخلوط ها منجهه ماءِ عين

ٿي مجسم ٿيو تولد مظهرِ ذاتِ خدا
عرش کان آواز آيو مرحبا صد مرحبا
هر طرف کان آئي ندا صلو علي يا سيدا
غل ٿيو عالم ۾ ته اڄ پيدا ٿيو بدر الدجيٰ
عالم علم لدني ڪاشفِ سرِ خدا
رحمت اللعالمين حضرت محمد مصطفيٰ

گلشنِ عالم ۾ اڄ هر جا خوشيءَ جو ٿيو جشن
نو عروسن باغ جي ڪئي سبز خلعت زيب تن
آسمانن ۾ خوشيءَ جي ڪئي فرشتن انجمن
آدمي ڇا ڪئي خوشي حورن پرين ۽ طائرن
جو طلوع ٿيو برج وحدت جي مان رشڪِ آفتاب
بادشاهِ هر دوعالم صاحبِ لو لاخطاب

عرش عليٰ کان شرف ۾ شان بطحيٰ جو وڏيو
جو انهيءَ جا مالڪ عرض و سما پيدا ٿيو
بت پڳا آتش اجهاڻي ڪوٽ ڪسرا جو ڪريو
اوج ٿيو اسلام کي ۽ ڪفر ٿي ڪافور ويو

خلق ۾ خالق ڪيو ان شاه کي خير البشر
فيض ان فياض جي کان هر دو عالم بهرور

ان ڪيو ثابت اچڻ سان آهي بيشڪ هڪ خدا
ورنہ ڪي دهري ۽ ڪي تثليث جا قائل هئا
ميم جي خلعت ڍڪي دنيا ۾ ٿيو واجب نما
دين حق ڪئي ضيا ٻيا دين سڀ بيڪار ٿيا

ڪفر جي ظلمت وئي نور خدا ٿيو آشڪار
بت پرستي گم ٿي وئي ٿيو لات عزا بي وقار

ڪنهن کي طاقت جو ڪري شانِ محمد جو بيان
تو ڪري تعريف جنهن جي خالق هر دو جهان
واسطي ان جي خدا خلقيا زمين و آسمان
حڪم ۾ جنهن جي ملائڪ ٿا رهن ۽ انس و جان

اسم انجو هو سليمان کي جڏهن نقش نگين
تنهنڪري انکي ملي هوئي سلطنت روئي زمين

چارده معصوم منهنجا ماد تون آهن مدام
پاڪ نالو جن جو ما کي ورد آهي صبح و شام
مصطفيٰ آهي نبي ۽ مرتضيٰ آهي امام
قادري با صدق دل تن جي غلامن جو غلام

جن جي مٿي الفت سان آهي ڪاسئہ دل جن جو پر
هر دو عالم ۾ تنين کي ناهي ڪو خوف و خطر

قصيدو

بحر: مجتث مثمن مقصور
وزن: مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

خدا ڪريم رحيم و غفور ۽ غفار
خدا عليم ڪليم و سميع ۽ ستار

بديع ارض سماوات قادر و قيوم
غني مغني معطي عزيز ۽ جبار

حڪيم حي القيوم باسط و رازق
قديم قابض قدوس واحد القهار

ڪيائين شوق مان پيدا حبيب پنهنجي کي
جو آهي جن ملڪ انس جو سرو سردار

رسول رهبر راه هديٰ جو ۽ هادي
امين احمد محمود سيد الا برابر

پڙهي ٿو پاڻ خدا ان تي ۽ ملڪ صلوات
پڙهو توهان بہ انهيءَ تي اي مومنو هر بار

ڪيان ٿو ذڪر محمد جو مان جو گلشن ۾
پڙهن ٿا صل عليٰ سر نوائي هر اشجار

ٽڙي ٿو باغ ۾ گل شوق کان محمد جي
ڪري ٿي گل سان جو انجي ثنا نسيم بهار

عليم عالم علم لدني و امي
خدا جي ملڪ جو والله سو آهي مختار

وزير اعظم نائب وصي ۽ وارث
رسول اڪرم جو آهي حيدرِ ڪرار

نثار ان تان شبِ روز آهي شمس و قمر
ڦري ٿو عشق عليءَ جي ۾ هي فلڪ دوار

دلين جي عشق سان عشقِ علي خريد ڪيو
علي جي عشق جي ڏس آهي اڄ گرم بازار

بروز محشر فردا بہ پيش رب جليل
بغير عشق علي سڀ عمل اٿي بي ڪار

پريون ۽ جن پکي آدمي سيئي حيوان
علي جا تابع فرمان ها سليمان وار

علي مظفر هٿ ۾ انهيءَ جي فتح و ظفر
خدا جو شير علي آهي قاتل ڪفار

علي جو شان ڏسي معترض عجب ۾ پيا
خدا جو شان ڇا شان علي آهي اظهار

نبي علي جي نہ پيدا ٿئي ها عالم ۾
جهان نہ هر گز خلقي ها خالقِ جبار

علي جو نور محمد جو نور هڪ آهي
خدا جي نور مان پئي نور مطع الانوار

حسن حسين نبوت جي درج جا گوهر
اهي امام انهيءَ نور مان ٿيا نروار

خدا جي علم جو عالم رسول جو وارث
حسن جوانن جنت جو سرور و سردار

نبي جي دوش جو راڪب علي جي دل جو سرور
حسين صابر شاڪر شهيد ۽ سالار

حسين پاڪ جي تربت جي پاڪ خاڪ شفا
وجهن اکين ۾ تا سرمي جان سڀ ملڪ يڪبار

MAAB 1431
maablib.org

ٿذي ۽ روشن هوندي سا اک قيامت ۾
غمِ حسين ۾ جا چشم آهي گوهر بار

ڪري زيارت جو صدق سان مزار حسين
اچن ملڪ ٿا ڪرڻ لئي زيارتِ زوار

امام عابد و باقر ۽ جعفرِ صادق
امام موسيٰ ڪاظم و علي رضا سردار

امام آهي تقي ۽ علي نقي سرور
امام شاه حسن عسڪري بہ عز و تار

امام آهي محمد اسان جو بس مهدي
امام حق جا آهن اهي هشت چهار

غلام قادري زوار تن جو حلقہ بگوش
خدا جي حڪم سان آهن جي طاهر و اظهار

سلام بحضور امام حسين عليہ السلام

بحر: رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

السلام اي صبر جي خنجر جا جوهر يا حسين
شڪر جي درياءَ جا بي مثل گوهر يا حسين

السلام اي بحر عرفان جا شناور يا حسين
اي صدف تطهير جا موتي منور يا حسين

السلام اي سرو بستان امامت السلام
اي گل باغ رسالت ناز پرور ياحسين

السلام اي شمس تابانِ شريعت مصطفيٰ
اي طريقت جي فلڪ جا نيڪ اختر يا حسين

اي چراغ معرفت اي محرمِ رازِ خدا
ڪاشف سرِ حقيقت حق جا مظهر يا حسين

ٿيو شفاعت جو سبب تنهنجي شهادت سيدا
جو ڪيو راضي تو پنهنجو رب خوشتر يا حسين

تو شفاعت امتن ناني جي لئي سيد سچا
سرخ ڪئي خونِ شهادت جي سان پيڪر يا حسين

سر ڏئي گنج شفاعت جي ڪئي تو هٿ ڪليد
ماتمي ۽ محب تنهنجا تنهنجي آذر يا حسين

هاءِ مصحف دين جو شيراز ڪربل ۾ ڇنو
ٿي پيو هو هڪ ورق سو غم جو دفتر يا حسين

MAAB 1431
maablib.org

تنھنجا پٽ، ڀائيا ۽ ڀائٽرتو اڳيان ٿيا ٿي شھيد
ھر مصيبت تي ڪيو تو صبر صابر يا حسين

ڏاج ڏڪ جو قاسمِ نوشہ کي ڪربل ۾ مليو
اي حسن مسموم جا بازو برادر يا حسين

گلشن آل عبا جو پيءُ جي ھنج ۾ نونھال
ٿيو خزان جي تير سان پڙ مرده اصغر يا حسين

چو نہ وڏ يعقوب کان انجون اکيون روئن عزير
قتل جنھن جو پٽ تي يوسف ثاني اڪبر يا حسين

ابر ٿيو آھن اڃاين جو وڃي افلاڪ تي
رت اٿو پاڻي بجا ان مان سراسر يا حسين

مالڪن ڪوثر جي معصومن جي ھئي ھئي اڄ ڏسي
ساقي ڪوثر پڳو تي جام ڪوثر يا حسين

جو ھو اسدالله جان عباس غازي تيغزن
فوج اعدا جي رڊن ۾ ھو غضنفر يا حسين

مشڪ پاڻي لئي ويو شھباز سو سوئي فرات
تشنہ لب بازو وڍائي ٿيو سوبي پر ياحسين

تنھنجي نازڪ تن تي نئو سئو زخم ھو ۽ ھڪ ھزار
توڪيو ھر زخم تي تي شُڪر شاڪر يا حسين

تون ھئين نقش نگين مھر نبوت مصطفا
ظالمن تنھن نقش کي ڪيو خون ۾ تر ياحسين

راڪبِ مھرِ نبوت جو جڏھن سر ٿيو قلم
دانھن ڪئي ڪلڪِ قضا الله اڪبر يا حسين

آسمان جنبش ۾ ڏرتي تي ڏڪي سيماب جان
حلق تنھنجيءَ تي وھيو جنھن وقت خنجر يا حسين

تنهنجي ناني عرش اعليٰ تي ڪيو معراج هو
پيشوا مرسل نبي ها ۽ پيغمبر يا حسين

تنهنجي سر معراج نيزي تي ڪيو ٿي سيدا
سر وڏين جي فوج جا سالار بي سر يا حسين

ابر نيسان جان رنو ٿي هاءِ زين العابدين
نوڪ نيزي تي ڏسي سر مثل اختر يا حسين

جيڪو جو ظلم و ستم آلِ محمد تي ٿيو
هو خدا هر وقت انجو پاڻ ناظر يا حسين

ظلم ايڏو جن ڪيو آلنبي تي بي سبب
لعنتون لک لک انهن تي تابہ محشر ياحسين

جو تنهنجي غم ۾ روئي ٿو اي گل باغ رسول
خنده رو گل جان سو هوندو روز محشر يا حسين

ڪج مدد منهنجي بہ محشر ۾ خدا لڳ سيدا
اي يتيمن بيڪسن جا يار ياور يا حسين

هت رهي عزت سان ۽ مغفور هت تنهنجو غلام
قادري تي هر دوعالم ۾ ڪرم ڪر ياحسين

maablib.org

سي حرفي

بحر: رمل مثمن محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

الف اول خالقِ اڪبر جي واجب آ ثنا
قادر و قيوم رازق، خالقِ ارض و سما

ب بلاشڪ بعد ان جي آهي بهتر مصطفيٰ
باعثِ هر دوسرا ۽ خاص محبوب خدا

ت تهين ڪان پوءِ آهي شان شوڪت مان ۾
نفس پيغمبر علي المرتضيٰ مشڪل ڪشا

ث ثنا دختر پيغمبر جي اها بس آهي جو
پاڪ ظاهر ڪيو خدا انکي ٻه آيت انما

ج جلوو جسم جنهن جي ۾ هو ظاهر نور جو
سو حسن سبط نبي هم شڪل احمد مجتبيٰ

ح حسين ابنِ علي هو مظهرِ راز خدا
راڪب مهرِ نبوت ٻسر ذاتِ ڪبريا

خ خدا خلقيا هي پنجئي پاڪ پنهنجي نور مان
عالم امڪان جي تن سان ابتدا ۽ انتها

د دائم دل رهي تن جي شرابِ شوق ۾
مست ۽ مخمور خورم هر زمان بي غم سدا

ذ ذڪرِ پنجتن آهي عبادت رب جي
مان نہ هڪ ذاڪر مگر وصاف آهي خود خدا

ر رضا ۾ رب جي اصحاب جي راضي هئا
ابر رحمت ٿو وسي تن جي مٿان صبح و مسا

ز زمين و آسمان آهي مثالِ آسيا
انجي وچ ۾ پيڙجڻ کان پاڻ کي هر دم بچا

س سودو آهي سر جو عشق جي بازار ۾
سر جي سودي کانسواءِ هرگز نہ ملندو دلربا

ش شل پنهنجي ڪري سو شاه خوبان قادري
جو گداگرن جي دروازي جو آهي بينوا

ص صابر درد غم رنج و الم ۾ جو رهي
مثل ايوب پيغمبر انتي راضي ٿي خدا

ض ضامن عيب دارن امتن جو آهي بس
قبر برزخ ۾ قيامت ۾ محمد مصطفيٰ

ط طلب ان يار جي ۾ رهہ هميشان مستقيم
تيندي پوري سا اڳي پوءِ تنهنجي دل جي مدعا

ظ ظهور و ذات حق جو آهي عالم ۾ عيان
ڏس پٽي دل جون اکيون محبوب حق جي جولقا

ع عينڪ عشق جي پائي اکين ۾ جو ڏسي
پيو ڏسڻ ۾ ڪين ايندو انکي دلبر کانسواءِ

غ غم رنج و الم ۾ رهہ سدا ثابت قدم
عيش عشرت بي وفا دنيا جي آهي بي بقا

ف فقيري فخر منهنجو آهي ۽ فاقہ ڪشي
جو قبولي ڪين دولت واليي ملڪِ خدا

ق قائم قادري قالوبليٰ جي قول تي
تون اسانجو رب نگہ رحم گهرجي ربنا

ڪ ڪوتل جنهن ڪڏايو عشق جي ميدان ۾
انکي آڏو چونہ ايندو درد غم، رنج و بلا

ل لا احصيٰ ثنا فرمايو شاهِ انبيا
کنهن کي طاقت جو ڪري پوري ثنا ذاتِ خدا

م مظهر ذات حق جو آهي انسان بي گمان
کول عبرت جون اکيون ڏس پوءِ قدرت ڪبريا

ن نشتر عشق ان محبوب جي جنهن کي لڳي
ڪيئن اچي آرام انکي انجي مرهم کانسواءِ

و واجب عاشقن کي ڪوئي جانان ۾ رهڻ
سرڏئي سجدو ڪرڻ محراب ابرو ۾ سدا

ه هميشان ڪر تلاوت مصحف منهن يار جي
ورد ڪر والشمس ۽ والليل ياسين و ضحيٰ

ل لاسان ڪر نفي هر هڪ وجودِ عارضي
پوءِ ڏسڻ ۾ ايندو هُر جا هڪ وجودِ ڪبريا

ء آهي اينما ڪافي اشارو سمجهه لئي
ٿي فنا في الله ڏس هر سو لقائي دلربا

ي يقين آهي اسانکي نحن اقرب قول تي
قادري جي قلب ۾ آهي اهو جلوه نما

MAAB 1431
maablib.org

مناجات سي حرفي
بطور مسدس

بحر رمل مثمن محذوف
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

الف اول تو کيان مان شکر ۽ حمدي خدا
آهي جو قيوم قادر خالق ارض و سما
بعد انجي نعت تنهنجي يا نبي نور الهديٰ
تون اجهو تون آسرو صلوات توتي سيدا
داد کر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ
ور وسيلا واهرو فرياد رس بهري خدا

ب بدن جي بار کان بيمار آهي هي غريب
بارکان آزاد کرتون تيءِ منهنجي تن جو طبيب
مهر مان کر کا نظر بيدار تي خفته نصيف
تون خدا جو خاص مرسل ۽ انهيءَ جون تون حبيب
داد کر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ
ور وسيلا واهرو فرياد رس بهري خدا

ت تون محبوب خدا ۽ تنهنجي آهي پاڪ ذات
نفس نافرمان غالب آهي ماتي ڏينهن رات
نفس اماري کي ماري مصطفيٰ کرمات مان
حمد ۽ صلوات ريءَ بي کانه تي مون وائي وات
داد کر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ
ور وسيلا واهر و فرياد رس بهري خدا

MAAB 1431
مرکز احياء آثار برّ صغير
maablib.org

ث ثنا خوان سڏ ڪري توتوکي هر هر الغياث
الغياث اي سيدالڪونين سرور الغياث
دانهن ٻڌ مداح جي اي دوست دلبر الغياث
پهچ پل ۾ هن پيل تي ننگ پرور الغياث
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ج جانب رب تنهنجي سر رکي طه جي تاج
تون سڀن سرتاج سرور سڀ پرن تو در خراج
سڪ سچي جو سيدا سيني ۾ روشن ڪر سراج
مهر جي ڪر ڪا نظر تا سڀ دفع ٿين احتياج
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ح حياتي وئي ڏکن ۾ درد دل ۾ ڪيا ترح
ميث ڦٽ اندوه جا بهري خدا ڏي ڪا فرح
دور هن دنيا جو آهي دم بدم ٻئي ٻئي طرح
گنج عظما مان ڏيو مداح هن کي ڪا شرح
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

خ خطائن خوب تر ماڏي ڪيو مختار رخ
ڪر توجه توهه سان نيڪيون ڪرن اظهار رخ
شل ڏسان محبوب تنهنجي مطلع الانوار رخ
ويو جهنم ۾ جنهين توکان مٺيو يڪبار رخ
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

د دلبر جلد ٿي هن درد واري دل جو داد
درد غم رنج و الم ٿي دور دل ٿي شاد شاد
مهر مان ماڏي نهاريو تان پڄي من جي مراد
دور ٿين حاسد ڪمينان دفع دشمن بد نهاد
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ذ ذلت هن زماني جي ڪان ڏي دل کي معاذ
آخرت جي نعمتن ڪان ڪر عطا ڪي التذاذ
نفس شر شيطان ۽ ڏوهن ڪان ڏي ماکي ملاذ
ڪر توانا ناتوان سستي ڪيو آهي وقاذ
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ر رسول الله ماتي رحم جي ڪر ڪا نظر
عمر ڏوهن ۽ ڏکن ۾ صرف ٿي وئي سر بسر
آخرت جي واسطي ناهيم ڪو توشو ثمر
هن نڌر بيڪار کي بهري خدا ڪر بهرور
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ز زماني جو نه آهي ساز تون ڪر سرفراز
توکي سڀ معلوم آهي ظاهر ۽ باطن جو راز
ڏوهه پائي پاند ۾ آندم وني عجز و نياز
معاف ڪر منهنجون مدايون ٿيءُ اڙين جو ڪارساز
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

MAAB 1431
maablib.org

س سائل جي سدا سڻ سيدا فرياد رس
مونجهه مشڪل ۾ منجهن جو ماد تو تون آهين بس
هاءِ دنيا جو ڇڏي ٿو ڪين ڪي حرس و هوس
تون ڪڪر رحمت جو هڻ لب تشنه تي يڪبار وس
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ش شڪرانا جو رب ستار ۽ تون پرده پوش
عيب ڪل پنهنجا ڏسي منهنجو ڇڏائي ويو آهوش
تنهنجي رحمت مهرباني ڏي رڪان هر دم ٿو گوش
اچ اچي ڪر بار ڏوهن جي ڪان ماڪي سبڪ دوش
داد ڪر دلگير جو يا مرسل مصطفيٰ

ص صلواتون پڙهي توتي سدا سبحان خاص
تنهنجي لئي صلواته جو ماڻهن مٿي فرمان خاص
رحمت اللعالمين ياسين طه شان خاص
تنهنجي عزت شان ۾ نازل ٿيو قرآن خاص
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ض ضامن تون ضعيفن جو هي ٻڌ منهنجو عرض
صاف ٿي دل ۽ دفع ٿي قلب جي قس جو مرض
بي ته طاعت ڪين ڪئي مان پر نه پورو ٿي فرض
بخش ڪل منهنجون خطائون آهي عاصي جو عرض
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ط طبع مغموم کي ڏي لطف پنهنجي سان نشاط
انقباضن مان ڪڍي دل بخش ان کي انبساط
واٽ جا آهي سڌي ڏيکار ما کي سا صراط
اسم ذاتي سان هميشان قلب کي ڏي ارتباط
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ظ ظفر ظالم تي ڏي نرتا نظر ڪر يا حفيظ
منهنجي دل جي آرزو پوري ٿئي هيڪر يا حفيظ
قلب جي ڪش کي ڪڍي روشن صدر ڪريا حفيظ
فائدن ڪونين جي کان بهرور ڪر يا حفيظ
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ع عاصين عاجزن جو تون سچا سرور شفيع
عيب دارن امتن جو آهين منجهه محشر شفيع
تون گنهگارن جو ضامن احمد برتر شفيع
تو بنا ٻيو ڪونه آهي رهنما رهبر شفيع
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

غ غم غمناڪ جا ڪر دور دل ٿئي باغ باغ
درد ڏک دنيا جي کان دل منهنجي آهي داغ داغ
شل خوشيءَ جي بوءِ کان منهنجو معطر ٿي دماغ
اسم ذاتي جو اندر ۾ ٻار ڀڳڻ ڪو چراغ
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ف فضل سان لاه فائق دل مٿان غم جو غلاف
يا محمد مصطفيٰ ڪر ڪل مدايون منهنجون معاف
عمر گذري وئي اجائي سربسر منجهه ڪذب لاف
روز محشر و سياهي ڪان ٿئي منهن منهنجو صاف
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ق قربئون قادري ڪي ڏي سچا سڪ جو سبق
تنهنجي فرمودي ۾ هرگز ناهي ڪو فائق فرق
بحر عصيانن ۾ آهيان سربسر سرور غرق
بانهن ڏئي ٻاهر ڪيو ڌوهن جو واري ڇڏ ورق
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ڪ ڪامل ٻڌ هي داهان جو ڪري ٿو درد ناڪ
دور دنيا جي ڪيو آهي گريبان منهنجو چاڪ
دين و دولت ڪر عطا حاسد ڏسي مر ٿين هلاڪ
چاه مان هيڪر چميان چشمن سان تنهنجي درجي خاڪ
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ل لائق لطف ڪر سڻ هن سواليءَ جو سوال
لاه جيڪو دل تي آهي درد ۽ غم جو ملال
توکي ڪل طاقت خدا بخشيءَ تون صاحب ڪمال
جو چوين تون سو اجات ۾ ٿو آٿي ذوالجلال
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

م محبوب خدا تون توتي صلوات و سلام
قرب تنهنجو قاب قوسين تون خدا سان هم ڪلام
پيشوا پيغمبرن جو ۽ نبين جو امام
شافعي روزِ جزا ۽ خلق ۾ خيرالانام
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ن نرمل ننگ توتي يا نبي آخر زمان
آفتن دنيا جي کان ڏي احمدا امن و امان
شاه تنهنجي شوق کان خلقيا خدا هي ٻئي جهان
عرش ڪرسي چنڊ تارا ۽ زمين و آسمان
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

و وارث هن ولهي کي تار مان اچي تار جو
جي ڪيا تو قول قربئون سي پرين سڀ پاڙجو
ساٿ پنهنجي ۾ سچا سڪرات ويلي سار جو
جام ڪوثر جو پري هن تشنه لب کي پيار جو
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

هـ هميشان هن ڏکايل تي ڪيو نرتئون نگاه
مان پيس تنهنجي پناري ٿو پنان توکان پناه
ٿي اچي سورن ۾ ساٿي ٿو نهاريان شاه راه
ڪر عطا امداد ڪو ماڻهو ڏسي ڪن واه واه
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

MAAB 1431
maablib.org

ل

لطفئون ڪر نظر جو قادري آهي عليل
هي تنهنجو بندو نہ ٿئي هرگز ڪنهين هئي در ذليل
ناهي محشر جي سفر جو ما ڪي ڪو توشو قليل
تون سفر سولو ڪندين، آهين خدا جو تون خليل
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ئہ

اوکي ويل ۾ سيد اچي لهہ سڌ سماءُ
ڪر سڪي سڪرات پوءِ تون قبر ۽ محشر ۾ آءُ
پهچ اڻ ويلي ۾ جو بيزار ٿيندا پيءُ ۽ ماءُ
يا شفيع المذنبين توريءَ نہ آهي ڪو اپاءُ
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

ي

يگانو يار تنهنجو يا محمد آ علي
مان لڪس نالن تهان جن ۾ اچي وارث ولي
ننگ نالن جو ڪري هم نام جي ڪيو ڪا پلي
قادري جي چوٽڪاري لئي توهان جي آ ڳلي
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

يارسول الله تنهنجا خاص آهن چار يار
صاحب صدق و صفا صديق اڪبر جان نثار
سخت تر ڪفار تي فاروق اعظم ذي وقار
صاحبِ حلم و حيا مشڪل ڪشا دلدل سوار
داد ڪردلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

خاص رهبر رهنما آهن اسان لئي پنجتن
هڪ محمد مصطفيٰ ٻي فاطمہ اطهر بدن
ٽيون علي المرتضيٰ ڪرار حيدر صف شڪن
پٽ تني جا لاڏلا هئي هڪ حسين ۽ ٻيو حسن
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ

اهلبيتن جي ڪئي ٻيڙي اسان لئي تو شها
مثل ٻيڙي نوح جي تو يا نبي خير الورا
تن بنا ڪشتي نہ ترهو ۽ نڪا تاري تڳا
جي پڙهي ڪلمو چڙهيا ٻيڙيءَ تي سي نئين پهچندا
داد ڪر دلگير جو يا مير مرسل مصطفيٰ
ور وسيلا واهر و فرياد رس ٻهري خدا

لا اله الا الله محمد رسول الله

صلى الله عليہ وسلم

MAAB 1431

maablib.org

قطعات

☆

آهي خالق خلق ۾ پر ناهين نڪوان جو مثال
حيّ ۽ قيوم آهي ڪل تي قادر لازوال
عالمِ امڪان ۾ آهي ليڪن آهي لامڪان
آهي ڪل فاني و بيقا وجھ ربڪ ذوالجلال

☆

پردهٔ وحدت مان ظاهر ٿيو محمد مصطفيٰ
خلق ۾ خيرالبشر محبوب ذاتِ ڪبريا
بس اسان جي واسطي آيو ٿي رهبر رهنما
رحمت اللعالمين ۽ شافع روزِ جزا

☆

خاص خالق پنجتن هڪ نور مان پيدا ڪيا
جي نہ خلقي ها خدا تن کي، نہ خلقي خلق ها
تن جي مٽ ثاني نہ ڪو دنيا ۾ آهي آدمي
عقل جي امڪان کان ٻاهر آهي تن جي ثنا

☆

ها محمد جا صحابن ۾ سڀ‍ڳورا چار يار
سي سچا سرويچ سرور جي مٿان ها جان نثار
نيڪ بخت ۽ نيڪ نيت قادري سي قربدار
جي ڦريا تن ڏانهن سي ٿيندا هر دو عالم ۾ خوار

☆

راه جنت جي وٺو ۽ ڏيو ڇڏي راهِ جهيم
صاف فرمايو آهي قرآن ۾ رب الڪريم
هاذه الااعميٰ فهو في لا آخرت اعميٰ نه ٿيو
سڀ ڇڏي واٽان وٺو هڪڙي صراط المستقيم

☆

ڪي سڏن سني ڪي شيعو ٿا چون سڀ خاص عام
ڪي صفا صوفي سڏن منهنجو پڙهي هي خوش ڪلام
جوئي آهيان سوئي آهيان جئين چون مرپيا چون
بارهن پنجن چئن جو قادري آهي غلام

☆

آهيان مان سني ولي آلِ محمد جو غلام
پاڪ نالو تن جو ما ڪي ورد آهي صبح شام
رافضي ماٺهو محبت ۾ چون پل پيا چون
قادري جو هر دوعالم ۾ علي آهي امام

☆

خدا يا مان گهڻو آهيان گنهگار
گنھ پنهنجا ڏسي آهيان شرمسار
نه بخشيندين جي تون ڪاڏي وڃان مان
سوا تنهنجي نه آهي ٻيو ڪيو غفار

MAAB 1431
maablib.org

☆

گناهن کان ڏئم وڏ تنهنجي رحمت
منهنجي دل کي آهي ڏوهن جي زحمت
جڏهن زحمت تي قابض آهي رحمت
.اهائي دل کي منهنجي آهي همت

☆

عطا توکي ڪئي الله عزت
ترقي دين دنيا جي ۽ دولت
هجين شل مسند اقبال تي خوش
هجي شامل هي توسان شان شوڪت

☆

خدا حافظ تنهنجو اي نيڪ ڪردار
محمد مصطفيٰ تنهنجو نگهدار
هجين جاتي هميشه شاد خورم
هجي شل تنهنجو دائم بخت بيدار

☆

ڇا ته دنيا جو عجب دل کي وٽي ٿو بستان
هاءِ دنيا ۾ ڪيا آهن مان ڏوهه گهڻا
ڇونه ڪن ناز گنهه منهنجا ثوابن تي جو
رحمت حق ٿي وسي منهنجي گناهن جي مٿان

MAAB 1431
maablib.org

☆

دلدار بيوفا سان رکجي نہ آشنائي
جيڪو ڪري ٿو توسان هر طرح بيوفائي
رک عشق ان سان جيڪو دلدار آهي دائم
گڏ توسان تنهنجي دل ۾ جو ٿو رهي سدائين

☆

پري ڏي بيخوديءَ جي مئي جو ماکي جام اي ساقي
ٿيو آهيان زماني ۾ گهڻو بدنام اي ساقي
وڃي سڀ درد غم رنج والم دل منهنجي مان نڪري
رهان مخمور بي خودمست صبح و شام اي ساقي

☆

پاڪ تنهنجي ذات آهي يا خدا
تنهنجي قدرت جو ڪرشمو جا بجا
قادر و قيوم آهين بي نياز
رحم ڪر ماتي بحق مصطفيٰ

☆

خدا يا ماکي نہ محتاج ڪنهن بشر جو ڪر
غريب بيڪس مان منهنجو آهين تون ياور
گناه عيب خطائون معاف ڪر منهنجون
بحق احمد حسنين فاطمہ حيدر

☆

يا رب مان عيب دار ۽ عاصي تي رحم ڪر
سو بار جو سهي نہ سگهان سو نہ ماتي ذر
توکان سوا نہ آهي مددگار ڪو ٻيو
پنهنجي نگاه لطف سان ڪر ماکي بهرور

رباعيات

☆

يارب مان گنهگار تون آهين غفار
مان ڏوهه ڏسي پنهنجا گهڻو آهيان شرمسار
ڪر عفو گنهه لطف ڪرم پنهنجي سان سائين
مان عبد گنهگار ۽ تون عافر ستار!

☆

بيمار خدا يا ۽ مان عاجز تو رهان
در تنهنجو ڇڏي ٻئي در ڪاڏي مان وڃان
ڪر دور ضعيفي ۽ توانائي ڏي
پنهنجي ڪرم و لطف سان اي شاهه جهان

☆

ڇڏ ذوق زماني جو، جو آهي بي بقا
ڪنهن سان به زماني نه ڪئي آهي وفا
ڪي رنج مصيبت ۾ ۽ ڪي خوش خندان
رهه ياد خدا جي ۾ تون مشغول سدا

☆

هن حسن بتان جي ڪي نه آهي ڪو بقا
هرگز نه مٿان ان جي تون ڪر جان فدا
رک عشق حقيقي جي تمنا دل ۾
جو آهي بقا ان کي هميشه بخدا

maablib.org

☆

اڄ عيد مبارڪ جو اچي ٿو آواز
هڪ ٻئي سان ملن دوست ٿا ناز نياز ۾
جي يار نہ آهي تہ پلا ڪهڙي عيد
شل قادري سان جلد ملي محرم راز

☆

توکي ٿو ڏيان عيد مبارڪ اي يار
هر طرف خوشي عيد جي آهي اظهار
شل عيد مبارڪ جي بهاني سان اڄ
همدوش اچي مان سان ٿئي من سو دلدار

☆

افسوس وئي عمر اجائي گذري
جيڪا جا بلا عشق ۾ آئي گذري
مان پير ٿيس خواهش دل مان نہ وئي
وئي عقل جي هاٽي تہ رسائي گذري

MAAB 1431
maablib.org

نموني لاءِ ٽي
فارسي غزل

۽ بحر: هزج مسدس محذوف

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن فعولن

اگر بینم من آن رشکِ قمر را
کنم قربان برو جان و جگر را

زبوئي گل رخ مستم چو بلبل
نہ بویم از چمن بوئي دگر را

چو آه سرد دارم هر سحر گہ
نمي خواهد دلم بادِ سحر را

جمالش جلوه گر در باغ عالم
بیاید در نظر صاحب نظر را

کجا شد قصر کسرا تخت نا جش
بس استِ این سبز خیمہ رهہ گذر را

کہ دل ازد و ریش پر درد گردد
چرا از دل کشم تیرِ نظر را

بہ نوشان از شراب شوق جامي
فقیر قادري تشنہ جگر را

MAAB 1431
maablib.org

بحر: رمل هزج مسدس محذوف

وزن مفاعیلن مفاعیلن فعولن

نشسته بردرت این داد خواهت
زمد تها به امید و صالت

بیا به نشین به چشم من چو مردم
که دارم چشم چون نرگس براهت

به گوشت کئي رسد آه و فغانم
بسي بالا ترست آرام گاهت

ترا اي شاه خوبان ناز و غمزه
به تسخیر دلم بس این سپاهت

چه خونها شد گره در ناف آهو
زرشک نگهت زلفِ سیاهت

تورشک ماه کنعاني به صورت
که خوبان جهان شد خاک راحت

بیا اي قادري بیخود زخود شو
بجز مستي در آنجا نیستِ راهت

MAAB 1431
maablib.org

بحر: رمل مخبون مقصود

وزن: فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلان

گرچه از ضعف قدم وارد منزل نه شیدم
به ره او بخدا ساعتي غافل نشدیم

منزل شاهد مقصود دو گامِ دل ماست
حیف صد حیف که ماهم قدمِ دل نشدیم

دلربا برد بشوخي دلم و غم بگذاشت
جانشین غم شده درسینه که بیدل نشدیم

گردش چرخ چو امو اج دواند مارا
من به آسودگي چون موج به ساحل نشدیم

جان به یک غمزئه ابروش سپرم خندان
شکر صد شکر که شرمندئه قاتل نه شدیم

قادري ام به گدائي بدرت آمده ام
جز درِ تو بدر دیگر سائل نشدیم

بحر: مجتث مثمن مخبون محذوف

وزن: مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

فغان کہ دشمن مادور اي زمانہ شده
دلم چو خانۂ زنبور خانہ خانہ شده

زبائي کو بئي گاوان گردشِ افلاک
بہ بين کہ خرمن آ رام دانہ دانہ شده

بغير دام اسيرم بخانۂ صياد
مراقش زا زل هم چو آشيانہ شده

هزار شکر مہ من بيا بچشم نشين
کہ از قدوم تو روشن غريب خانہ شده

تصور گرہ زلف اوستِ در دل من
دلم زمهرئه آن مار پر خزانہ شده

کسيکہ نرم بہ بيني بدانکہ سنگ دل ستِ
نهان بہ پنبہ نگر سخت پنبہ دانہ شده

مقيم در دل ما قادري فراق کہ بود
شبِ وصال صنم از دلم روانہ شده

MAAB 1431
maablib.org

بحر: رمل مثمن مشکول

وزن: فعلات فاعلاتن فعلات فاعلاتن

زصبا خبر ز حالم تو اگر شنیده باشي
بمثال گل اي گلرو تو قبا دریده باشي

بہ رہِ طلب تو جانان زد هر کہ من بدیدم
زبلاءِ و رنج محنت تو گهي نہ دیده باشي

چہ خوشاکہ همچو جانم بہ نشین تو در دل من
بہ قدوم درد دل راز دلم کشیده باشي

بہ چمن زشوق رویت بہ هزار ناز بلبل
صفتِ توکرد با گل زصبا شنیده باشي

تونیا مدي چو جانان بہ لبم رسید جانم
چہ عجب کہ بعد مردن بسرم رسیده باشي

بخدا بجز درِ تونہ روم بہ دیگرِ در
بہ کجا روم زکویت کہ مرا کشیده باشي

توکہ مي دهي بہ عاشق زمئي بلاپیالہ
نہ دهي تو قادري را اگر آن چشیده باشي

MAAB 1431
maablib.org

فرهنگ ديوان قادري

يعني ڏکين لفظن جي معنيٰ

الف

اعظم	وڏو
انبيا	گھڻا نبي
ادراڪ	عقل
ارض	زمين
احمر	ڳاڙھو
اقربا	مائٽ
اظھا اظھر	ظاھر ڪرڻ
اطھر	طاھر، پاڪ
آفتاب	سج
ابر	ڪڪر
اتقا	پرھيزگاري
اتقيا	عبادت ڪندڙ
اعدا	گھڻا دشمن
انجمن	مجلس
آرا	سينگاريندڙ
اخفا	خفي، ڳجھو
الغياث	فرياد، پڇ
آلوده	گدليل
امم	امت
آسيا	جانده يا جنڊ
آھو	ھرڻ
اسير	قيدي
ابرو	پروان
اختر	ستارو
ارغوان	ڳاڙو
الم	ڏک
ادا	ناز ۽ نخرو

اياغ	پيالو
آثار	نشانيون
اغيار	ڌاريا ماڻھو
آب	پاڻي
اندام	عضوا
افسون	منڊ
آرزو	خواھش
اشڪ	ڳوڙھا اکين جا
اشڪبار	روئيندڙ
ايوان	اڱڻ
آشڪار	ظاھر
انگشتري	منڊي
اخوت	برادري
امر	حڪم
امور	حڪم گھڻا
امڪان	طاقت ۽ پيدا ٿيل
استخوان	ھڏا
آستان	آستانہ چائٺ
آشيان	آشيانہ آکيرو
افسانو	اجايو قصو
آشنا	دوست ۽ واقف
اڪبر	وڏو
انور	روشن
ابتر	خراب بي اولاد
التذاذ	لذتون
ايجاد	پيدا ٿيل پيدا ٿيڻ
آگاه	واقف

MAAB 1431
maablib.org

آواره	پريشان
آهن (هه جي زير سان)	لوه
انقباض	دل جو بند ٿيڻ
انبساط	دل جو کلڻ
ارتباط	مشغولي
اجابت	قبوليت
اندوهه	ڏک
ابتدا	اول
انتها	آخر
انما	الف جي زير نون جي شد ۽ زير سان اشارو آيت شريف ڏي: ته تحقيق الله تعاليٰ توهان کي پاڪ ڪيو.
اسرا	اشارو آيت شريف ڏي ته پاڪ آهي الله تعاليٰ سير تو ڪرائي ٻانهي پنهنجي محمد مصطفيٰ ﷺ کي
انا فتحنا	اشارو آيت شريف ڏي ته فتح ڏني اسان توهان کي
اثاث البيت	سامان گهر جو
اينما	اشارو آيت شريف ڏي ٿه جاڏي ڏسو تاڏي الله تعاليٰ جو منهن آهي.
او ادنيٰ	اشارو آيت شريف ڏي ته الله تعاليٰ تو فرمائي ته رسول مقبول موسان تمام ويجهو ٿيو پر ان کان به ويجهو
اني تارڪ	اشارو حديث شريف ته مان توهان وٽ ٻه شيون ڇڏيون قرآن شريف ۽ اهلبيت ۽ عترت
الفقر فخري	اشارو حديث شريف ته فقيري منهنجو فخر آهي.
امي	الف جو پيش، ميم جي شد ۽ زير سان: اڻ پڙهيل، لقب رسول مقبول ﷺ جو
احرام	حاجي هڪ ڪپڙو ٻڌندا آهن جڏهن حج تي ويندا آهن. ڪعبت الله جو طواف ڪري پوءِ لاهيندا آهن. انکي احرام چوندا آهن.
ارني	اشارو آيت شريف حضرت موسيٰ چيو ته "رب ارني" (يارب ڏيکار منهن پنهنجو)

ب

بشر	آدمي
بي انتها	اڻ کٽ
بي چون	بي مثال
بريان	ڀڳل
باعث	سبب
بينا	ڏسندڙ
باده	شراب

باده فروش	شراب پيئندڙ	بيدار	جاڳندڙ
باده پيماءِ	شراب وراهيندڙ	بوسہ	چمي
باده ڪشي	شراب پيڻ	بسمل	اڌ ڪٺل
بحر	درياءَ	بلا	مصيبت
بنفشہ	گل جو نالو	بهزاد	نالو صورت
بت	هندو مٽيءَ جا ٺاهي		ڪڍندڙ جو
	ان کي پوڄيندا آهن	بي نوا	سڄو
	عاشق معشوق کي	برزخ	مرڻ کانپوءِ
	چوندا آهن.		قيامت ڪان اڳ ۾
بطحيٰ	مديني شريف جو		روحن جو رهڻ
	نالو	بردو	ٻانهون
برگ	وڻن جا پن	برهان	دليل
باطل	ڪوڙ	برات	چٺي يا سند
بد	بڇڙو	بيش	زياده
بوريا	تڏو	باز	ڪليل- يا پتيل ۽
باريڪ	تمام سنهون		پکيءَ جو نالو
بال	ڪنيڙان پکيءَ جون		جيڪو شڪار
بزم	مجلس		ڪندو آهي.
بستان ۽	باغ بط بدڪ يا	باران	برسات آسماني يا
بوستان	آڙي		وسندڙ
بط مئي	صراحي شراب جي	بران	ب جي پيش ۽
باد	واچ ۽ هجي شال		شد سان. وڍيندڙ.
بر	بغل - ۽ مٿي	بنا	اڏاوت يا بيهڪ
بلال	بانگ ڏيندڙ جو نالو	بيني	نڪ
	جو مديني ۾ هو.	بري	بيزار
بي نيازي	بي پرواهي		
برنا	جوان		**پ**
بصر	اک بصير- ڏسندڙ	بدي	بڇڙائي
بصيرت	روشنائي دل جي	بالا	مٿي
	اکين جي	پاسباني	نگهباني
بصارت	روشنائي ظاهري	پير	ڪراڙو
	اکين جي	پير ڪهن	مراد: آسمان
بي بصر	انڌو	پهلو	پاسو
بتر	خراب	پيمانو	پيمانہ- پيالو

MAAB 1431
maablib.org

پيڪر	صورت يا شڪل
پر	(پ جي پيش
	سان) پريل
پنهان	ڳجهو
پوشيده:	ڳجهو ڍڪيل
پرواز	اڏامڻ
پنبه	ڪپاه
پند	نصيحت يا
	سمجهاڻي
پرستي	پوڄا
پيڪان	تير
پائگاه	مرتبو
پارسا	پرهيزگار
پارسائي	پرهيزگاري
پژمرده	ڪوماڻيل

ت

تمنا	ت جي زبر ۽ شد
	سان بمعنيٰ سڌ،
	خواهش
تبسم	مرڪڻ، کلڻ
تيغ	تلوار
تڪبير	”الله اڪبر“ جو
	حلال جانور جي
	ڪهڻ وقت چئبو
	آهي.
تطهير	پاڪائي
تازيانه	چهبڪ
تلون	(واوَ جي پيش ۽
	شد سان) رنگارنگي
تجسس	ڳولا ڦولا
تزوير	فريب ۽ مڪر
تولد	ڄمڻ ۽ پيدا ٿيڻ
تشنه ۽ تشنه	
لب	اجايل

تراب	مٽي يا خاڪ
تاڪ	انگور
توده	مٽيءَ جو ڍڙو
تعلق	شد سان لاڳاپو
تعجيل	تڪڙ
تلخ	ڪوڙو
تصور	(ت جي زير ۽ شد
	سان) ڪنهن به
	صورت جو خيال
	ڪرڻ
توسن	گهوڙو تکو
تلقين	سمجهاڻي
توانا	طاقت وارا
تسخير	مطيع يا قيد

ث

ثابت	ثبت بمعنيٰ
	محڪم
ثنا	تعريف
ثمر	ڦر يا ميوو وڻن جو
ثقلين	ٻه تولا ماڻهن ۽
	جنن جا
ثقيل	ڳورو

ج

جلوو	ديدار
جبين	پيشاني
جفا	جور ظلم
جمال	سونهن
جام	پيالو
جان گاه	ساهه ڳاريندڙ
جنت	جنان بهشت
جرس	گهنڊ جيڪو اٺن
	جي ڳچيءَ ۾
	وجهندا آهن

جاودان	همیشہ قائم
جاوداني	همیشہ قائم رهندڙ
جنون	چريائي
جاه	مرتبو
جرم	گناه
جلالت	وڏائي
جهنم	جهيم- دوزخ
جلي	تمام ظاهر
جستجو	ڳولا ڦولا
جلاد-	ڪهندڙ
جان	ساه ۽ جن نون جي شد سان جي نہ ٽا ڏسجن

چ

چشم	اک
چراغ	ڏيئو
چاه	يا چہ- کوه
چاه	خواهش
چين	منهن ۾ گهنڊ وجهڻ ۽ چوندڙ ۽ ملڪ جو نالو
چرخ	آسمان- ڦرڙ
چغد	چبرو
چشمئہ	تلاءُ
چشمئہ حيوان	آب حيات

ح

حمد	تعريف خدا تعاليٰ جي
حسرت	خارڪائڻ
حبيب	دوست
حاسد	دشمن
حسد	دشمني
حبذا	(بي جي شد سان) گهڻو خوش
حصار	قلعو يا ڪوٽ
حنا	ميندي، حنائي: ميندي وارا
حزن	پيش سان ڏک
حباب	پاڻي تي جيڪو ڦوٽو ٿيندو آهي.
حادثہ	مصيبتون
حبل المتين	رسي مضبوط
حرز	تعويذ
حجت	شد سان دليل
حمائل	لڙڪيل
حامل	کڻندڙ
حلم	نرمي، برد باري
حليم	بردبار- نرم طبع

خ

خالق	پيدا ڪندڙ
خفي	ڳجهو
خوب	چڱو
خوب رو	سهڻو
خوبان	چڱا ۽ سهڻا
خجلت	شرمندگي
خجل	شرمسار
خلعت	پوشاڪ
خيرالبشر	چڱو ماڻهن ۾
خورشيد	خور- سجھ
خيرالورا	ڀلو مخلوقات ۾
خضرا	سائو رنگ
خرگاه	لانڍي يا تنبو
خابيده	سمهيل
خندان	کلندڙ

خم	خي جي زير سان: ڏنگ پيش سان: مٽ پاٽي جو يا شراب جو (ر) جي پيش سان ڪنڊو ۽ زير سان: رشڪ
خس	ڪک
خورم	خوش
خوش گوار	وڻندڙ
خال	تر ڪارو، محبوب جي منهن جو
خاشاڪ	ڪک، ڪنڊا
خام	ڪچولڻ پڪل
خستہ	زير سان ڦٽيل
خلق	زير سان مخلوقات پيش سان عادت
خوشہ	سنگ ان جو
خرمن	ان جي پار
خنده رو	کلندڙ؛ خفتہ: پيش سان سهميل
خراج	محصول يا ڍل

د

دل خواه	دل گھرندڙ
دائم	هميشان
دارين	ٻئي جهان۔
دنيٰ	(دال جي زير سان) اشارو آيت شريف ثم دنا فتدلا۔ ٻوءِ ويجهو ٿيو ۽ اوري آيو
دام	ڦاهي ۽ جانور، اڙ ڦاڙيندڙ
دد	دال جي زير سان جانور ڦاڙيندڙ
دور	پيش سان: پري، زير سان ڦرڻ
دختر	ڌيءَ دختر رز يا دخت رز مراد: شراب
دائما	دائم هميشہ
دهن	وات
دود	دونهون
دل ڪش	دل ڇڪيندڙ
دبستان	مڪتب
دونيم	ٻہ اڌ
ديجور	اوڌاهي
درج دبلو	دُرِ منجهہ پيش سان موتي ۽ دروازو
دوش	ڪالهہ ۽ ڪلهو
دراز	ڊگهو
داد	عدل ۽ انصاف
دل زار	دل ڏکايل، درد مند.
درمان	دوا۔ علاج
ديده	اکيون
ديدئي	ڏٺو آهي تو
ديدن	ڏسڻ
دريدن	ڦاٽڻ
دار	سوري يا ڦاهي ۽ زمين تي رک.

ذ

ذقن	کاڏي
ذنب	گناه
ذنوب	گناه گهڻا
ذلت	خواري
ذليل	خوار
ذبح	ڪهڻ
ذبح عظيم	وڏو ڪوس. اشارو قتل امام حسين عليہ السلام

maablib.org

ر

رخسار	ڳل
رز	انگور
راز	ڳجهه
رازدار	حال محرم، حال جو واقف
روزجزا	ڏينهن قيامت
ردا	چادر
رعنا	ڳاڙهو ۽ عجيب
رجل	مرد
راه	راه، واٽ، رستو
رهنما	واٽ ڏيکاريندڙ
رشڪ	زيرسان- ريس-
رشڪ گل	رشڪ گلزار
رشڪ خور	رشڪ قمر، محبوب کي چوندا آهن.
ره	واٽ
راه بر	واٽ ڏيکاريندڙ
رخشان	چمڪندڙ
راڪب	سوار
رجا	اميد
رب ارني	اشارو آيت ڏي يا رب ڏيکار ديدار پنهنجو
رفعت	عزت
روح الامين	جبرئيل
رنجور	بيمار
راغ	جهنگل
رعد	گاج. گجڻ
رفو	تنڻ
رسوا	خوار

ز

زوال	گهٽتائي کي پهتل
زار	ڏکايل
زنار	جٽيون
زاغ	ڪانءُ، ڪانگل
زندان	قيدخانو
زنخدان	ڪاڏي
زاد	توشو ثمر
زمان	جهان ۽ وقت
زلف	وار

س

سماء	آسمان
سوءِ	طرف
سنگ	پٿر
سگ	ڪتو
سرو	(واوَ جي پيش سان) وڻ جو سڌو ٿيندو آهي.
سمن	گل جو نالو جو اڇو ٿيندو آهي.
سمن بر	محبوب
ساغر	پيالو
سيرت	عادت
ستم	ظلم
ستمگر	ظالم
سرطان	برج جو نالو جو چنڊ جو گهر آهي
سلاسل	پيچ منجهه پيچ
سبو	(پيش سان) گهڙو، دلو
سبط	ڌيءُ جو پٽ يعني ڏهٽو
سرِ ڪف	سر ترِيءَ تي
سيماب	پارو، دوا جو نالو آهي.
ساحل	ڪنارو درياءَ جو

MAAB 1431
maablib.org

سرشار	پريل
سيب	صوف
سپر	ڍال
سحر	زير سين جي سان: جادو ۽ زير سان اسر جو وقت
سمندر	جانور جو نالو جو باه مان پيدا ٿيندو آهي
سقر	دوزخ
سليم	گناهن کان سلامت
سوزن	سئي سبڻ جي
سوزان	ساڙيندڙ
سوز	دل جو ساڙو
سماءُ	سرود
سنان	نيزو
سايہ	پاچو
سمڪ	سنهي مڇي
سر	سين جي زير سان: مٿو. زير ۽ شد سان: ڳجهہ. پيش سان: راڳ
سرفرازي	وڏائي
سرسام	اجايو ڳالهائڻ بيماري جو نالو
سائبان	تنبو يا لانڍي
سواد	ڪارنهن
سفر	مسافري
سالار	سردار
سرور	سين ۽ ري جي پيش سان: خوشي سين جي زير ري جي جزم سان سردار
سراج	ڏيئو
سدا	هميشہ ۽ عرض ڪرڻ
سبڪ	هلڪڙو سين جي پيش سان
ستار	عيب ڍڪيندڙ

ش

شادماني	خوشي
شوڪت	دٻدٻو ۽ وڏائي
شجر	وڻ
شتاب	جلد
شباب	جواني
شب	رات
شير	ي معروف سان کير پيٽ جو ي مجهول سان: شينهن جانور
شام	سانجهيءَ جو وقت
شاد	خوش
شمس	سج
شڪن	پيچ (شين جي زير سان)
شاهين	بازپکي جو شڪار ڪندو آهي
شاهد	محبوب
شعاع	روشني
شجاع	بهادر
شجاعت	بهادري
شيدا	چريو ۽ پريشان
شمشير	تلوار
شبانو	راتو ڪو وقت
شبنم	ماڪ
شناور	ٽوبو ۽ ترندڙ

ص

صبا	واءُ صبح جي
صراحي	جنهن ۾ شراب وجهي پيالي ۾ وجهبو آهي
صانع	ڪاريگر (ڪا شيءِ ٺاهيندڙ)
صنعت	ڪاريگري
صنم	بت جيڪو هندو ٺاهي پوڄيندا آهن شاعر محبوب کي چوندا آهن
صدف	سپ دريائي
صيام	روزا رمضان جا
صراف	موتي پرکيندڙ
صحرا	بيابان ۽ بريٽ
صرف	خرچ
صدا	آواز
صراط	واٽ
صراط المستقيم	واٽ سڌي
صحيفا	اڳين نبين جا ننڍا الاهي پيغام
صدر	سينو
صياد	پکي ڦاسائيندڙ
صيقل	اوزار جنهن سان آئينو صاف ڪبو آهي
صيقل لا	لاالله الاالله جنهن جي ذڪر سان دل کي صاف ڪبو آهي

ض

ضيا	روشني
ضمير	دل
ضلالت	ذلت خواري ۽ گمراهي
ضمر	ڳنڍڻ

ط

طلعت	پيشاني
طفل	ٻارننڍو
طومار	دفتر
طئي	پوري ڪرڻ
طهارت	پاڪائي
طه	پاڪ ۽ اشارو آيت شريف
طاهر	پاڪ
طائوس	مور پکي
طائوس زرين	سجھ
طائر	پکي
طبع زاد	طبيعت کان ڄاول يعني سخن يا شعر
طغرا	پيچي حرف ۽ لفظ

ظ

ظل	شد سان پاڇو
ظلمت	اونداهي
ظريف	داناءُ
ظرافت	دانائي
ظفر	فتح
ظن	شد سان گمان

ع

عماري	ڏولي
عليل	ضعيف بيمار
علت	بيماري ۽ عادت
عيار	مڪر ڪندڙ
عياري	مڪاري
عبا	زير سان چادر

maablib.org

عزا	ماتم
عزادار	ماتم ڪندڙ
عدم	نہ هجڻ
عين	اک
عسرلسيرا	ڏک ۾ سک
عرفان	الله تعاليٰ جو سڃاڻڻ
عروس	نئين پرڻيل ڪنوار
عروسان چمن	نوان گل ڪليل باغ جا
عنقا	پکيءَ جو نالو جو ڪنهن بہ نہ ڏٺو آهي
عندليب	بلبلو
عڪس	پرتوئو
عالم امڪان	هي جهان
عدو	دشمن
عصيان	گناه
عاصي	گنهگار
عارض	ڳل سهڻن جا
عقبا	اڳيون جهان
عتاب	ڏوراپو
عبث	اجايو
عذار	ڳل
عزلت	گوشو هيڪلائي
عنادل	بلبل
عنوان	سرنامو
عيان	ظاهر
عرض	احوال ڪرڻ ۾ موڪرائي ۾ ٻئي شيءِ کان بيهندڙ
علم	جهنڊو زير سان ۾ زير سان علم پڙهڻ.

علم برادر	جهنڊو ڪڻندڙ
عليم	علم وارو، ڄاڻندڙ
عالم	لام جي زير سان علم وارو، لام جي زير سان جهان
عارف ولي	درويش، خدا وارو
عبد	ٻانهون

غ

غائب	ڳجهو
غيب	ڳجهه
غنچه	گل جي مکڙي
غمزه	نازنخرو
غمزه بازي	نازڪرڻ
غلمان	نا بالغ چوڪرا جيڪي بهشت ۾ رهن ٿا
غريب	عجيب ۾ مسڪين ۾ مسافر
غربت	مسافري
غاصب	حق ڪسيندڙ
غفار	بخشيندڙ
غنچه لب	معشوق
غزال	هرڻ
غماز	چغل
غواص	ٽوبو
غريق	ٻڏل
غب غب	سهڻن جي ڪاڏيءَ هيٺان جيڪو ليڪو ٿيندو آهي
غضنفر	شينهن
غلاف	پردو

ف

فهم	سمجهه

فاوحيٰ	پوءِ وحي ڪيائين اشارو آيت شريف
فلڪ	آسمان
فدا	قربان
فغان	دانهن
فسق فجور	اجايو ڪم ۽ اجايو گفتگو
فراموش	وسارڻ
فرقت	جدائي
فادخلوها	اشارو آيت شريف
خالدين	پوءِ داخل ٿيو بهشت ۾
فيما	جيڪي بہ ان ۾ آهي
فلاتنهر	پوءِ خالي نہ ڇڏ اشارو آيت شريف
فردوس	بهشت
فترتضيٰ	پوءِ راضي ٿيندس اشارو آيت شريف
فرح	خوشي
فطرت	پيدائش اول
فطرتي	اڳوڻو بنيادي عالم ارواح جو

ق

قمر	چنڊ
قند	ڳڙ مٺو
قلب	دل
قفس	پڃرو
قوسين	اشارو آيت شريف رسول مقبول صلعم جن جي شان ۾
قروبي	ملائڪ
قيل مقال	گفتگو
قبا	ڪڙتو، (قاف جي زبر سان)
قرب	ويجهڙائي ۽ پيار
قريب	ويجهڙو
قامت	قد
قصر	(ڪاف جي زير سان) ماڙي
قلم	وڍيل ۽ لکڻ جو قلم
قحط	ڏڪار
قلزم	سمونڊ
قليل	ٿورڙو
قرح	(پيش سان) ڦٽ
قل تعالو	اشارو آيت شريف جنهن ۾ الله تعاليٰ علي عليہ السلام کي نفس پنهنجو چيو آهي

ڪ

ڪبريا	الله تعاليٰ
ڪوه	جبل
ڪامران	حڪومت ۽ حاڪم
ڪمال	وڏائي
ڪامل	وڏائيءَ کي پهتل ۽ خدا وارو
ڪان	جواهرن جي کاڻ
ڪحل	سرمو، ڪجل
ڪثرت	گهڻائي
ڪنت ڪنزا	اشارو حديث يعني مان کاڻ مخفي هوس
ڪاشف	کوليندڙ، ظاهر ڪندڙ

ڪاسہ	پيالو
ڪونين	ٻئي جهان
ڪذب	(ڪاف جي زير سان) ڪوڙ
ڪوتل	گهوڙو
ڪروبي	ملائڪ
ڪاتب	لکندڙ
ڪشتي	ٻيڙي
ڪرشمہ	نازڪيو
ڪوئي	گهٽي
ڪشور	(ڪاف جي زير سان) ولايت
ڪنج	ڪنڊ گهر جي
ڪمر	چيلهہ
ڪليد	ڪنجي
ڪنار	ڀاڪر
ڪبر	(ڪاف جي زير سان) تڪبر ۽ وڏائي
ڪاروان	قافلو
ڪون مڪان	هي جهان
ڪف	هٿ جي تري
ڪاف نون	جنهن ڪن جي
ڪن	چوڻ سان الله دنيا پيدا ڪئي.
ڪاسر	نقارو ۽ محل
ڪوس	گهٽ
ڪف زنان	تاڙي وڄائيندڙ
ڪاشانو	گهر رهڻ جو
ڪائنات	مخلوقات
ڪارزار	جنگ
ڪيس (قيس)	نالو مجنون جو
ڪسرا	نالو نوشيروان جو
ڪرب	ڏک. سختي

گ

گلشن	گلزار گلستان، باغ
گندم	ان ڪڻڪ جو
گدا	پينو فقير
گلو	ڳچي
گريا	دوا جو نالو جو گاہ کي گهٽي ٿو
گل گون	گل جي رنگ جهڙو يعني ڳاڙهو
گره	سنهي مٽي يعني رئي
گل	(زير سان) مٽي
گوش	ڪن
گريان	روئيندڙ

ل

ليڪ	ليڪن پر
لعبت	گڏي چوڪرين جي راند جي، جا ڪپڙي مان ٺاهيندا آهن
لقاء	ديدار
لحن	سٺو آواز
لطيف	نازڪ
لطف	مهرباني
لب	چپ
لبريز	ڀرپل
لحد	قبر
لاابالي	بي پرواه
لاف	ٻٽاڪ ۽ ٻاڙ هڻڻ
لايزال	نہ گهٽجي هميشہ هڪ جهڙو
لوا	جهنڊو

لواءِ الحمد	جهنڊو جو قيامت جي ڏينهن علي علي السلام جي هٿ ۾ هوندو
لاتقربو	نه ويجها ٿيو
لاتقنطو	نااميد نه ٿيو خدا تعاليٰ جي رحمت کان، اشارو آيت شريف
لايحب الاآفلين	دوست نه ٿو رکان گهٽ ٿيڻ واري کي اشارو آيت شريف
لن تراني	ڏسي نه سگهندين اشارو آيت شريف
لولاڪ	اشارو حديث قدسي جيڪڏهن نه خلقيان ها توکي ته نه خلقيان ها زمين آسمان کي.
لااحصي لنا	اشارو حديث نه ٿا پهچي سگهون تعريف تنهنجي کي
لم يلد	نه ٿو ڄڻي صفت الله تعاليٰ جي
لاهوت	اهو مڪان جنهن ۾ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هجي

م

ماهيت	اصل شي جو

ممڪن	پيدا ٿيل
معرفت	سڃاڻڻ حق جو
مئيڪده	شراب خانو
مئي	شراب
ميخانو	شراب خانو
مئي خوري	شراب پيئڻ
مرغ	پکي
ماه	مه مهتاب چنڊ
منور	شد سان روشن
مئيگون	شراب وانگر ڳاڙهو ۽ نشي وارو
مئي الستي	شراب الست وارو جو الله تعاليٰ روحن کي فرمايو ته "الست بربکم" آهيان مان رب توهان جو، روح ديدار جي نشي ۾ اچي چيائون ته هائو
مئي ڪش	شراب پيئندڙ
مصور	(شد سان) تصوير ڪيندڙ
مدام	هميشه
مهوشان	(هه جي جزم سان ميم جي زبر سان) سهڻا آيت شريف نه ڦيراياءِ اک پنهنجي محمد مصطفيٰ ﷺ الله تعاليٰ جي ذات ۾ اهڙو محو ٿي ويو جو اک ٻي طرف نه ڦيرايائين

مسرت — (ميم جي پيش ۽ س جي شد سان) خوشي
مبتلا — پريشان
محو — (ميم جي زير ۽ جي جزم سان) هڪ ٻي ۾ گم ٿيڻ
مظهر — جاءِ ظاهر ٿيڻ الله تعاليٰ جي ذات جي يعني مخلوقات
مساوات — برابري
مزمل — لقب رسول ﷺ جوءِ
ملت — (لام جي شد سان) پيروي
مغفور — بخشيل
مقرب — (ري جي شد سان) ويجهو
موهوم — وهم ڪيل. ته آهي يا نه آهي
مسيحا — جياريندڙ (لقب حضرت عيسيٰ جو)
مه رو — ماه رو سهڻو
مرده — مري ويل
مژده — خوش خبر
مغفرت — بخشش
منقار — چهنب پکن جي
مستجاب — قبول پيل
مصحف — قرآن شريف
مار — (ري جي پيش سان) ذنگ
محن — ڏک
مه جبين — محبوب

موزون — سهڻو ۽ وڻندڙ
محال — مشڪل
ماسلف — اڳيون زمانو
مينا — صراحي شراب جي
منسوخ — رد ٿيل جنهن تي عمل نه ڪجي
مرغابي — بدڪ يا آڙي
معنبر — (ميم جي پيش ۽ شد سان) خوشبودار
ميسر — (ميم جي پيش ۽ ي جي زير ۽ شد سان) حاصل ٿيل
متقي — پرهيزگار
مسڪن — (ميم جي زير سان جي جزم سان) ٽڪڻ جي جاءِ
مهر — (ميم جي زير سان) محبت ۽ سجهه
مهر طلعت — معشوق
مضطر — مضطرب پريشان
محروم — نااميد
مطلع — (ميم جي زير ط جي جزم سان) سج جي اڀرڻ جي جاءِ ۽ غزل جي پهرين بيت کي به چوندا آهن
مقطع — پڇاڙي يا پڇاڙي. غزل جي پوئين بيت کي به چوندا آهن

ملتمس	عرض ڪندڙ
مهجور	جدائي وارو
مودت	(دال جي شد سان) دوستي
معذور	عذر وارو
مشاهدو	ديدار، ڏسڻ
مستفيض	فيض وارو، فائدو وٺندڙ
متاع	سامان
مژگان	مڙه پنبڻيون
مسخر	شد سان مطيع
مقيد	(شد سان) قيد ٿيل
مستحق	حقدار
ماه ڪنعان	ماه بمعنيٰ چنڊ ڪنعان شهر جو نالو مراد حضرت يوسف
مزار	قبر ۽ تربت
مقراض	ڪئنچي
ممتاز	عزت وارو ۽ جدا ٿيل
محتسب	فتوا ڏيندڙ
معدن	کاڻ جواهرن جي
مڪفل	(شد سان) بند ٿيل
ماحي	ي جي پيش سان محو ڪندڙ وڃائيندڙ
محبط	جاءِ هيٺ اچڻ جي
مسموم	زهر ڪاڌل
معصوم	پاڪ
ملاذ	معاذ جاءِ پناه جي

ماني	نالو صورت ڪتندڙ جو
ما خلقت الجن والانس الاليعبدون	نه خلقيو آهي مان ماڻهن ۽ جنن کي مگر عبادت لاءِ اشارو آيت شريف
لايحب الافلين	اشارو آيت شريف جو دوست نه ٿو رکان مان گهٽ ٿيڻ واري کي

ن

نهان	نهاني ڳجهو
نگين	منڊيءَ جي ٽڪ
نغمه	راڳ
نسيم	واءُ صبح جي
نگهت	خوش بوءِ
نحن اقرب	(اشارو آيت شريف ڏي) آهيان مان ويجهو توهان کي توهان جي ساه جي رڳ کان
نقاب	برقعو
نفاق	دشمني
نساءِ	زال
ناخدا	ٻيڙي هلائيندڙ
نعت	تعريف
ناطق	ڳالهائيندڙ
نطق	گفتگو
نيشڪر	ڪمند جو ڪانو
نامه	خط
نامه بر	خط نيندڙ يعني قاصد
نير	(ي جي شد سان) ستارو

نالان	دانهون ڪندڙ
نر	(زبر سان) آلو
نزاع	دشمني
نقد	روڪڙ
نوشيدن	پيئڻ
ناتوان	هيٺو
نمد	ڏاس مان ٺهيل شيءِ
نئي	نڙجو وچي ٿو
ني ستان	نڙن جي پوک
نشيب فراز	هيٺائين مٿاهين
نهاني	رزائي ۽ پٽرٽي
نهال	بوٽو تازو نڪتل
نهاد	بنياد
نشاط	خوشي
ناظر	ڏسندڙ
و	
ولي وليڪ، وليڪن	(وائو جي زير سان) بمعنيٰ پري جي (شد ۽ پيش سان) مرد خدا وارو.
وحدت	هيڪڙائي
واحد	هڪ
واجب	واجب الوجود يعني الله تعاليٰ ضروري ڪم
واجب نما	خدا ڏيکاريندڙ
وصي	وارث

والليل	اول صورت قرآن شريف جي ليل بمعنيٰ رات. تشبيه شاعر محبوب جي وارن کي ڏيندا آهن
والشمس	تشبيهه محبوب جي منهن کي ڏيندا آهن
والفجر	اول صورت قرآن شريف جي بمعنيٰ صبوح جو وقت. تشبيه شاعر محبوب جي ڳلن کي ڏيندا آهن
ولا	(واو جي زير سان) محبت
وادي	ويرانو ۽ وارياسي زمين
وداع	لاڏائو
وقار	عزت
وقاذ	ضعيف
ھ	
هر دو عالم	ٻئي جهان هر دوسرا ٻئي جهان
هجر	جدائي
همدم	ساهه سان يعني محبوب گڏ
هماءِ	پکي جو نالو برڪت وارو ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي
هجرت	جدائي ڪرڻ لڏي وڃڻ

MAAB 1431
maablib.org

هلال	پھرين تاريخ جو چنڊ
هم نشين	گڏ ويھندڙ
هوا	هوا خواهش نفس جي
هل اتا	اشارو صورت قرآن شريف ڏي تعريف علي عليہ السلام جي
هيولا	جوهر هر شي جو، ۽ اصل هر شي جو ۽ طبيعت

ي

يثرب	مڪي شريف جو نالو
ياس	نا اميدي
ياور	مددگار
يسرا	آساني ۽ سک (ي جي پيش سان)
يعسوب	مکڙ ماکي جي بادشاه جو نالو

MAAB 1431
maablib.org

صوفين ۽ عارفن لاءِ
ديوان قادري جي لفظن جي حقيقي معنيٰ

آئينهٔ سڪندر	مراد سينهٔ عارف
آب حيوان	مراد شراب معرفت ۽ ذوق حقيقي جو
ابرو	يعني پروان- مراد تلوار- قتل عاشق جي لاءِ ۽ مراد؛ محراب- سجدي ڪرڻ عاشق لاءِ- معبود حقيقي ڏي- قاب قوسين اوادنا-مراد نزديڪي ذات محبوب حقيقي جي
بت-	يعني جنهن کي بت پرست پوڄيندا آهن خداءِ ڪري- مراد تجليات محبوب حقيقي جي. جو صورت انساني ۾ عاشقن جي دل تي جلوه گر ٿو ٿئي. بتخانو ۽ بتڪده- مراد- جاءِ- معشوق يعني باطن سالڪ جو ۽ دل عاشقن جي
باده	مئي مل پيش سان- بمعنيٰ شراب- مراد ذوق- شوق ۽ محبت اللهيٰ، عشق حقيقي ۽ فيض
پيمانہ	قدح -جام ۽ ساغر بمعنيٰ پيالو- دل ۽ سينو عارف جو
چشم-	بصر بمعنيٰ اک مراد جلوو نور ذات، محبوب حقيقي جو. جو بصير يعني ڏسندڙ آهي.
جمال	بمعنيٰ حسن سونهن- مراد نور ۽ تجلي محبوب حقيقي جو
چاه زنخدان	بمعنيٰ کوه کاڏي جو سمر- مراد خوف ۽ رجا يعني اميد ۽ پئو
خال	بمعنيٰ تر محبوب جي منهن جو -مرا عالم اجسام ظهور و جهان جو

MAAB 1431
maablib.org

خال ۽ خط	بمعنيٰ ڏاڙهي جي ريھ لهڻ. مراد: ظاهر ٿيڻ مخلوقات جو.
خم	خ جي پيش سان بمعنيٰ مٽ شراب جو. سبو بمعنيٰ دلو شراب جو. مرخيال. ۽ دماغ عارف جو
دام	بمعنيٰ ڦاهي .مراد: ڪشش حسن ۽ عشق
دهان	دهن. بمعنيٰ وات. مراد ڳجھ ۽ راز محبوب حقيقيءَ جو.
رخسار	رخ. روئي. وجھ. بمعنيٰ منھ
عذار	بمعنيٰ ڳل. طلعت ۽ سيما بمعنيٰ پيشاني مراد: تجلو ۽ نور الله تعاليٰ محبوب حقيقي جو جيڪو سهڻن، حسن وارن جي منهن ۾ ظاهر آهي.
رند	مذهبن جي تعلقات کان آزاد خوف ۽ رجا کان پري محبوب حقيقي جي شوق ۾ شاغل
زلف	زلف پريشان. زلف پيچان. زلف خم بمعنيٰ وار. مراد جذبۂ وصال محبوب حقيقي ۽ جيڪي بہ مشڪلاتون وصال لاءِ اچن ٿيون. حيراني پريشاني وغيره.
ساقي	بمعنيٰ شراب پيئاريندڙ. مراد محبوب. عارف ۽ مرشد.
صوفي	صوف بمعنيٰ پشم. صوفي: پشمينہ پوش سادي پوشاڪ ڍڪيندڙ، دنيا جي تعلقات کان پري دل کي صاف رکندڙ
صراحي	مراد. دماغ ۽ روح عاشق جو. محبوب حقيقي جو ۽ محبوب حقيقي جو تجلو
صبا	واءُ صبح جي. مراد: الهام غيبي ۽ ڪشف قلوبي

MAAB 1431
maablib.org

قامت	بمعنيٰ قد۔ مراد: وجود واجب الوجود محبوب حقيقيءَ جوءِ ان جو تجلو.
خراميدن	نازسان هلڻ يعنيٰ صفات ۾ سير ڪرڻ. ان الله عليٰ ڪل شي محيط
سايہ	بمعنيٰ پاڇو۔ يعني مخلوقات جو وجود. اهو پاڇو آهي محبوب حقيقي جو. جو محبوب جي هلڻ گهمڻ سان پاڇو بہ هلي گهمي ٿو
قدم يا پير	مراد اسم صفاتي وجود ذاتيءَ جا
گل	مراد حسن محبوب جو مراد مظهر ذات حقيقي جو
ڪرشموءِ غمزو	بمعنيٰ ناز ڪرڻ محبوب جو. مراد جلوو نور معشوق حقيقي جو
ڪمر	بمعنيٰ چيلهہ مراد فرق ڪندڙ ذات ءِ صفات ۾
گيسو	بمعنيٰ وار۔ مراد سنهان باريڪ نقطا جو محبوب حقيقي جي ڳولا ۾ پيش ٿا اچن
لب	بمعنيٰ چپ مراد لطف ءِ ڪرم محبوب حقيقي جو
لب جان بخش	بمعنيٰ چپ ساه بخشيندڙ مراد لفظ "ڪن" جنهن جي چوڻ سان
بوسہ	بمعنيٰ۔ چمي مراد مهرباني ءِ لطف گهڻو محبوب حقيقي جو
محبوب	معشوق۔ ذلبر دلربا۔ جاني وغيره مرادمظهر ذات محبوب حقيقي جو ءِ رهبر وات ڏيکاريندڙ يعني مرشد ڪامل
مستي	بيخودي۔ نشو۔ مراد جوش. محبت ءِ شوق گهڻو محبوب جو
مست	مراد: عاشق حقيقي ءِ عارف باالله
يار	مراد مرشد۔ محبوب حقيقي ءِ مدد ڪندڙ

فصل علم عروض جي سمجهاڻي ۾

عروضڪ عين جي زير سان ميزان يعني تارازو شعر جو جنهن ۾ شعر موزون وزن ۾ تورجي بيهي جو سيکهين شعر کي وزن جو ضروري آهي شعر کي عروض وارا "تقطيع" چوندا آهن. يعني ٽڪر ٽڪر ڪرڻ. افاعيل ۽ تفاعيل جي اصول تي ۽ وزن کي (بحر) بہ چوندا آهن. (بحر) جي لغوي معنيٰ شعر جو درياءَ جو رڪنن مان ٺهيل هجي. موزون شعر جي لاءِ وزن ۽ بحر ضرور آهي وزن ۽ بحر کانسواءِ شعر ناموزون يعني اڻ پورو چئبو (علم عروض) پهريان خليل ابن احمد پنهنجي خيال مان ظاهر ڪيو جو ملڪ عرب ۾ مڪي شريف جو وينل هو. هن "علم" جو نالو عروض انهين سببان رکيل آهي جو مڪي شريف جو ٻيو نالو عروض بہ آهي تنهن ڪري علم عروض ڪوٺيو ويو (وزن) جا ڪل اٺ لفظ يا رڪن آهن. ٻہ پنج حرفي جنهن کي خماسي چئجي ٿو جيئن تہ فعولن فاعلن ۽ ڇهہ لفظ ست حرفي جنهن کي سباعي چئجي ٿو جيئن تہ مستفعلن. مفاعيلن. فاعلاتن. مفاعلتن. متفاعلن. مفعولات. انهن اٺن لفظن کي رڪن چئجي ٿو. اهي اٺ رڪن عروض جو اصول آهي ۽ اهي رڪن ٽن لفظن سان ڳنڍيل آهن: (سبب). (وتد). (فاصد) سبب جي معنيٰ رسو. اصطلاح عروض وارن جي ۾ ٻہ قسم آهي: سبب خفيف ۽ سبب ثقيل سبب خفيف لفظ ٻن حرفن وارو. جنهن جو حرف پويون جزمي هجي جيئن تہ باتا. جو. چو ۽ سبب ثقيل. جنهن جا ٻئي "حرف اعرابن" وارا هجن جزمي نہ هجي جئين تہ اٿ هٿ وٿ "وتد بمعنيٰ ميخ" يعني ڪلي کي چوندا آهن. ۽ عروض وارن وٽ لفظ ٽن حرفن وارو. هي بہ ٻہ قسم آهي مجموع ۽ مفروق وتد مجموع اهو آهي جنهن جو آخر وارو حرف جزمي هجي. جيئن تہ. دوا. عطا. سخي ۽ "وتد مفروق" انهيءَ کي چئجي جنهن لفظ جو وچون حرف جزمي هجي جئين تہ لال. سال. حرص (فاصد) بمعنيٰ ٽنيو هي بہ ٻہ قسم آهي فاصد صغرا فاصد ڪبرا فاصد صغرا لفظ چئن

حرفن وارو- جنهن جو فقط پويون حرف جزمي هجي جيئن تہ ڪيڙي مسجي- ۽ فاصد ڪبرا لفظ پنجن حرفن وارو- جنهن جو پنجون حرف جزمي هجي جيئن تہ- فتجلا- مسچٽو

شعر جا قسم

شعر ڇا کي چئجي؟ ڄاڻ کي چئجي ٿو ۽ اصطلاح ۾ سخن وزن ۽ قافيہ وارو (شاعر) ڄاڻندڙ ۽ شعر چوندڙ جنهن شعر جو وزن قافيہ ۽ رديف برابر هجي- جيڪڏهن رديف نہ هجي تہ قافيہ ۽ وزن ضرور هجي- پهريان شعر حضرت آدم عليہ السلام سرياني زبان ۾ چيو آهي- پوءِ شعر عربي زبان ۾ گهڻن شاعرن چيو آهي- پارسي پهريان شعر بهرام گور چيو آهي. هي (مصرعہ) منم آن پيل دمان و منم آن شيريلهہ. ٻيو مصرعہ: سندس وزير چيو جو ان وقت ان سان گڏ هو (مصرعہ) بهرام ترائو پدرت بوجلہ- پارسي ۽ اردو ۾ تہ ڪيترن شاعرن جا ديوان تمام مشهور آهن- مگر سنڌيءَ ۾ عروض جي قاعدي موجب گهٽ آهن.

شعر ٻارنهن قسم آهي

1- قصيدو 2- غزل 3- قطعہ 4- مثلث 5- مربع 6- مخمس 7- مسدس 8- برجيع بند 9- ترڪيب بند 10- مستزاد 11- مثنوي 12- رباعي.

قصيدو ان کي چئجي جو پهرين بيت جا ٻئي مصرعہ قافيہ وارا هجن- ۽ ٻين بيتن جو پويون مصرعہ ساڳي قافيہ تي هجي- گهٽ ۾ گهٽ 25 بيت وڌ ۾ وڌ 170 بيت هجن. (غزل) قصيدي جيان قافيہ وارو هجي- گهٽ ۾ گهٽ 5 بيت وڌ ۾ وڌ 15 بيت هجن- جنهن ۾ گهڻو ڪري مضمون عاشق معشوق جو ۽ فراق جدائي جو ۽ معشوق جي تعريف جو هجي

قطعہ

غزل- يا قصيدي جو ٽڪر فقط پوين مصرعن جو قافيہ هجي پهرين مصرعہ جي قافيہ جو ضرور نہ آهي. گهٽ ۾ گهٽ 2 بيت وڌ ۾ وڌ

170 کان گھٽ ۾ گھٽ هجي.

مثلث:

ٽن مصرعن جي بند کي چئجي. پهريان ٽي مصرعا هم قافيه هجن ٻين بندن جو پويون مصرع پهرين بند جي قافيه سان هجي.

مربع:

چئن مصرعن جو بند هجي پهريون بند هم قافيه هجي ٻين بندن جو پويون مصرعه هم قافيه هجي.

مخمس:

پنجن مصرعن جو بند هجي- مربع وانگي- چئن مصرعن جو قافيه ٻيو هجي، پنجين مصرعه جو قافيه پهرين بند وارو قافيه هجي.

مسدس:

ڇهن مصرعن جو هڪ بند- چئن مصرعن جو قافيه هڪ جهڙو هجي هڪ قافيه تي ۽ ٻه مصرعه ٻي قافيه تي هجن- ٻيا بند پلي ٻي ٻي قافيه تي هجن- (ترجيع بند)

ستن بيتن جو يا گهٽ، هڪ بند غزل وانگي هڪ قافيه تي هجي. پويون بيت ٻي قافيه تي- اهڙا ڪيترا ئي بند هجن مگر پويون بيت ساڳيو ئي هجي- (ترڪيب بند) ترجيع بند وانگي پر پويون بيت ٻي مضمون ۽ ٻي قافيه تي هجي.

مستزاد:

غزل وانگي پر هر مصرعه ڏيڍو هجي- جئين ته-

يا نبي صل عليٰ صاحب لولاڪ لما

باعثِ ارض سما

قاب قوسين تنهنجو قرب آهي او ادنيٰ

لتدلا ودنا

مثنوي:

هر هڪ بيت جدا جدا قافيه تي ڪيترا ئي بيت هزارن جي تعداد ۾ هجن

رباعي

ٻن بيتن کي چئجي ٿو. ٻن مصرعن پهرين ۽ پوئين مصرع جو قافيه هڪ جهڙو هجي. ٽئين مصرع جو قافيه ضرور نه آهي. جيئن غزل جا پهريان ٻه بيت. مگر عروض واري رباعي جو وزن بحر هزج مان زحافات سان فقط 24 قسم ڪيو آهي، جنهن جا وزن ڏيکارجن ٿا بحر هزج اخرب مثمن 12 وزن. جيئن ته

1. مفعول مفاعيلن مفعولن فاع
2. مفعول مفاعلن مفاعيلن فاع
3. مفعول مفاعيلن مفعول فعول
4. مفعول مفاعيل مفاعيلن فاع
5. مفعول مفاعيلن مفعولن فع
6. مفعول مفاعيل مفاعيلن فع
7. مفعول مفاعلن مفاعيلن فع
8. مفعول مفاعيل مفاعلن فع
9. مفعول مفاعيلن مفعول فعل
10 مفعول مفاعلن مفاعيلن فعل
11. مفعول مفاعيل مفاعيل فعول
12. مفعول مفاعيل مفاعيل فعل

بحر هزج اخرب مثمن 12 وزن

1. مفعولن مفعولن مفعول فعول
2. مفعولن مفعول مفاعيل فعول
3. مفعولن مفعول مفاعيل فعل
4. مفعولن مفعول مفاعيل فعول
5. مفعولن مفعولن مفعولن فاع
6. مفعولن مفعول مفاعيلن فاع
7. مفعولن مفعول مفاعيل فعل
8. مفعولن فاعلن مفاعيلن فع
9. مفعولن مفعولن مفعولن فع

10- مفعولن مفعول مفاعيلن فع

11- مفعولن فاعلن مفاعيل فعل

12- مفعولن فاعلن مفاعيلن فع

رديف ۽ قافيہ ڇا کي چئجي؟

رديف- بمعنيٰ ٻيلھ انھن ماڻھن کي چئجي جيڪي گهوڙي تي هڪ ٻئي جي پٺيان چڙهيل هجن. اصطلاح ۾ اهو لفظ آهي جو ساڳوئي ساڳو شعر ۾ قافيہ جي پٺيان آڇجي ٿو. اهو لفظ ٻن حرفن وارو يا وڌيڪ حرفن وارو هجي. جيئن تہ:

چمن دل جي ۾ اي عارف گل عرفان پيدا ڪر عنا دل مثل دائم درد جو سامان پيدا ڪر.

عرفان سامان. قافيہ- پيدا ڪر رديف

قافيہ

قافيہ جي معنيٰ آهي پٺيان ويندڙ- ۽ اصطلاح ۾ ٻئي حرف مقرر ٿيل آهن جو هر بيت جي آخر ۾ مختصر لفظن سان آڇجن ٿا- ڪل 9 حرف آهن جن جا نالا عروض وارن هن طرح لکيا آهن- روي- تاسيس - دخيل- ردف- قيد- وصل- خروج- مزيد- نائره- انهن نون حرفن جو گڏ قافيہ ۾ اچڻ ضرور نہ آهي بہ هجن يا ٽي يا وڌيڪ جيئن تہ دن يا تن- بات- تات- قاتل- بسمل وغيره (روي) رجي زبر و جي زير سان بمعنيٰ تازو يا ڏاول اصطلاح ۾- هڪ حرف قافيہ جو- تيهن حرفن مان هڪ حرف جو ساڳو شعر جي پٺيان ايندو- جنهن کي روي جو حرف ۽ قافيہ چئبو- ٻيا اٺ حرف قافيہ جي حرف جا طابع آهن جن مان چار حرف قافيہ جي حرف جي اڳيان ايندا- ۽ چار حرف پويان ۽ انهن حرفن جو قافيہ جي حرف سان گڏ اچڻ ضروري نہ آهي. قافيہ ۾ جدا حرف بہ اچي سگهي ٿو- جيئن تہ ثنا- سخا- فقط الف قافيہ آهي. الم- غم- ميم قافيہ آهي. قافيہ جي اڳيان جيڪي چار حرف اچن ٿا تن جا نالا هي آهن:

تاسين- دخيل- ردف- قيد- تاسين الف سا ڪن يعني جزمي

ان جي اڳيان حرف زبر- زير يا پيش وارو- پوءِ حرف قافيه جو جيئن ته عامل ڪامل ع ۽ ڪ اڳيان حرف زبر وارو الف ساڪن حرف تاسين جو- دخيل اهو حرف آهي جو تاسين ۽ قافيه جي وچ ۾ متحرڪ يعني زير- زبر ۽ پيش وارو هجي- جيئن ته عامل ۽ ڪامل ۾ ميم الف تاسين جو حرف ميم دخيل جول روي يعني قافيه جو حرف (ردف) جا ٽي حرف آهن: الف- واوَ- ي ٽئي سا ڪن يعني جزمي- الف ساڪن جي اڳيان زبر وارو حرف ايندو پوءِ قافيه جيئن ته ڪمان- نشان (وائو) ساڪن جي اڳيان پيش وارو حرف ايندو- جيئن ته جنون، زبون (ي) ساڪن جي اڳيان زير وارو ايندو حرف جيئن ته جبين. زمين- اهو هڪ قسم جو ردف جيڪو حرف قافيه جي حرف سان لڳل هجي -ٻيو قسم- ردف زائد جيئن جو ردف ۽ قافيه جي وچ ۾ ٻيو حرف اچي اهي ڇه حرف آهن جيڪي وچ ۾ اچن تا خ سين- شين- ف- ر- نون- جيئن- سوخت- تاخت ريخت- (س) ڪاست پوست- (ش) داشت (ف) يا فت (ر) ڪارد (ن) راند- ماند- قيد قيد جا ڪل 14 حرف ساڪن يعني جزمي آهن جيڪي قافيه جي حرف سان لڳل ايندا آهن- جيئن -ب- خ -ر-ز-س -ش -غ -ف -ن -و-هه-ي - مثال- ابر- بخت- درد- بزم- مست- دشت- مغز- جفت- بند- نهر- خون- نيڪ- پويون قافيه جو حرف ان جي اڳيان جزمي قيد جو حرف آهي. ٻيا چار حرف جيڪي قافيه جي پويان اچن ٿا اهي هي آهن وصل- خروج- مزيد- نائره- وصل اهو حرف آهي جو قافيه جي حرف سان پويان لڳل هجي جيئن ته بيماري- بيداري (ر) حرف قافيه جو پويان ي حروف وصل جو. خروج: اهو حرف آهي جيڪو وصل جي حرف سان لڳل هجي- جيئن صدائي- فدائي- الف حرف قافيه جو- (و) وصل جو حرف آهي. مزيد: اهو حرف آهي جو خروج جي حرف سان لڳل هجي جيئن ته چرندو- مرندو- (ر) قافيه جو ۽ (ن) وصل جود خروخ جو (و) مزيد جو حرف آهي- نائره اهو حرف آهي جيڪو مزيد جي حرف سان ڳنڍيل هجي جيئن ته گذاريندو- سڌاريندو. (ر) حرف قافيه (ي) وصل جو(ن) خروج جو(د) مزيد جو (و) نائره جو حرف آهي.

قافين جا نالا

قافين جا نالا ڪل ڇهه آهن. مجرده. مطلقه. مقيده. مردفه. موسوسه. موصوله. (قافيه) مجره اهو آهي جو قافيه جي حرف سان سندس تابعن جو حرف گڏيل نه هجي جيئن رنجيده. ديده. فقط هه قافيه مجرد آهي. قافيه مطلقه: اهو آهي جو ان وصل جو حرف ڳنڍيل هجي. جيئن ته نشاني فاني. نون قافيه جو حرف ي وصل جو حرف گڏيل اٿس. مقيد قافيه: اهو آهي جو فقط قافيه جو حرف ساڪن يعني جزمي هجي سواءِ تابعن جي جيئن ته. فنا. ثنا. فدا. الف ساڪن قافيه جو حرف آهي. (مردفه) قافيه اهو آهي. جو قافيه واري حرف سان ردف جو حرف گڏيل هجي جيئن ته. مست. سست ت حرف قافيه جو. س: حرف ردف جو ڳنڍيل اٿس. (موسوسه) اهو قافيه آهي جو تاسيس جو حرف ان سان گڏيل هجي جيئن ته حاصل ۽ مائل. ل قافيه جو حرف الف جزمي تاسيس جو حرف وچ ۾ ص. ۽ الف همزو دخيل جو حرف اٿس. (موصوله) اهو قافيه آهي جنهن ۾ پويان تابع حرف هڪ يا ٻه يا وڌيڪ هجن جيئن ته. جلائي. ملائي. الف حرف قافيه جو پويان انجي تابع حرف همزو وصل جو ۽ ي خروج جو حرف آهي (مٿي ذڪر ڪيل قافيه) ٽن حالتن کان خالي نه هوندا. پهريون جيئن ته درد. سرد. لفظ ٻه ٻيا معنيٰ ٻه ٻي. ٻيو قافيه جا لفظ هڪ جهڙا هجن معنيٰ سندن ٻي هجي جيئن ته هم دم. هم دم. هڪ هم دم جي معنيٰ محبوب ٻي هم دم جي سان گڏ. ٽيون. لفظ ٻيا ٻيا. ۽ معنيٰ هڪ جهڙي. جيئن ته قرآن فرقان. ٻنهين جي معنيٰ ڪلام الله شريف آهي.

عيب قافين جا:

عيب قافين جا ڪل نو (9) آهن. اقوا. اڪفا. اجاره (تحريف روي) سناد. ايطا. معمول. غلو (تغير) اقوا: اهو عيب آهي. جو قافيه جي حرف جي اڳيان جيڪو حرف اچي هڪ مصرع ۾ زير سان ٻي مصرع ۾ زبر يا پيش سان جيئن ته لازم. دم ميم قافيه جو (ز) زير سان آهي ۽ (د) زبر يا پيش سان آهي. اڪفا. جيئن ته قافيه جا خود

حرف مختلف هجن. نجف. عجب. هڪ مصرع ۾ (ف) ۽ ٻي ۾ (ب) هي غلت قافيہ آهي (اجارهہ) قافيہ جا مٿين وانگي ٻيا ٻيا حرف هجن جيئن تہ. فراق. چاڪ. تحريف روي. جيئن تہ قافيہ جي حرف کي ٻي قافيہ جي ملائڻ ڪري مٽي ڇڏجي. جيئن تہ گاٺو. خواولفظ خوا ونہ آهي بلڪ خواب آهي. قافيہ جي ڪري (ب) کي (و) سان مٽڻ نہ گهرجي. سناد قافيہ جي لفظن ۾ اعرابن جو اختلاف جيئن تہ. ماهر سراسر. دخيل جو حرف آهي. (ه) (س) هہ زير سان ۽ س زير سان. ٻيو زور. عور. (ز) جو پيش. (غ) جي زير. مگر هي گهٽو ڪري عيب نہ آهي شاعرن جائز ڪيو آهي. ايطا. جيئن تہ ماه رويان. پاءِ ڪوبان. پويون الف ۽ نون. زائد آهي. قافيہ ي. ۽ ب مختلف آهن (معمول) قافيہ جي لفظن مان حرف جدا ٿي ٻي معنيٰ پيدا ڪري جيئن تہ. آئينہ آيونہ. هي وڏو عيب آهي. غلو. قافيہ جي حرفن جي اعرابن ۾ اختلاف جيئن تہ. طلب غضب. طلب واري (ب) جزمي. غضب واري (ب) زبر. يا پيش سان (تغير) گهٽو ڪري اردو زبان ۾ هي قافيہ ايندا آهن جيئن تہ. جانا مدينہ. فقط

فصل اعرابن ۽ حرفن جي بيان ۾

حروف تهجي ت جي زير سان يعني هجي وارا حرف ڪل ٽن قسمن جا آهن. مسروري. ملفوظي. مڪتوبي. مسروري اهي آهن جيڪي ٽن حرفن سان لکيا وڃن. ڪل ٻارنهن آهن جيئن تہ بي تي ثي حي خي ري زي طي ظي في هي يي. ملفوظي. اهي حرف آهي جيڪي تن حرفن سان لکيا وڃن. ڪل تيرنهن حرف آهن جيئن تہ الف. جيم. دال. ذال. سين. شين. صاد. ضاد. عين. غين. قاف. ڪاف. لام. مڪتوبي اهي حرف آهن. جيڪي ٽن حرفن سان لکجن مگر ان جو پهريون ۽ پويون حرف هڪ جهڙو هجي جيئن تہ. ميم. نون. واو. ڪل 28 حرف تن مان 8 حرف خاص عربي زبان جا آهن جنهن لفظ ۾ ڪو حرف ايندو تہ ان کي عربي لفظ چئبو. هي آهي ث ح ص ض ظ ط ع ق. ۽ چار حرف خاص فارسي زبان ۾ ايندا آهن جيڪي انهن 28 حرفن ۾ نہ آهن. جيئن تہ. پي چي ژي گاف. ۽

خاص سنڌي حرف ڪل ويهہ (20) آهن جيئن تہ ٻ ڀ ٽ ٿ ٺ ڦ ڃ جھ ڄ ڇ ڊ ڌ ڍ ڏ ڙ ک ڳ گھ ڱ ڻ هنن حرفن مان جيڪو بہ حرف ڪنهن لفظ ۾ ايندو۔ تہ ان کي خاص سنڌي چئبو۔ اهي ڪل حرف 52 آهن تن مان فقط (ژ) فارسي لفظ کان سواءِ ٻئي لفظ ۾ نہ ايندي۔ اهي 52 حرف سنڌي شعر ۾ ڪم اچن ٿا.

بيان اعرابن جو

اعرابون ڪل 8 آهن۔ زبر۔ زير۔ پيش۔ شد۔ مد۔ جزم تنوين۔ غنہ۔ جيئن تہ (مصرعہ) محبت عشق ان جي ۾ بط مٽي جيان هميشہ رهہ محبت واري م کي زبر۔ ح کي زبر۔ ب کي شد۔ شد جو قاعدو آهي تہ حرف جي بجاءِ ايندي آهي. لفظ آهي محب بت هڪڙي ب شد گم ڪري ڇڏي تہ ٿي پئي محبت۔ عشق (ع) جي هيٺان زير آهي (ش) کي جزم۔ ق کي پيش۔ (غنہ) نون آهي جو نڪ مان آواز ڏيندو آهي۔ جيئن تہ جان اهو نون غنہ آهي فقط حرف علت جي پويان ايندو آهي. حرف علت جا ٽي آهن ا۔و۔ي۔ ظاهر نہ پڙهبو جيئن تہ (مون) تون (ڏسين) ۾ مان۔ ظاهر نون اهو آهي جيئن تہ ڪان۔ ڪمان (مد) الف جي بجاءِ ايندي آهي جيئن تہ "آيو آهي" هڪ الف جي بجاءِ بہ الف پڙهبا. تنوين: ٻن زبرن۔ يا ٻن زيرن۔ يا ٻن پيشن کي چئبو آهي گهڻو ڪري عربي لفظن ۾ ايندي آهي۔ جيئن تہ طوعا ڪرها۔ صم بڪم وغيره.

اهي لفظ شعر جي وزن ۾ ڪهڙي طرح اچن ٿا

معلوم ڪرڻ گهرجي تہ جيڪي حرف ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا ۽ لکڻ ۾ نہ ٿا اچن۔ اهي وزن ۾ ايندا جيتوڻيڪ لکڻ ۾ نہ ويندا۔ جيئن تہ شد وارو حرف محبت ب تي شد آهي۔ اصل ۾ محبت ۾ ٻي بہ بي آهي. شد جي بجاءِ جا لکڻ ۾ نہ اچي. محبت جو وزن ٿيندو فعولن شد بہ هڪ حرف آهي. ٻيو محبت ۾ چار حرف آهن شد سان پنج حرف ٿيندا محبت وزن فعولن ٿيندو. مد: مد بہ بجاءِ الف جي آهي جو ٻيو الف لکڻ ۾ نہ ٿو اچي جيئن تہ "آيو" وزن ٿيندو فعلن. ٻيا اهي حرف جيڪي لکڻ ۾ ايندا ۽ ڳالهائڻ ۾ نہ ايندا۔ اهي وزن ۾ بہ

نہ ايندا جيتوڻيڪ لکڻ ۾ ايندا. جيئن تہ خواب وائو لکڻ ۾ اچي ٿي مگر وزن ۾ نہ ايندي. وزن ٿيندو فاع يعني خاب ۽ نون غنہ مثال مصرع "اچين تڏهن بہ نہ ٿو توڙي جان بہ لب آهيان." وزن مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن. اچين تڏهن مفاعلن. نون ۽ ي نکري ويا لفظ ٿيو اچي تڏهہ مفاعلن. بہ نہ ٿو تو. فعلاتن. ڙي جان بلب. مفاعلن. ي جزمي ۽ نون غنہ ۽ ي وزن ۾ نہ آيا. لفظ ٿيو ڙ جا بلب. آهيان. فعلن. ي. جزمي نون غنہ ۽ ي وزن ۾ نہ آيا لفظ ٿيو آها. حرف علت جا ٿي 3 آهن. اف. واءِ. ي. جيڪڏهن جزمي ٿيندا تہ گهٽو ڪري وزن ۾ نہ ايندا. مگر جنهن حرف جي حذف سان معنيٰ ڦري يا نہ نکري تہ حذف نہ ڪبو. جيئن. ضرور. حضور. واٿو ڪيبي تہ ٿيندو. ضرر. حضر. معنيٰ ڦري وئي. اهڙي واٿو وزن ۾ ايندي. واٿو عطف جي وزن ۾ نہ ايندي جا ٻن لفظن جي جدا ڪرڻ لاءِ وچ ۾ اچي ٿي. جيئن تہ صبح و شام. زير. خنجري. اها زير اضافت جي ڇٽبي آهي. جا ي جي بجاءِ ايندي آهي. اها وزن ۾ ايندي جيئن تہ (مصرع) يار اهي بيخبر درد دل دلگير ڪان. وزن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن.

زير بجاءِ ي جي آهي. بيخبر در. فاعلاتن دي دل ي دل فاعلاتن. زير جي بجاءِ ي اچي وئي. ڪن جاين تي هہ خنده ياده بنده واري بہ وزن ۾ نہ ٿي آڻجي. مثال مصرع

توبہ جو خون باده ڪشن کي حلال آ

توبہ جو مفعول هت هہ توبہ واري وزن ۾ آئي. خون باده فاعلات هت هہ وزن ۾ نہ آئي. باده جي بجاءِ ٿي باد. ڪشن کي ح مفاعيل. لال آ. فاعلن جيڪڏهن بہ حرف ساڪن يعني جزمي گڏ ايندا تہ هڪ حرف وزن ۾ محذوف ڪبو. جيئن تہ چيست. ڪيست. دوست. پوست وزن ٿيندو فاع پويان بہ حرف ساڪن آهن تنهن ڪري هڪ حرف وزن ۾ نہ آڻبو. فقط

فصل بحرن وزنن رڪنن جي بيان ۾

بحر بمعنيٰ درياءَ هي بہ هڪ شعر جو درياءَ آهي جنهن ۾ وزنن جون

موجون ۽ لهرون آهن. بحر ڪل 19 آهن جيڪي فارسي اڙدو ۽ سنڌي زبانن ۾ مروج آهن: 1ـ طويل 2ـ مديد 3ـ بسيط 4ـ ڪامل 5ـ وافر 6ـ رمل 7ـ هزج 8ـ رجز 9ـ منسرح 10ـ مضارع 11ـ سريع 12ـ خفيف 13ـ مجتث 14ـ مقتضب 15ـ متقارب 16ـ متدارڪ 17ـ قريب 18ـ جديد 19ـ مشاڪل.

پنج بحر فقط عربن عربي زبان ۾ ڪم آندا آهن ٻين ٻولين ۾ تمام گهٽ آهن 1ـ طويل 2ـ مديد 3ـ بسيط 4ـ ڪامل 5ـ وافر.

رڪن وزن کي چئجي ٿو. هر هڪ بحر ۾ هڪ رڪن يا ٻه رڪن ايندا.

MAAB 1431

هر هڪ رڪن ۾ 7 حرف يا 5 حرف ايندا. 7 حرفن واري رڪن کي سباعي ۽ 5ـ حرفن واري رڪن کي خماسي چئجي ٿو جيئن ته رڪن هي آهن: متفاعلن مستفعلن هنن کي سباعي چئبو جو ست حرف آهن جيئن ته رڪن آهي فاعلن. فعولن هنن کي خماسي چئبو جو پنج حرف آهن. هر هڪ بحر ۾ هڪ رڪن ايندو يا ٻه رڪن ايندا. خماسي يا سباعي

هڪ رڪن وارا بحر

بحر ڪامل. بمعنيٰ ڏکو رڪن. متفاعلن ڪنهن به شعر جي وزن ۾ هي رڪن متفاعلن اٺ (8) پيرا ايندو ته ان کي مثمن چئبو

2ـ بحر وافر بمعنيٰ ڪشادو رڪن مفاعلتن

3ـ بحر رجز (ر) جي زير سان بمعنيٰ پريشان، رڪن مستفعلن

4ـ بحر هزج بمعنيٰ آواز يا سرود خوش، رڪن مفاعيلن

5ـ بحر متدارڪ بمعنيٰ ڳنڍجڻ رڪن فاعلن

6ـ بحر متقارب بمعنيٰ ويجهو، رڪن فعولن

7ـ بحر رمل بمعنيٰ تڏو اٽڻ، رڪن فاعلاتن

ٻن رڪنن وارا بحر

1ـ بحر بسيط بمعنيٰ وڇايل، رڪن مستفعلن فاعلن

2ـ بحر طويل. ڊگهو. رڪن فعولن مفاعلن

3ـ بحر مديد: ڪڍيل بحر طويل مان، رڪن فاعلاتن فاعلن

maablib.org

4- مجتث ميم جي پيش سان: پاڙ کان وڍيل، رڪن مستفعلن فاعلاتن

5- بحر مقتضب ميم جي پيش سان: بمعنيٰ وڍيل ٿيل رڪن مفعولات مستفعلن

6- منسرح بمعنيٰ آسان رڪن مستفعلن مفعولات

7- جديد بمعنيٰ تازو، نئون، رڪن فاعلاتن فاعلاتن مستفعلن

8- مضارع بمعنيٰ مشابهت رکندڙ- قريب سان رڪن مفاعيلن فاعلاتن

9- قريب بمعنيٰ ويجهو مضارع سان، رڪن: مفاعيلن مفاعيلن فاعلاتن

10- مشا ڪل بمعنيٰ هم شڪل- قريب سان رڪن فاعلاتن مفاعلن فاعلاتن

11- سريع بمعنيٰ جلد، رڪن مستفعلن مستفعلن مفعولات

12- خفيف بمعنيٰ هلڪو رڪن فاعلاتن مستفعلن فاعلاتن

بحر ٻه قسم آهي

هڪ بحر سالم- ٻيو بحر مزاحف

بحر سالم ان کي چئجي جنهن جي وزن جي رڪن ۾ ڦير ڦار نه ٿئي ساڳيوئي رڪن هليو اچي مثال: بحر هزج سالم خداوند گلي مقصود کولج دل جي بستان ۾

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن ساڳيوئي آيو ان ۾ ڦير نه ٿيو-

ٻيو قسم- جنهن شعر جي وزن جي رڪن ۾ ڦير ڦار ٿيندو ته ان کي سالم نه چئبو، ان کي مزاحف ح جي زبر سان چئبو. مثال:

بحر هزج محذوف- "ڪيان مان يار جي تعريف چاچا" مفاعيلن مفاعيلن فعولن

هزج هن کري چئجي ٿو جو رڪن هن جو مفاعيلن آهي. محذوف هن کري چئجي ٿو جو پڇاڙي ۾ مفاعيلن جي بجاءِ ڦير ڦار سان فعولن ٿيو.

ٻيو مثال- بحر هزج اخرب مڪفوف محذوف اي يارسوا تنهنجي سهاروئي نہ آهي. مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

بحر هزج جو رڪن آهي مفاعيلن- مفاعيلن جي بجاءِ آيو، مفعول تہ ٿيو اخرب وري مفاعيلن مان نون نڪري ويو تہ ٿيو مفاعيل تہ چئبو مڪفوف وري فعولن تہ ٿيو محذوف-

سالم رڪن بحرن جا ڪل ڏهہ آهن

1- فعولن 2- فاعلن 3- مفاعيلن 4- مستفعلن 5- مستفع لن 6- فاعلاتن 7- فاع لاتن 8- متفاعلن 10- مفعولات

هي رڪن جنهن شعر جي وزن ۾ ساڳائي ايندا ڦيرڦار کان سواءِ ان شعرکي سالم چئبو-

انهن رڪنن جي ڦيرڦار سان جيڪي شعر ٺهندا انهن کي مزاحف چئبو.

فصل بحرن جي زحافات ۾

زحف جي معنيٰ آهي: اصل کان پري پوڻ. اصطلاحي معنيٰ اصلي رڪنن ۾ ڦيرڦار ڪرڻ- ڦيرڦار جا ٽي قسم آهن 1- اصل رڪنن مان ڪي حرف ڪيرڻ 2- اصل رڪنن ۾ ڪي حرف وڌائڻ3- متحرڪ کي ساڪن ڪرڻ يعني زير زبر پيش واري حرف کي جزمي حرف ڪرڻ

نالا زحافات جا

اضمار: زير سان گهوڙي کي ڏبرو ڪرڻ. اصطلاحي معنيٰ اصل رڪن متفاعلن جي ف ساڪن يعني جزمي ڪرڻ مستفعلن ٿيو.

خبن: زير سان بمعنيٰ گجهو ڪرڻ. اصطلاحي معنيٰ: اصل رڪن فاعلن ۽ مستفعلن مان متفعلن ڪرڻ. مفعولات مان مفولات يا فعولات اهڙي شعر کي مخبون چئبو-

maablib.org

قص زبر سان، گردن ڀڃڻ، اصطلاحي معنيٰ: اصل رڪن متفاعلن مان ت ڪيرڻ، مفاعلن ڪرڻ.

طي زبر سان، معنيٰ: ڪيرائڻ. مستفعلن مان ف ڪيرائي مستعلن ڪرڻ: ان جي بجاءِ مفتعلن آڻيندا آهن. مفعولات مان مفعلات بجاءِ ان جي بجاءِ فاعلات آڻيندا آهن هن کي مطوي چئبو.

عصب عين جي زبر سان. گڏ ڪرڻ، تاريون وڻ جون وڍڻ لاءِ، اصطلاح ۾ مفاعلتن جي لام کي جزمي ڪرڻ بجاءِ ان جي مفاعيلن آڻيندا آهن.

قبض ڇنبي سان وٺڻ. مفاعيلن مان ي ڪيڍي مفاعلن ڪرڻ، فعولن مان فولن يا فعول هن کي مقضوب چئبو.

عقل زبر سان، اٺ جون ڄنگهان ٻڌڻ، مفاعلتن مان ت ڪيڍي مفاعلن ڪرڻ.

ڪف زبر سان، موٽائي رکڻ. اصل رڪن مان پوين ستو حرف ڪيڍڻ فاعلاتن مان فاعلات، مفاعيلن مان مفاعيل. هن کي مکفوف چئبو.

فصل گڏيل زحافات ۾

خبل زبر سان، هٿ پير وڍڻ اصطلاح ۾ خبن ۽ طي گڏڻ. مستفعلن مان متعلن بجاءِ ان جي مفتعلن آڻن ٿا. مفعولات مان معلات ان جي بجاءِ فعلات آڻيندا آهن.

خزل زبر ۽ جزم سان وڏيل. گڏجڻ اضمار ۽ طي جو. متفاعلن مان مفعلن هنکي مخزول چئبو.

شڪل زبر سان، جانور جا پير ٻڌڻ. خبن ۽ ڪف جو گڏجڻ فاعلاتن مان فعلات، مستفعلن مان متفعلن بجاءِ ان جي مفاعيل آڻيندا آهن هن کي مشڪول چئجي.

نقص بمعنيٰ گھٽ ڪرڻ. عصب ۽ ڪف جو گڏجڻ مفاعلتن مان مفاعيل

تشعيث پريشان ٿيڻ. فاعلاتن مان فالاتن بجاءِ ان جي مفعولن آڻيندا آهن هن کي مشعث چئجي ٿو.

اذالت دامن ڍگهي ڪرڻ اصل رڪن ۾ الف زياده ڪرڻ جيئن تہ متفاعلن مان متفاعلان، فاعلن مان فاعلان، مستفعلن مان مستفعلان هن شعرکي مذال چئجي ٿو.

تسبيغ تمام ڪرڻ. هن ۾ بہ الف زياده ڪرڻو آهي. فعولن مان فعولان، مفاعيلن مان مفاعيلان، مفاعلتن مان فعلتان هنکي مسبغ چئجي.

حذف بمعنيٰ ڪيرڻ. پويان بہ حرف ڪيرڻ، فاعلاتن مان فاعلا بجاءِ الف جي نون آڻيندا آهن. فاعلن ۽ فعلن فعولن مان فعو بجاءِ ان جي فعل، مفاعيلن مان مفاعي بجاءِ ان جي فعولن. هن کي محذوف چئبو.

قصر ڪوتاه ڪرڻ. فاعلاتن مان فاعلات بجاءِ ان جي فاعلان آڻيندا آهن. فعولن مان فعول مفاعيلن مان مفاعيل. هن کي مقصور چئجي ٿو.

قطع زير سان، وڍڻ. مستفعلن مان مستفعل. متفاعلن مان مفاعل بجاءِ ان جي فعلاتن آڻيندا آهن وغيره.

ثلم رخنو ڪرڻ. پهريون حرف ڪيرڻ، فعولن مان عولن. بجاءِ ان جي فعلن آڻيندا آهن. هن کي اثلم چئبو.

وقف بيهڻ. مفعولات مان مفعولان. هي موقوف آهي مفتعلن مان فاعلن.

کسف اٿ جي ڪڙي وڍڻ. مفعولات مان مفعولان. هي مکسوف آهي.

خرم نڪ جو پردو ڦاڙڻ. مفاعيلن مان مفعولن يا مفاعيل آڻڻ. هن کي اخرم چئجي ٿو.

ثرم — زير سان، ڏند پيڇڻ- فعولن مان فاع آڻڻ- هي اثرم آهي.

شتر — زير سان، وڏيل- مفاعيلن مان فاعلن- هي اشتر آهي.

خرب — ويران ٿيڻ- مفاعيلن مان فاعيل بجاءِ ان جي مفعول آڻن ٿا. هن کي اخرب چئبو.

غضب — تاري پيڇڻ- مفاعلتن مان فاعلتن، هي مقضوب آهي.

ازال — ڏيري ران- مفاعيلن مان فاع آڻڻ- هن کي ازال چئجي.

ڪي بيت مثال طور ديوان قادري مان بحر سالم ۽ بحر زحافات جا ڏجن ٿا.

بحر هزج مثمن سالم

شعر — سويرو جاڳ اي غافل پريو ٿي بار ڪافوري

وزن — مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

شعر — اڳيان گرمي اَٿي توکي خبر ناهين چا منزل جي

وزن — مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن.

اٺ پيرا مفاعيلن آيو تہ ٿيو مثمن ساڳيو ئي. مفاعيلن ڦير قارڪان سواءِ آيو تہ ٿيو سالم

بحر رجز مثمن سالم

شعر — تنهنجو ستم ۾ ناز هو منهنجو نياز ۾ سار هو

وزن — مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

شعر — پنهنجي جفا ڪي ياد ڪر منهنجي وفا ڪي ياد ڪر

وزن- — مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

نياز- واري (ز) وقف آهي. عروض جي قاعدي موجب وزن ۾ نہ آڻبي- مثمن ۾ سالم ساڳي طرح ٿيو-

بحر ڪامل مثمن سالم

شعر — نہ ڪي عيش ۾ نہ وصال ۾ نڪي بزم مئي نہ بهار ۾

وزن — متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن

شعر — جيڪو دل جي درد ۾ لطف آ ۾ جگر جي سوزگداز ۾

وزن متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن

جزمي حرف ي- و- ي ضرورت وقت وزن ۾ نٿا اچن ۽ سوزواري وائو وزن ۾ اچي ٿي.

بحر متعارب مثمن سالم

شعر هلي ٿو ڇا وس خدا تي ڪنهن جو

وزن فعولن فعولن فعولن فعولن

شعر ٽيڪ قادري گهرجي راضي رضا تي

وزن فعولن فعولن فعولن فعولن

اٺ پيرا ساڳيو رڪن آيو تہ ٿيو مثمن ۽ سالم.

بحر متقارب مثمن محذوف

شعر ڪرشموانهيءَ جو جفا عاشقن

وزن فعولن فعولن فعولن فعل

شعر وڏيو عشق جورو جفا کي ڏسي

اٺ دفعا رڪن آيو تہ ٿيو مثمن، پڇاڙيءَ واري رڪن ۾ حذف وارو زحف پيو تہ ٿيو محذوف. ساڳي رڪن فعولن مان وائو ۽ نون نڪري ويو تہ ٿيو فعل.

بحر سريع مسدس مطوي موقوف

شعر ساقيا ڏي جام مئي خوشگوار

وزن مفتعلن مفتعلن فاعلن

شعر هورتي نشي ۾ غم هجريار

وزن مفتعلن مفتعلن فاعلن.

هن ۾ ڇهہ (6) پيرا رڪن آيو تہ ٿيو مسدس. اصل رڪن بحر سريع جو آهي. مستفعلن زحف طي جي سان ٿيو مفتعلن تہ هن کي چئبو مطوي. وري متفعلن مان زحف وقف جي سان ٿيو فاعلن تہ چئبو موقوف. تنهن ڪري ٿيو مطوي موقوف.

بحر مجتث مثمن مخبون محذوف

شعر ويو بهار جوانيءَ جو باغ عمر جي مان

وزن مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

شعر مثال بلبل گلرو جي آرزو نہ وئي

وزن مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن.

زحف خبن جي سان ٿيو فعلاتن. زحف حذف جي سان ٿيو فعلن تہ هن کي مخبون محذوف چئبو.

بحر هزج مسدس مقصور

شعر ٿيو آهي اسان سان بيوفا چرخ

وزن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

شعر کري ٿو ڪيترا ڪم نا روا چرخ

وزن. مفاعيلن مفاعيلن مفاعيل

ڇھہ پيرا رڪن آيو تہ ٿيو مسدس، قصر جي زحف سان پويون رڪن ٿيو مفاعيل تہ هن کي چئبو مقصور.

بحر هزج مثمن اخرب

شعر توحيد جي مئي جو ڏي هڪ پر ڪري پيمانو

وزن مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن

آباد سدا ساقي تنهنجو رهي ميخانو

مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن

خرب جي زحف سان ٿيو مفعول تہ هن کي چئبو آهي اخرب.

بحر رجز مثمن مطوي مخبون

شعر وصل گهرين جي يار جو جسم ۾ جان ڪر فدا

مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن

عشق ۾ ان جي قادري نفس سان تون جهاد ڪر

مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن

طي جي زحف سان مستفعلن مان مفتعلن ٿيو. خبن جي زحف سان مفاعلن ٿيو تہ چئبو مطوي مخبون.

بحر رمل مسدس محذوف

شعر گلشن حمدِ خدا بي انتها

وزن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

maablib.org

فهم جي پهچي نہ ٿي ان کي صبا
فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ن ۽ دال جي هيٺان جيڪا زير آهي سا (ي) جي بجاءِ آهي. وزن ۾ اٽجي- پويون رڪن فاعلاتن مان ٿيو فاعلن تہ هن کي چئبو محذوف.

بحر رمل مثمن مخبون محذوف

شعر گلشن دل ۾ محبت جو شجر پيدا ڪر
وزن فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن
تازگي ان جي لئي بس ديدئہ تر پيدا ڪر
فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن

خبن جي زحف سان فاعلاتن مان فعلاتن ٿيو. حذف جي زحف سان ٿيو فعلن- تہ چئبو مخبون محذوف ۽ محبت واري شد حرف جي بجا آهي وزن ۾ حرف ڪري اٽبو تہ ٿيندي محب بت

بحر مضارع مثمن اخرب مقفوف محذوف

شعر جنهن دل ۾ درد نانهہ حسينن جو قادري
وزن مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن.
آهي سا دل وليڪن پر استخوان دل
مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن
مفعول اخرب فاعلات مڪفوف فاعلن محذوف

بحر مضارع مثمن اخرب

شعر دنيا جي ڇڏ محبت رک عشق خاص حق جو
وزن مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن
فتنو خلل جهان ۾ دنيا ۽ مال آهي
مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن
مفعول جي ڪري اخرب ٿيو.

بحر هزج مثمن اخرب مقفوف محذوف

شعر محشر ۾ هوندو شاه ۽ مخمور قادري

وزن مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

ڏيندو جوان کي جام پري ساقئي ڪوثر

مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن

مفعول اخرب مفاعيل مڪوف فاعلن محذوف

بحر متقارب مقبوض اثلم 16 رڪني

شعر چڏي زماني کي قادري ڏي فقط محبت ۾ يار جي ره

وزن فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن

پري ٿو هاٽي زماني هن ۾ بجائي روغن جي آب خالص

فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن فعول فعلن

زحف قبض جي ڪري ٿيو فعولن مان ٿيو فعول ۽ زحف ثلم جي ڪري فعولن ٿيو فعلن هن کي چئبو مقبوض اثلم ۽ 16 رڪني جو 16 پيرا هڪ رڪن آيو.

نمونو تقطيع يعني ٽڪر ٽڪر ڪرڻ جو

قاسي چو دل تي حسن تي عشق مجاز ۾

دل جي ڪشش جي رمز آ سهڻن جي ناز ۾

قاسي چو مفعول- واو جزمي وزن ۾ آڻجي ٿي- تہ ٿيو قاسي چ مفعول- دل تي حسن- فاعلات ٿي جي ي وزن ۾ نہ آڻبي تہ ٿيو- دل ت حسن- فاعلات- تي عشق م- مفاعيل تي واري ي وزن ۾ نہ آڻبي ق جي زير اضافت جي آهي جا عروض جي قاعدي موجب ي ڪري وزن ۾ آڻبي تہ ٿيو ت عشقي م- مفاعيل- جاز ۾ فاعلن ميم جون بہ زيريون ي جي بجاءِ آڻبيون- دل جي ڪ مفعول- شش جي رمز فاعلات آ سهڻن جي- الف جي مد بجاءِ الف جي آهي اهي بہ الف ڪري ڄاڻبا مگر هڪ ونبو- قاعدي موجب ڪن جاين تي بہ ڪن تي هڪ ونڊ ۾ ايندو ناز ۾ فاعلن.

تمت بالخير

عروض جو علم تمام وسيع ۽ گهڻو آهي- مگر هت شاعرن جي سمجهاڻي لاءِ مختصر آندو ويو.

حاجي علي محمد قادري ولد مرحوم ميان بهاؤالدين- لاڙڪاڻو

تاريخات طبع

از ڪلڪ جواهر سلڪ شاعر عجيب
جناب ماستر جمعہ خان صاحب غريب

قادري صاحب هجي آباد و شاد
شاعرِ سرتاج يا شيرين دهن

عمر خضري سان هجي صحت سان خوش
دور ان مان نت هجي رنج و محن

قادري صاحب جو ٿيو ديوان راس
فيض وٺندا ان منجهان اهلِ وطن

صورت ۽ معنيٰ ۾ سهڻو هي ڪتاب
بلبلِ دل آه هي ۽ گل بدن

پڙهندا هي ديوان ايندا رقص ۾
سنڌه جا سهڻا سيئي هر مرد و زن

قادري ديوان، شاعر قادري
قادري اشعار يا شرين سخن

شعر جو گلزار هي خندان هجي
ٻهڪندڙ پڻ عمر شاعر جو چمن

فڪر سن اتمام ديوان جو ڪيم
مونکي هي هاتف ٻڌايا هردو سسن

آهي هي ديوان مغزِ معرفت
1939ع

سال هجري دولتِ رازِ سخن
1358ھ

maablib.org

ازقلم معجز رقم جناب ماستر
محمد صديق صاحب مسافر

ويئي لاڙڪاڻي ڏي ڇڪي خوش قسمتي زمام
ديدار دوستن جي سان حاصل خوشي ٿي جام
حاجي علي محمد سو قادري فقير
جنهنجي پسڻ جو دل کي گهڻو شوق هو تمام
انجي ملڻ جو شرف سريو پڻ سري خوشي
تهڙو بزرگ سو هو بڌم جهڙو نيڪ نام
ات مون ڪيو مطالع ديوان قادري
ڇپجي اگرچه ٿيو نہ اڃا هو اهو تمام
پڙهندي ڪلام دل کي مسرت ملي گهڻي
مضمون دلپسند عبارات خوش نظام
ديوان قادري جي ٿي توحيد ابتدا
روحانيت جي رمز انهيءَ جو سڻو انجام
پلٽايو بحر طبع رسا ان بزرگ جي
موتي ڪي معرفت جا منجهس بي بها مليام
آل- عبا جي حب سان زينت ڪلام کي
ذڪر- حقيقت آه ٿيو ظاهر مجاز مام
هر نظم آهه باغ بلاغت جو پر بهار
هر بيت گل شگفتہ معطر ڪيو مشام
شل يادگار قائم هوءِ قادري سندو
تاريخ طبع نظم جا دل ۾ امنگ اٿيام
چيو شڪر غيب کولي مسافر کي هئن سروش
ديوان قادري ٿيو عجيب گلشن- ڪلام

1358ھ

از طبع شاعر شيرين گلچين گلستان حسان
جناب سيٺ غلام احمد صاحب نظامي

ڪيو آ قادري ديوان تيار
تيا جنهن کان اڳيان ديوان مغلوب

عروضي فن سان سڀ شعر آهن
ادب جي طالبن جو آه مطلوب

چيو هاتف نظامي کي سڏي هيئن
سر معنيٰ سان هجري سن سخن خوب

1358هه

وري سن عيسوي لئي جو پڇيس مون
چيو يڪدم ته هاتف خاص مرغوب

1939ع

MAAB 1431
maablib.org

ازناخداءِ سخن شاعر بي بدل
ميان عبدالوهاب صاحب ناظم

طبع ٿيو ديوان آخر قادري
ڪئي ڪمائي نيٺ ظاهر قادري

شعر هر هڪ جنهنجو آهي گل گلاب
ڪيو دماغن کي معطر قادري

شائقو آن خوش رهو جو آ ڪيو
پر ادب جي مئي سان ساغر قادري

آهہ ڪهنہ مشق علامہ اديب
شعر جي فن ۾ آ ماهر قادري

عيسوي هجري سنن لئي دل چيو
بيت هيٺيون طبع خاطر قادري

قادري اشعار پر انوار وہ

1358ھ

گوهرِ اذڪار شاعر قادري

1939ع

آ دعا ناظم جي دل سان دائما
شل رکي خوش "رب قادر" قادري

MAAB 1431
maablib.org

ازنتيجءِ فڪراديب العصر جناب
حاجي محمود صاحب خادم

علي محمد حڪيم زوار حاجي صوفي فقير آهي
رکي طريقو تہ قادري جو گهڻن مريدن جو پير آهي
سندس تخلص آ قادري پڻ ۽ لاڙڪاڻي جو آه ساڪن
ڳڙهي ميان جو صدر نشين آهہ قوم جو جام مير آهي
گهڻن ئي مردن جو مرد آهي گهڻن اديبن جو آ معلم
گهڻن ضعيفن جو پرجهلو آ گهڻن هو ويرن جو وير آهي
هو شيردل آه خوش ۽ خورم هو چست چالاڪ تندرست آهہ
جوان همت سدا اگرچ اسي وره جو ڪبير آهي
تي ڪيترو قوم تهنڪي پائين اهو تون سمجهي سگهين تو هن مان
تيو هِو چاليهہ سال سارا ميونسيپل مشير آهي
تيو اُڻويهہ سئو مٿي ٺيهہ ڪان مٿي لون تہ عيسوي سن
تيار ديوان قادري تيو جهين ۾ صنعت ڪثير آهي
ويو ٿي تيرنهہ سئو سال پنجاهہ ڪان مٿي اٺ تہ هجر جو سن
ٿي سنڌ ۾ سا عجيب تصنيف هر طرح بي نظير آهي
دعا هي خادم جي آه دل سان تہ ٿئيس محمود عاقبت شل
رکي سدا قادري کي خوش سو جو ڪل شيءِ قدير آهي

maablib.org

ازتبع شريف شاعر ابن شاعر
ميان دوست محمد صاحب دوست ابن غريب

هجي قادري پير شاعر سدا خوش
سلامت هجي با امانت و ڪرامت

دعا منهنجي هي با سعادت بس آهي
تہ قائم سندس خاندان تا قيامت

ٿيو انجو ديوان اظهار آهي
سو اشعار سنڌيءَ سندو زيب زينت

ڪندا درس شاعر هتان سنڌ جا سڀ
هي ديوان استاد ٿيو با لياقت

ڪيم سال اتمام ديوان جو فڪر
تہ ٿيو هڪ "زهي آفتابہ بلاغت"

ٿيو هجري سن باسرہ يادگار آهہ
هي افروزوه ماهتابہ فصاحت

MAAB 1431
maablib.org

مفردات

(1) از حضرت صديقي ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب

جنابِ قادري در لاڙڪاڻه
بہ فن شعر گوئي هست ماهر
هزا رو سہ صدو پنجاه هشتم
شده اين قادري ديوان ظاهر

(2) از جناب حافظ عبدالله صاحب

سال هجري جي لئي چيو حافظ
چٽو هي سحرِ هلال نظم آهي
1358هہ

(3) از حاجي محمود خادم

پڇو جو عيسوي سن لاءِ خادم
چيو هاتف انيسِ شعر مرغوب
1939ع

(4) ساڳيو

عيسوي سال لئي چيو خادم
دل مبين حق نما بصيرت بخش
1939ع

تمام شد

maablib.org

صغیر
مرکز احیاء آثار برّ
MAAB 1431
maablib.org

قادري خاندان جو ادبي حوالي سان يا روحاني حوالي سان ڪيل خدمتون بي مثال آهن، ميان محمد صالح قادري ۽ ڪان ولي غلام محمد گدا تائين يا موجوده دور ۾ سائين ذوالفقار قادري ؒ تائين قادري خاندان جو خدمتون اڻمٽ آهن. اوهان شايد ڊاڪٽر اياز قادري ۽ کي ايترو ويجهو نه ڏٺو هجي، پر مون کيس انتهائي ويجهو ۽ عقيدت واري متوازن انداز سان ڏٺو آهي. اهڙي نموني جيڪڏهن اوهان قادري خاندان جي فقط هڪ ئي شخصيت کي Balanced Angle سان ڏسي پي ايڇ ڊي ڪيو ته اوهان کي ڪيترين ئي پي ايڇ ڊي ۽ جون ڊگريون ڪرڻيون پونديون.

ڊاڪٽر سخي قبول محمد

سجاده نشين، درگاهه سچل سرمست درازا

”نماڻو، نهٺو، نيڪ، سڀاجهو، مٺو ۽ مهربان ۽ ڪنهن جي تيري ۽ ميري ۾ مان نه چاڻندڙ، بزرگن جهڙي روش، اٿي ۽ ويٺي ۽ ڏاڍي وضع داري، ائين پيو معلوم ٿيندو ڄڻ سيني جو سرپرست ۽ سڄي محفل جو مربي آهي، سيئي ڄڻ سندس اولاد ڀيا سونهن.“

پير حسام الدين راشدي

”مرحوم قادري سنڌي، فارسي ۽ اردو ۾ چڱي دسترس رکندو هو. وقت جي پختہ شاعرن ۾ سندس مقام مڃانهون هو. پاڻ شاعر ميان غلام محمد ”گدا“ جو شاگرد هو. سندس ڪلام پڪو، پختو ۽ وڻندڙ آهي. ”بزم مشاعره“ لاڙڪاڻو سندس محنت جو نتيجو آهي. مرحوم علي محمد قادري اوصاف فقيرانه سان سينگاريل هئو.“

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

لاڙڪاڻي ۾ بزم مشاعرو ميان علي محمد قادري صاحب سرجوشي سان تڏهن پيدا ٿيو، جڏهن ڪنهن کي به مشاعري ڪرڻ جو خيال نه هو. ميان صاحب (قادري) ان ڪري سنڌ ۾ مشاعري برپا ڪرڻ جي لحاظ کان شعر جي ترقي واسطي پاڻ پتوڙڻ جي ڪري مشاعري جو ابو ڪري ڪوٺجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.

پروفيسر رام پنجواڻي